واحد بخش شيخ

سنڌي ٻوليءَ جو صَرف ۽ نَحوَ

ڀاڱو پهريو

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو حيدرآباد سنڌ

سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو
(ڀاڱو ٻيو)

مصنف:
واحد بخش شيخ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ
١٤١٠ھ/١٩٨٩ع

ڇاپو پهريون   ١٩٨٩ع   تعداد ١٠٠٠

[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: پنجاهہ روپيا
[Price: Rs. 50 – 00]

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بُڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.
فون نمبر ٢٤٢٦٩٤

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو ۽ مسٽر حبيب الله صديقي سيڪريٽري/ ڊائريڪٽر سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

فهرست

- زمان ١–٦٧
- فعل جون ﭘڇاڙيون ٦٨–٧٠
- فعل جي نسبت ٧١–٧٦
- ظرف ٧٧–٩٦
- حرف ٩٧–١٣٤

ڀاڱو ٻيو

- جملو ۽ جملي جا قسم ١٣٧–١٨٢
- جملي ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ انهن جي اهميت ١٨٢–٢٤٣
- جملي ۾ لفظن جو پاڻ ۾ ربط يا لاڳاپو ٢٤٤–٢٦١
- وقف يا بيهڪ جون نشانيون ٢٦١–٢٨٠
- تقويم يا جنتري يا ڪئلينڊر ٢٨٠–٢٨٤

هي ڪتاب پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، اسلام آباد جي تعاون سان شايع ڪيو ويو آهي.

١٢. زمان

فعل هميشه اسم يا ضمير بابت ڳالهه ڪري ٿو ۽ هلندڙ يا ايندڙ وقت جي خبر ڏيندو آهي، تنهنڪري فعل جا مکيه يا بنيادي زمان ٽي مقرر ڪيا ويا آهن. اهي آهن:

١. مضارع
٢. ماضي
٣. مستقبل

مذڪور زمان بنيادي طرح مفرد آهن ۽ ٻيا زمان، جي انهن سان فعل معاون يا ٻئي ڪنهن فعل گڏڻ سان ٺهندا آهن، سي مرڪب زمان ليکجن ٿا.

١. زمان مضارع - اهو فعل، جنهن سان حال توڙي مستقبل جي معنيٰ نڪرندي هجي، تنهن جي زمان کي مضارع چئبو آهي. مضارع جي معنيٰ آهي: شريڪ يا مشابهت رکندڙ. هي فعل حال ۽ مستقبل ٻنهي سان لڳندو آهي، مثلاً: 'پڙهي' يا 'ڪري' زمان مضارع جا صيغا آهن، جن سان مراد آهي، ته هاڻي پڙهي يا ڪري، يا ايندڙ وقت ۾.
مضارع سان، گهڻو ڪري، امڪان يا خواهش جو مطلب نڪرندو آهي.

مضارع جي ترڪيب:

اصل فعل کي شخصي پڇاڙين گڏڻ سان زمان مضارع ٺهندو آهي. وضاحت يا تاڪيد لاءِ مضارع جي اڳيان ضمير منفصل استعمال ٿيندو آهي، ورنه عام حالت ۾ شخصي پڇاڙيون ڪم آڻيون آهن. مضارع جي مطلق صورت ۾ مذڪر يا مؤنث جو فرق نه هوندو آهي، مثلاً:

	واحد مذڪر ۽ مؤنث	جمع مذڪر ۽ مؤنث
متڪلم:	پڙهان (مان پڙهان)	پڙهون (اسان پڙهون)
حاضر:	پڙهين (تون پڙهين)	پڙهو (توهان پڙهو)
غائب:	پڙهي (هُو يا هُوءَ پڙهي)	پڙهن (هُو يا اُهي پڙهن)

مضارع جون صورتون:

١. اصل فعل جو پويون حرف جيڪڏهن 'و' هوندو ته مضارع جي صيغي ۾ اهو 'و' مٽجي همزه 'ء' جي صورت ۾ وٺندو آهي، مثلاً: اصل فعل 'چو يا چؤ' جو گردان هيٺ ڏجي ٿو:

	واحد	جمع
متڪلم:	چوان، چئان	چئون
حاضر:	چوين، چئين	چئو
غائب:	چوي، چئي	چون، چئن

٢. اصل فعل جو پويون حرف، جيڪڏهن همزه 'ء' هوندو ته مضارع جي متڪلم واحد جمع ۽ حاضر جمع جي صيغن ۾ اهو مٽجي 'ي' جي صورت وٺندو آهي، مثلاً: اصل فعل 'ٻڌاءِ' جو گردان هيٺ ڏجي ٿو:

	واحد	جمع
متڪلم:	ٻڌايان	ٻڌايون
حاضر:	ٻڌائين	ٻڌايو
غائب:	ٻڌائي	ٻڌائن

٣. اصل فعل جو پويون حرف، جيڪڏهن 'ي' هوندو، ته مضارع جي صيغي ۾ اهو مٽجي همزه 'ء' جي صورت به وٺندو آهي، مثلاً: اصل فعل 'ڏي' جو گردان هيٺ ڏجي ٿو:

	واحد	جمع
متڪلم:	ڏيان، ڏئان	ڏيون، ڏئون
حاضر:	ڏين، ڏئين	ڏيو، ڏئو
غائب:	ڏي، ڏئي	ڏين، ڏئن

٤. 'ڪرڻ' مصدر جي اصل فعل جو پويون حرف 'ر' مضارع جي متڪلم واحد، جمع ۽ حاضر جمع جي صيغن ۾ مٿجي 'ي' بہ ٿي پوندو آهي، پر غائب جمع ۾ حذف ٿي ويندو آهي. گردان هيٺ ڏجي ٿو:

	واحد	جمع
متڪلم:	ڪريان، ڪيان	ڪريون، ڪيون
حاضر:	ڪرين	ڪريو، ڪيو
غائب:	ڪري	ڪن

٥. فعل معطوفيءَ جي پٺيان 'سگهڻ' مصدر جو مضارع استعمال ڪبو آهي، مثلاً:

	واحد	جمع
متڪلم:	لکي سگهان	لکي سگهون
حاضر:	لکي سگهين	لکي سگهو
غائب:	لکي سگهي	لکي سگهن

٦. اسم مفعول يا اسم حاليہ جي پٺيان 'هئڻ' مصدر جو مضارع آڻبو آهي، مثلاً:

	واحد	جمع
متڪلم:	لکيو هجيم	لکيو هجئون، هجيئون
حاضر:	لکيو هجئي، هجيئي	لکيو هجيوَ
غائب:	لکيو هجي	لکيو هجين
متڪلم:	ڪندو هجان	ڪندا هجون
حاضر:	ڪندو هجين	ڪندا هجو
غائب:	ڪندو هجي	ڪندا هجن

٧. مضارع جي صورت ۾ مرڪب فعل بہ استعمال ٿيندا آهن، مثلاً:

متڪلم:	ڏسي اچان	ڏسي اچون
حاضر:	ڏسي اچين	ڏسي اچو
غائب:	ڏسي اچي	ڏسي اچن

متڪلم:	ويٺو رهان	ويٺا رهون
حاضر:	ويٺو رهين	ويٺا رهو
غائب:	ويٺو رهي	ويٺا رهن
متڪلم:	گهمندو وتان	گهمندا وتون
حاضر:	گهمندو وتين	گهمندا وتو
غائب:	گهمندو وتي	گهمندا وتن

زمان مضارع جو استعمال:

”پرين تنهنجي گهاءِ، جي **مران** ته مانُ **لهان**.“
(شاهه: ڪلياڻ)

”دانهون **ڪن** درياهه جون اونهي جا آگاهه،
سونهن جي صلاح، وٺ ته وير لنگهي **وڃين**.“
(شاهه: سريراڳ)

”ڪامان پڇان پچران ٻران ۽ ٻڙڪان،
ڪاري ڪارونڀار ۾ واڳن جيئن **وڙڪان**،
لهرين ۾ **لڙڪان**، ساهڙ رسج سير ۾.“
(شاهه: سهڻي)

”سگها محب **ملو**، تہ اونهي منجهان **اڪران**.“
(شاهه: سهڻي)

”مون کي سڪ ساهڙ جي، سر محبت منجهہ **مران**،
وڃان ڪيئن **وران**، ڪنڌيءَ منهنجو ڪارڻي.“
(شاهه: سهڻي)

”اچين جي پرڀات، ته آءٌ سيءَ نہ **ساريان**.“
(شاهه: سارنگ)

”وڃين چڙ وڻڪار، هت نہ **گولهين** هوت کي.“
(شاهه: سسئي)

"ونـدر جـي **وڄن**، سي مر **ٻڏن** سندرا،
ٻيون ڪوهه **ٻڏن**، ڇوڙي جي ڇڏ ٻنديون."
(شاهه: سسئي)

"ڪنڌا مـون ٻيرن ۾ تـوڻـي لـڪ **لڳن**،
آڳـر آڳـوڻي نـه **ھڙي**، ڇپون ٻير **ڇھن**،
ويندي ڏانھن ٻـرين، جتي ذات نـه **ڀاڳيان**."
(شاهه: معذوري)

"ڏونگر ڏک سنداء، پرينءَ **گڏجان** تـه **ڇوان**."
(شاهه: ڪوهياري)

"**ٻيڄن** سي **ٻسن**، جڏهن تڏهن پرينءَ کي-
ڏوريـنـديـون **ڏسن**، اڳـڻ عجيبن جـا."
(شاهه: حسيني)

"وير لڳاءِ مَ وير، ويڙي ڏي تـه **وڻي وڄان**."
(شاهه: سورٺ)

"مٺيو **وجهان** سچ ۾، هـائـيءَ **هڻان** هار،
ٻري جـي ٻـتار، تـه ميريـائـي مـان **لهان**."
(شاهه: ليلان چنيسر)

"تون پارس آءٌ لوهه، جي **سڃڻ** تـه سون **ٿيان**."
(شاهه: ليلان چنيسر)

"واجھائـي وطن کي، سـاري سـاهه **ڏيـان**،
ميائي **ڄيان**، جـي **وڃي** مڙهه ملير ڏي."
(شاهه: مارئي)

*"پکـيـڙا **ٻوياڻءِ**، لـڙهـو موتـن موڙ ۾،
آءٌ اڏامـي اوڏڙو، جـھـولـيءَ ۾ **جهوياڻءِ**،

* هن بيت ۾ مضارع ضمير متصل سان گڏ استعمال ٿيل آهي.

سڀ ڪنهن ڪشوريءَ ۾، لاڪيڻا لوڀانءِ،
سچر ٻر سوڀانءِ، هڪ هڪ ڪري هتن سين."
(سچل: مالڪوس)

زمان مضارع مان يا ان جي مدد سان ٺهندڙ زمان:

١. زمان حال يا حال استمراري
٢. زمان حال مدامي
٣. زمان حال متشڪي يا احتمالي
٤. زمان حال امڪاني
٥. زمان حال التزامي

١. **زمان حال يا حال استمراري**:- اهو زمان، جو هاڻوڪي وقت ۾ ڪنهن ڪم جي جاري ٿيڻ يا هجڻ جي خبر ڏئي، تنهن کي زمان حال يا حال استمراري چئبو آهي. مضارع جي پڇاڙيءَ سان 'ٿيڻ' يا 'هوڻ' مصدر جو معاون فعل گڏڻ سان يا ٻنهي مصدرن جا معاون فعل گڏ استعمال ڪرڻ سان زمان حال يا حال استمراري ٺهندو آهي، مثلاً:

لکان ٿو، لکان ٿو پيو
ڏسين پيو، ڏسين ٿو پيو
ڳائي ٿو، ڳائي ٿو پيو
پڙهن پيا، پڙهن ٿا پيا.

حال استمراريءَ کي جدا زمان ڪري به ليکيو ويندو آهي، جنهن جي ترڪيب ۾ مضارع سان 'هوڻ' مصدر جو معاون فعل مخصوص ڪبو آهي، جنهن مان استمرار جي معنيٰ ظاهر ٿيندي آهي؛ پر ڇاڪاڻ ته ٻنهي زمانن- حال ۽ استمراري- ۾ ڪو خاص فرق ڪونه آهي، تنهنڪري ٻنهي جي ترڪيبي صورت ساڳي ڏيکاري ويئي آهي.

زمان حال، مستقبل جي معنيٰ ۾ به استعمال ٿيندو آهي، مثلاً: 'تون هل تہ مان **اچان ٿو.**' هن جملي ۾ 'اچان ٿو' فعل جو مطلب آهي، تہ هاڻي (توسان گڏجي) **نٿو هلان**، پر پوءِ ايندس. هتي فعل جو اجراء، ٿئي تي نہ، پر ايندڙ وقت ۾ ٿئي ٿو.

معاون فعل، مضارع جي اڳيان بہ ايندو آهي، مثلاً: 'هو ٿو لکي ۽ آءٌ ٿو پڙهان.' انڪاري معنيٰ جي حالت ۾ معاون فعل، گهٽ ڪري، مضارع جي اڳيان نہ ايندو آهي، مثلاً: 'هو نٿو مڃي'، 'آهي نٿا اچن' وغيره.

شعر ۾ معاون فعل بعضي حذف ٿيل هوندو آهي. نثر ۾ بہ جڏهن فعل جي اڳيان ضمير استفهام 'ڇا' يا ظرف 'ڄاڻ' ايندو آهي تہ معاون فعل ڪري پوندو آهي، مثلاً: 'ڇا ڪريان'، 'ڄاڻ ڏسان' وغيره.

زمان حال يا حال استمراريءَ جو گردان:

(فعل معروف):

	مذڪر		مؤنث	
	واحد	جمع	واحد	جمع
متڪلم:	ڏسان ٿو، پيو	ڏسون ٿا، پيا	ڏسان ٿي، (١) پيئي	ڏسون ٿيون، (٢) پيئون
حاضر:	ڏسين ٿو، پيو	ڏسو ٿا، پيا	ڏسين ٿي، پيئي	ڏسو ٿيون، پيئون
غائب:	ڏسي ٿو، پيو	ڏسن ٿا، پيا	ڏسي ٿي، پيئي	ڏسن ٿيون، پيئون

(١)، (٢) مؤنث جي واحد ۽ جمع جي صيغي ۾ فعل معاون 'پيئي' ۽ 'پيئون' جي مخفف صورت 'پئي' ۽ 'پيون' بہ استعمال ٿيندي آهي.

(فعل مجهول):

	مذکر واحد	مذکر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
متڪلم:	سڏجان ٿو،	سڏجون ٿا،	سڏجان ٿي،	سڏجون ٿيون،
	پيو	پيا	پيئي	پيئون
حاضر:	سڏجين ٿو،	سڏجو ٿا،	سڏجين ٿي،	سڏجو ٿيون،
	پيو	پيا	پيئي	پيئون
غائب:	سڏجي ٿو،	سڏجن ٿا،	سڏجي ٿي،	سڏجن ٿيون،
	پيو	پيا	پيئي	پيئون

زمان حال يا استمراريءَ جو استعمال:

"مون کي **ٿيون مارين**، لونهان لهارن جون."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"سوڍي کي سوال **ڪريان ٿي** قرب جو."
(شاهه: مومل راڻو)

"آديسي اٿي ويا، **ڏيئي اڏامي** رک."
(شاهه: رامڪلي)

"سهم **ڏسان ٿي** سومرا، پرينءَ ري **ڏيئي**."
(شاهه: مارئي)

"ساريو سانيڙن کي **ٿي سڏون ڏئي** سهس."
(شاهه: مارئي)

"پنهنجو تماشو پاڻ **ڏسي ٿو**، صورت منجهه سلطان."
(سچل: آسا)

"سڪ هچيءَ کان ڪونڪو، سبق سور **سکن**(١)،
اکر **الکن**(٢) نه دل تي، **ٿا** ڪاغذ ڪارا **ڪن**."
(سچل: آسا)

---

(١)، (٢) هنن مثالن ۾ ڏنل زمان حال جي فعلن ۾ معاون فعل حذف ٿيل آهي.

"آسروند آهين، روجهون راڻيون رڻن ۾،
ايون ٻيون اپ ڪي، ٿيون وانڙيون واجهائين،
رڙيون ڪري رڻ ۾، ٿيون بوندون ٻرسائين."
(سچل: پهاڙي)

"چگيءَ طرح چئي، ٿي ملجان ماروئڙن ڏي."
(سچل: ڪنڀات)

"ڏاهو چڙهي ڏار تي، ٿو ڏڪي ڏوراپا."
(سچل: مالڪوس)

"ٻهڇاڳين پيغام ٿو، پريان جي پارون."
(سچل: مالڪوس)

۲- **زمان حال مدامي:** اهو زمان، جو هاڻوڪي وقت ۾ ڪنهن ڪم جي هميشه جاري رهڻ جي خبر ڏئي، تنهن کي زمان حال مدامي چئبو آهي. حال مداميءَ کي فقط حال به چئبو آهي، ڇاڪاڻ ته فعل جو تعلق هلندڙ وقت سان آهي، پر فعل جي دوامي صورت خاطر ان کي الڳ فعل قرار ڏنو ويو آهي.

اسم حاليه جي پٺيان 'هئڻ' مصدر جو مضارع اچڻ سان زمان حال مدامي جڙندو آهي، مثلاً: لکندو آهيان، پڙهندو آهي وغيره. گردان هيٺ ڏجي ٿو:

(فعل معروف) :

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
متڪلم:	لکندو آھيان	لکندا آھيون	لکندي آھيان	لکنديون آھيون
حاضر:	لکندو آھين	لکندا آھيو	لکندي آھين	لکنديون آھيو
غائب:	لکندو آھي	لکندا آھن	لکندي آھي	لکنديون آھن

(فعل مجھول) :

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
متڪلم:	ڪوٺبو آھيان	ڪوٺبا آھيون	ڪوٺبي آھيان	ڪوٺبيون آھيون
حاضر:	ڪوٺبو آھين	ڪوٺبا آھيو	ڪوٺبي آھين	ڪوٺبيون آھيو
غائب:	ڪوٺبو آھي	ڪوٺبا آھن	ڪوٺبي آھي	ڪوٺبيون آھن

زمان حال مداميءَ ۾ مکيہ فعل فاعل مان جنس ۽ عدد ۾ موافقت رکندو آهي؛ پر فعل معاون، جو مضارع جي صورت ۾ آهي، مذکر توڙي مونث ۾ ساڳيو رهندو آهي ۽ فقط عدد ۾ ڦرندو آهي، جيئن هيٺ ڏنل گردان مان ظاهر آهي.

زمان حال مداميءَ جو استعمال:

منهنجو دوست هميشه مون کي خط **لکندو آهي**.

استاد ٻارن کي هر روز نئون سبق **ڏيندو آهي**.

کي ماڻهو رات جو سمهڻ وقت ننڍ جون گوريون **کائيندا آهن**.

منهنجي ماءُ مونکي نصيحت ڀريون ڳالهيون **ٻڌائيندي آهي**.

ڳوٺاڻا ماڻهو شام جو گڏ ٿي **ڪچهري ڪندا آهن**.

ڳوٺ جون عورتون گڏجي پاڻي ڀرڻ **ويندريون آهن**.

ملڪ کان ٻاهر وڃڻ لاءِ هوائي جهاز ۾ سفر **ڪبو آهي**.

اڄ ڪلهہ لڙائيءَ ۾ بم استعمال **ڪما ويندا آهن**.

زمان حال مداميءَ مان اهڙو مطلب بہ نڪرندو آهي، جنهن ۾ ڪلي حقيقت بيان ڪيل هوندي آهي ۽ جنهن جو اطلاق نہ فقط حال ۾، پر هر زماني ۾ ٿيندو آهي. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

بهادر انسان مشڪلات کي صبر سان منهن **ڏيندو آهي**.

گلا خور ماڻهو هرهنڌ خوار **هوندو آهي**.

سياري ۾ سيءُ ۽ سانوڻ ۾ مينهن گهڻو **پوندو آهي**.

'سيڪ اتي **ايندو آهي**، جتي باهہ **ٻرندي آهي**.

'ٻڪ ۾ بصر بہ مٺا **لڳندا آهن**'.

اڄ لڳندي آهي تہ پاڻي ڀمٿبو آهي.

٣. زمان حال متشڪي يا احتمالي- اهو زمان، جنهن مان هلندڙ وقت ۾ ڪنهن ڪم جي جاري هجڻ بابت شڪ يا گمان ظاهر ٿئي، تنهن کي زمان حال متشڪي يا احتمالي چئبو آهي. اسم حاليہ جي پٺيان 'هئڻ' مصدر جو مستقبل آڻڻ سان زمان حال متشڪي ٺهندو آهي، مثلاً: 'ايندو هوندو' ۽ 'ويندا هوندا' وغيره.

گردان:

(فعل معروف):

	مذڪر: واحد	مذڪر: جمع	مؤنث: واحد	مؤنث: جمع
متڪلم:	ڪندو هوندس	ڪندا هونداسون، هونداسين	ڪندي هوندس، هونديس	ڪنديون هونديونسون، هونديونسين
حاضر:	ڪندو هوندين	ڪندا هوندؤ	ڪندي هوندينءَ	ڪنديون هوندؤ، هونديؤ
غائب:	ڪندو هوندو	ڪندا هوندا	ڪندي هوندي	ڪنديون هونديون

(فعل مجهول):

	مذڪر: واحد	مذڪر: جمع	مؤنث: واحد	مؤنث: جمع
متڪلم:	سڏبو هوندس	سڏبا هونداسون، هونداسين	سڏبي هوندس، هونديس	سڏبيون هونديونسون، هونديونسين
حاضر:	سڏبو هوندين	سڏبا هوندؤ	سڏبي هوندينءَ	سڏبيون هوندؤ، هونديؤ
غائب:	سڏبو هوندو	سڏبا هوندا	سڏبي هوندي	سڏبيون هونديون

اسم حاليه جي پٺيان 'هجڻ' مصدر جو مضارع اچڻ سان ٻه زمان حال متشڪي يا احتمالي ٺهندو آهي؛ پر اهڙي حالت ۾ جملي ۾ گهڻو ڪري 'شايد' يا 'متان' لفظ استعمال ٿيندو آهي، مثلاً: 'شايد پڙهندو هجي'، 'متان ايندا هجن' وغيره.
گردان:

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
متڪلم:	چوندو هجان	چوندا هجون	چوندي هجان	چونديون هجون
حاضر:	چوندو هجين	چوندا هجو	چوندي هجين	چونديون هجو
غائب:	چوندو هجي	چوندا هجن	چوندي هجي	چونديون هجن

زمان حال متشڪيءَ جو استعمال:

ڪمري ۾ بتي ٻري ٿي، ضرور ڪو **جاڳندو هوندو**.
ڪڙڪي نه ٿڌي هوا ٿي لڳي، شايد ڪٿي مينهن **وسندو هوندو**.
ٻار ماءُ کي نه ڏسي **روئندا هوندا**.
هن جي پٺيان نه وڃ، شايد هو **ايندو هجي**.
آهستي ڳالهاءِ، متان ڪو آرام **ڪندو هجي**.
ڪهڙي خبر، انهيءَ ناليءَ سان ٿي **سڏبو هجي**.
ٿي سگهي ٿو، ته اهو ڪلام ائين **ڳائبو هجي**.

٤. **زمان حال امڪاني** - اهو زمان، جنهن مان هلندڙ وقت ۾ ڪنهن ڪم ٿيڻ جو امڪان ظاهر ٿئي، تنهن کي زمان حال امڪاني چئبو آهي.

فعل معطوفيءَ جي پٺيان 'سگهڻ' مصدر جو زمان حال، حال مدامي يا حال متشڪي اچڻ سان زمان حال امڪاني ٺهندو آهي، مثلاً: 'ڪري سگهي ٿو'، 'تري سگهندو آهي' ۽ 'چڙهي سگهندو هوندو' وغيره.

گردان:

(فعل معروف):

	مذکر واحد	مذکر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
متڪلم:	ڪري سگهان ٿو	ڪري سگهون ٿا	ڪري سگهان ٿي	ڪري سگهون ٿيون
حاضر:	ڪري سگهين ٿو	ڪري سگهو ٿا	ڪري سگهين ٿي	ڪري سگهو ٿيون
غائب:	ڪري سگهي ٿو	ڪري سگهن ٿا	ڪري سگهي ٿي	ڪري سگهن ٿيون
متڪلم:	ڪري سگهندو آهيان	ڪري سگهندا آهيون	ڪري سگهندي آهيان	ڪري سگهنديون آهيون
حاضر:	ڪري سگهندو آهين	ڪري سگهندا آهيو	ڪري سگهندي آهين	ڪري سگهنديون آهيو
غائب:	ڪري سگهندو آهي	ڪري سگهندا آهن	ڪري سگهندي آهي	ڪري سگهنديون آهن

	مذڪر: واحد	مذڪر: جمع	مؤنث: واحد	مؤنث: جمع
متڪلم:	ڪري سگهندو هوندس	ڪري سگهندا هونداسون، هونداسين	ڪري سگهندي هوندس، هونديس	ڪري سگهنديون هونديونسيون، هونديونسين
حاضر:	ڪري سگهندو هوندين	ڪري سگهندا هوندؤ	ڪري سگهندي هوندينءَ	ڪري سگهنديون هوندؤ، هونديؤ
غائب:	ڪري سگهندو هوندو	ڪري سگهندا هوندا	ڪري سگهندي هوندي	ڪري سگهنديون هونديون

(فعل مجهول)؛

متڪلم:	ڏسجي سگهان ٿو، ڏسي سگهجان ٿو	ڏسجي سگهون ٿا، ڏسي سگهجون ٿا	ڏسجي سگهان ٿي، ڏسي سگهجان ٿي	ڏسجي سگهون ٿيون، ڏسي سگهجون ٿيون
حاضر:	ڏسجي سگهين ٿو، ڏسي سگهجين ٿو	ڏسجي سگهو ٿا، ڏسي سگهجو ٿا	ڏسجي سگهين ٿي، ڏسي سگهجين ٿي	ڏسجي سگهو ٿيون، ڏسي سگهجو ٿيون
غائب:	ڏسجي سگهي ٿو ڏسي سگهجي ٿو	ڏسجي سگهن ٿا، ڏسي سگهجن ٿا	ڏسجي سگهي ٿي، ڏسي سگهجي ٿي	ڏسجي سگهن ٿيون ڏسي سگهجن ٿيون

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
متڪلم:	ڏسي سگهبو آهيان	ڏسي سگهبا آهيون	ڏسي سگهبي آهيان	ڏسي سگهبيون آهيون
حاضر:	ڏسي سگهبو آهين	ڏسي سگهبا آهيو	ڏسي سگهبي آهين	ڏسي سگهبيون آهيو
غائب:	ڏسي سگهبو آهي	ڏسي سگهبا آهن	ڏسي سگهبي آهي	ڏسي سگهبيون آهن
متڪلم:	ڏسي سگهبو هوندس	ڏسي سگهبا هونداسون، هونداسين	ڏسي سگهبي هوندس، هونديس	ڏسي سگهبيون هونديونسون، هونديونسين
حاضر:	ڏسي سگهبو هوندين	ڏسي سگهبا هوندؤ	ڏسي سگهبي هوندينءَ	ڏسي سگهبيون هوندؤ، هونديؤ
غائب:	ڏسي سگهبو هوندو	ڏسي سگهبا هوندا	ڏسي سگهبي هوندي	ڏسي سگهبيون هونديون

زمان حال امڪانيءَ جو استعمال:

ڇوڪرين ضروري تعليم حاصل ڪري نيڪ مائرون **بڻجي سگهن ٿيون.**

عورتون گهر ڪانسواءِ ٻاهريون ڪم به **ڪري سگهنديون آهن.**

هو ننڍو ٻار آهي، انڙيون ٻڪ لهيون نه **سمجهي سگهندو هوندو.**

دوربينيءَ سان پري واريون شيون **ڏسي سگهبيون آهن.**

اڳ، جو ڪم هٿن سان ڪبو هو، سو هاڻي مشينن سان **ڪري سگهجي ٿو.**

٥. **زمان حال التزامي** - اهو زمان، جو هلندڙ وقت ۾ ڪنهن ڪم جي ٿيڻ کي لازمي قرار ڏئي، تنهن کي حال التزامي چئبو آهي.

اسم استقبال جي پٺيان 'ٿيڻ'، 'پوڻ' يا 'هئڻ' مصدر جو زمان حال يا حال مدامي آڻڻ سان زمان حال التزامي ٺهندو آهي، مثلاً: وڃڻو آهي، وڃڻو پوي ٿو، وڃڻو پوندو آهي، وڃڻو هوندو آهي وغيره.

حال التزاميءَ جو مکيه فعل، فاعلي توڙي مفعولي حالت ۾ جنس ۽ عدد مطابق ڦرندو آهي ۽ فعل معاون فقط عدد ۾ ڦيرو کائيندو آهي، باقي جنس ۾ ساڳيو رهندو آهي. مثال طور گردان هيٺ ڏجي ٿو:

(فاعلي حالت):

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
متڪلم:	وڃڻو آهيان	وڃڻا آهيون	وڃڻي آهيان	وڃڻيون آهيون
حاضر:	وڃڻو آهين	وڃڻا آهيو	وڃڻي آهين	وڃڻيون آهيو
غائب:	وڃڻو آهي	وڃڻا آهن	وڃڻي آهي	وڃڻيون آهن

(مفعولي حالت):

لکڻو آهي لکڻا آهن لکڻي آهي لکڻيون آهن

حال التزاميءَ جي ترڪيب ۾ جيڪڏهن 'ٿيڻ' يا 'پوڻ' مصدر جو معاون فعل يا حال دواميءَ جو صيغو استعمال ٿيندو آهي تہ فاعلي حالت ۾ مکيہ فعل جي صورت اڻمٽ رهندي آهي ۽ ڦيرو فقط معاون فعل جي عدد ۾ ايندو آهي، پر مفعولي حالت ۾ مکيہ توڙي معاون، ٻنهي فعلن ۾ جنس ۽ عدد مطابق ڦيرو ايندو آهي. مثال طور گردان هيٺ ڏجي ٿو:

(فاعلي حالت):

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
متڪلم:	رهڻو پويم ٿو	رهڻو پوئون ٿو	رهڻو پويم ٿو	رهڻو پوئون ٿو
حاضر:	رهڻو پوئين ٿو	رهڻو پوٿيو ٿو	رهڻو پوئين ٿو	رهڻو پوٿيو ٿو
غائب:	رهڻو پويس ٿو	رهڻو پوين ٿو	رهڻو پويس ٿو	رهڻو پوين ٿو

(مفعولي حالت):

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
	ڪرڻو پوي ٿو	ڪرڻا پون ٿا	ڪرڻي پوي ٿي	ڪرڻيون پون ٿيون

(فاعلي حالت):

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
متڪلم:	اچڻو پوندو اٿم	اچڻو پوندو اٿيئون يااٿئون	اچڻو پوندو اٿم	اچڻو پوندو اٿيئون يا اٿئون
حاضر:	اچڻو پوندو اٿيئي يا اٿئي	اچڻو پوندو آٿوَ	اچڻو پوندو اٿيئي يا اٿئي	اچڻو پوندو آٿوَ
غائب:	اچڻو پوندو اٿس	اچڻو پوندو اٿن	اچڻو پوندو اٿس	اچڻو پوندو اٿن

(مفعولي حالت)؛

ڏيڻو پوندو آهي	ڏيڻا پوندا آهن	ڏيڻي پوندي آهي	ڏيڻيون پونديون آهن

زمان حال التزاميءَ جو استعمال؛

امتحان لاءِ تياري **ڪرڻي پوي ٿي.**
هر انسان تي آزمايش **اچڻي آهي.**
علم ۽ هنر پرائڻ لاءِ ٻاهر **وڃڻو پوي ٿو.**
دوا درمل لاءِ شهر **اچڻو پوندو اٿيئون.**
مالدار ماڻهن کي زڪوات **ڏيڻي پوندي آهي.**

٣. زمان ماضي - اهو زمان، جو گذريل زماني ۾ ڪنهن امر يا ڪم واقع ٿيڻ جي خبر ڏئي، تنهن کي زمان ماضي چئبو آهي.

زمان ماضيءَ جا مختلف قسم هيٺ ڏجن ٿا:

١. زمان ماضي مطلق
٢. زمان ماضي استمراري
٣. زمان ماضي مدامي
٤. زمان ماضي قريب
٥. زمان ماضي بعيد
٦. زمان ماضي شرطي
٧. زمان ماضي تمنائي
٨. زمان ماضي متشڪي يا احتمالي
٩. زمان ماضي امڪاني
١٠. زمان ماضي التزامي

١. زمان ماضي مطلق - اهو زمان، جو ماضيءَ ۾ ڪنهن ڪم ٿيڻ جي مجمل نموني ۾ خبر ڏئي، تنهن کي زمان ماضي مطلق چئبو آهي. مطلق جي معنيٰ آهي - نج يا خالص.

اصل فعل جي پڇاڙيءَ وارو حرف 'ي' سان شخصي پڇاڙين گڏڻ سان يا اسم مفعول جي پڇاڙيءَ شخصي نشانيون لڳائڻ سان زمان ماضي مطلق ٺهندو آهي، مثلاً: گھمُيس، کاڌم، لکيائين، پڙهيائون، کيڏياسون، ڳايوسين وغيره.

زمان ماضي مطلق جون ترڪيبي صورتون:

١. لازمي فعل جي اسم مفعول جي 'او' پڇاڙي متڪلم جي واحد مذڪر صيغي ۾ مٽجي 'اَ' يا 'ءُ' ۽ واحد مؤنث جي 'اي' پڇاڙي مٽجي 'يَ' يا 'ءَ' تي پوندي آهي، مثلاً: اسم مفعول 'ويو' ۽ 'وئي' يا 'ويئي' سان زمان ماضي مطلق جي صورت هيءَ ٿيندي:

متڪلم واحد مذڪر: وئس يا وئُس، ويم (١) يا وئم
متڪلم واحد مؤنث: ويَس يا وئَس، ويَم يا وئَم

٢. متڪلم جي جمع مذڪر توڙي جمع مؤنث جي صيغي ۾ اسم مفعول جي صورت قائم رهندي آهي، جنهن سان شخصي نشانيون لڳنديون آهن، مثلاً:

متڪلم جمع مذڪر: وياسون، وياسين
متڪلم جمع مؤنث: ويونسون، ويونسين، وئونسون، وئونسين

٣. حاضر واحد مذڪر جي صيغي ۾ اسم مفعول جو پويون حرف 'و' مٽجي 'اَ' جي صورت وٺندو آهي، يا حذف ٿي ويندو آهي ۽ ان جي پڇاڙيءَ شخصي نشاني 'ءِ' يا 'ين' لڳندي آهي، مثلاً: 'گھميو' يا 'رُنو' اسم مفعول آهي، جنهن جو حاضر واحد مذڪر جو ماضي مطلق جو صيغو ٿيندو 'گھميئي (٢) يا گھميءِ' ۽ 'رُنئي يا رُنءِ' يا 'گھميين ۽

---

(١) متڪلم واحد ۾ 'م' پڇاڙي گھٽ ڪري آترادي ساليهو ڪم آڻيندا آهن.
(٢) اها صورت واحد مؤنث ۾ به استعمال ٿيندي آهي.

رنين' وغيره. ڪن حالتن ۾ اسم مفعول جي پوئين حرف 'و' جي اڳيان ايندڙ حرف 'ي' منجهي همزه 'ء' جي صورت وٺندو آهي، مثلاً: 'کهمئين' يا 'وئين' وغيره.

واحد مؤنث جي صيغي ۾ اسم مفعول جي پٺيان شخصي نشاني 'ئن' گڏجي ماضي مطلق جو صيغو ٺهندو آهي، مثلاً: 'کهمي' يا 'وئي' اسم مفعول جو ماضي مطلق جو صيغو ٿيندو 'کهميئن' يا 'وئيئن' وغيره.

٤. حاضر جو جمع مذڪر توڙي مؤنث جو صيغو ساڳيو هوندو آهي، جنهن ۾ اسم مفعول جي 'او' پڇاڙي منجهي 'آو' يا 'آئو' ۽ 'اِوَ' يا 'آوَ' ٿيندي آهي، مثلاً، کهميو، کهميئو، کهميئوَ يا کهميَو ۽ رُنو، رُنئو، رُنئوَ يا رُنوَ وغيره.

٥. ماضيءَ جي غائب واحد جي صيغي ۾ اسم مفعول جي صورت قائم رهندي آهي، مثلاً: کهميو ۽ کهمي يا رُنو ۽ رُني وغيره. هن صيغي جي هڪ ٻي صورت به استعمال ٿيندي آهي، جنهن ۾ اسم مفعول جي مذڪر واري صيغي جي پوئين 'و' کي حذف ڪري باقي لفظ جي پٺيان 'آئين' پڇاڙي ملائڻ سان ماضي مطلق جو صيغو ٺهندو آهي، مثلاً، کهمياڻين، وڙهياڻين، پڙهيائين ۽ رُنائين وغيره. اها صورت مذڪر توڙي مؤنث، ٻنهي صيغن سان لڳندي آهي.

٦. ماضيءَ جي جمع جي صيغي ۾ به اسم مفعول جي صورت قائم رهندي آهي، مثلاً، 'کهميا' ۽ 'کهميون' يا 'رُنا' ۽ 'رُنيون' وغيره. جمع مذڪر جي صيغي ۾ شخصي نشاني 'آون' يا 'ئون' گڏجي سان به ماضي مطلق جو صيغو جڙندو آهي، جو مذڪر توڙي مؤنث، ٻنهي سان ساڳي صورت ۾ لڳندو آهي، مثلاً،

رُنائون ۽ گهميائون وغيره.

لازمي فعل جي زمان ماضي مطلق جو گردان:

	مذڪر		مؤنث	
	واحد	جمع	واحد	جمع
متڪلم:	رُنس، رُنم رنوم (۱)	رُناسون، رُناسين	رُنيس، رُنيم، رُناس، رُنام (۲)	رُنيونسون، رُنيونسين
حاضر:	رُنئي، رُنين	رُنوَ، رُنئو، رُنئتو	رُنينءَ، رُنيئن	رُنيئوَ، رُنيئو، رُنيئتو
غائب:	رُنو، رُنائين	رُنا، رُنائون، رُنئن، رُنون (۳)	رُني، رُنيائين	رُنيون، رُنيائون، رُنيئن
متڪلم:	وينس، وينم، وئوس (۴) يا وئوم	وياسون، وياسين	وئيس، وئيم، وياس (۵) يا ويام	وئيونسون، وئيونسين
حاضر:	وئين	وئئو، وئو	وئينءَ، وئيئن	وئيئو، وئيو
غائب:	وئو	ويا	وئي	وئيون

(۱)، (۲)، (۳)، (۴) ۽ (۵): ماضي مطلق جون اهي صورتون خاص طرح شعر ۾ ڪم ايندڙ آهن.

٧- متعدي فعل جي حالت ۾ مفعول جيڪڏهن مذڪر واحد هوندو ته متڪلم جي واحد، حاضر جي واحد جمع ۽ غائب جي جمع جي ڪن صورتن ۾ اسم مفعول جي 'او' پڇاڙي ڦري 'آ' ٿي پوندي ۽ باقي حالتن ۾ اسم مفعول جي صورت جنس ۽ عدد مطابق رهندي. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

مفعول مذڪر واحد: خطُ

گردان:

	واحد (مذڪر ۽ مؤنث)	جمع (مذڪر ۽ مؤنث)
متڪلم:	(خطُ) پڙهيُم	(خطُ) پڙهيوسون، پڙهيوسين
حاضر:	(خطُ) پڙهيُئي، پڙهيُءِ	(خطُ) پڙهيُوَ
غائب:	(خطُ) پڙهيو، پڙهيائين	(خطُ) پڙهيو، پڙهيائون، پڙهيُن

پر مفعول جيڪڏهن مذڪر جمع يا مؤنث هوندو ته ان جي واحد توڙي جمع جي صيغي ۾ اسم مفعول جي پڇاڙي 'آ' جي صورت وٺندي. مثال طور گردان هيٺ ڏجي ٿو:

مفعول مذڪر جمع: خطَ

	واحد (مذڪر ۽ مؤنث)	جمع (مذڪر ۽ مؤنث)
متڪلم:	(خطَ) پڙهيَم	(خطَ) پڙهياسون، پڙهياسين
حاضر:	(خطَ) پڙهيَئي، پڙهيَءِ	(خطَ) پڙهيَوَ
غائب:	(خطَ) پڙهيا، پڙهيائين	(خطَ) پڙهيا، پڙهيائون، پڙهيَن

مفعول مؤنث واحد: چِٺي

	واحد (مذڪر ۽ مؤنث)	جمع (مذڪر ۽ مؤنث)
متڪلم:	(چِٺي) پڙهيَمِ	(چِٺي) پڙهيسون، پڙهيسين
حاضر:	(چِٺي) پڙهيئي، پڙهيَءِ	(چِٺي) پڙهيوَ
غائب:	(چِٺي) پڙهي، پڙهيائين	(چِٺي) پڙهي، پڙهيائون، پڙهيَنِ

مفعول مؤنث جمع: چِٺيون

متڪلم:	(چِٺيون) پڙهيَمِ	(چِٺيون) پڙهيونسون، پڙهيونسين
حاضر:	(چِٺيون) پڙهيئي، پڙهيَءِ	(چِٺيون) پڙهيوَ
غائب:	(چِٺيون) پڙهيون، پڙهيائين	(چِٺيون) پڙهيون، پڙهيائون، پڙهيَنِ

مٿين مثالن مان معلوم ٿيندو ته فاعل جي جنس مٽائڻ سان ماضي مطلق جي صيغي ۾ ڪو ڦيرو نه ٿو اچي.

متعدي فعل جي ماضي مطلق جو گردان:

ماضي مطلق جو صيغو جنهن جو مفعول مذڪر واحد هجي، مثلاً: 'هَنيُ'

گردان:

	واحد		جمع	
	مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
متڪلم:	ڏٺم، ڏٺوم (۱)	ڏٺم، ڏٺوم	ڏٺوسون، ڏٺوسين	ڏٺوسون، ڏٺوسين
حاضر:	ڏٺئي، ڏٺءِ، ڏٺوءِ (۲)	ڏٺئي، ڏٺءِ، ڏٺوءِ	ڏٺوَ ڏٺوَ (۳)	ڏٺوَ، ڏٺوَ
غائب:	ڏٺو، ڏٺائين، ڏٺوس (۴)	ڏٺو، ڏٺائين، ڏٺوس	ڏٺو، ڏٺائون، ڏٺن، ڏٺونِ (۵)	ڏٺو، ڏٺائون، ڏٺن، ڏٺونِ

ماضي مطلق جو صيغو جنهن جو مفعول مذڪر جمع هجي، مثلاً 'هٿڙن'

متڪلم:	ڏٺم، ڏٺام (۶)	ڏٺم، ڏٺام	ڏٺاسون، ڏٺاسين	ڏٺاسون، ڏٺاسين
حاضر:	ڏٺئي، ڏٺءِ، ڏٺاءِ (۷)	ڏٺئي، ڏٺءِ، ڏٺاءِ	ڏٺوَ، ڏٺاوَ (۸)	ڏٺوَ، ڏٺاوَ
غائب:	ڏٺا، ڏٺائين، ڏٺاس (۹)	ڏٺا، ڏٺائين، ڏٺاس	ڏٺا، ڏٺائون، ڏٺن، ڏٺانِ (۱۰)	ڏٺا، ڏٺائون، ڏٺن، ڏٺانِ

(۱)، (۲)، (۳)، (۴)، (۵)، (۶)، (۷)، (۸)، (۹)، (۱۰): اهي ماضي مطلق جون صورتون اڪثر شعر ۾ ڪم ايند يون آهن.

ماضي مطلق جو صيغو، جنهن جو مفعول مؤنث واحد هجي، مثلاً: ’هرڻي‘

	مذڪر		مؤنث	
متڪلم:	ڏٺم، ڏٺيم	ڏٺم، ڏٺيم	ڏٺيسون، ڏٺيسين	ڏٺيسون، ڏٺيسين
حاضر:	ڏٺئي، ڏٺءِ، ڏٺيئي	ڏٺئي، ڏٺءِ، ڏٺيئي	ڏٺوَ، ڏٺيوَ	ڏٺوَ، ڏٺيوَ
غائب:	ڏٺي، ڏٺائين	ڏٺي، ڏٺائين	ڏٺي، ڏٺائون، ڏٺن، ڏٺيَن،	ڏٺي، ڏٺائون، ڏٺن، ڏٺيَن

ماضي مطلق جو صيغو، جنهن جو مفعول مؤنث جمع هجي، مثلاً: ’هرڻيون‘

	مذڪر		مؤنث	
متڪلم:	ڏٺم، ڏٺيم	ڏٺم، ڏٺيم	ڏٺيونسون، ڏٺيونسين	ڏٺيونسون، ڏٺيونسين
حاضر:	ڏٺئي، ڏٺءِ، ڏٺيئي	ڏٺئي، ڏٺءِ، ڏٺيئي	ڏٺوَ، ڏٺيوَ،	ڏٺوَ، ڏٺيوَ
غائب:	ڏٺيون، ڏٺائين	ڏٺيون، ڏٺائين	ڏٺيون، ڏٺائون، ڏٺن، ڏٺيَن	ڏٺيون ڏٺائون، ڏٺن، ڏٺيَن

٥٨. جيڪڏهن ضمير متصل فاعل تي استعمال ٿيندو، ته فاعلي حالت ۾ ماضي مطلق جو صيغو جنس توڙي عدد ۾ ساڳيو رهندو، پر مفعولي حالت ۾ ڦيرو ڪائيندو، مثلاً:

فاعلي حالت:

	واحد: مذڪر	واحد: مؤنث	جمع: مذڪر	جمع: مؤنث
متڪلم:	(مان، مون)	لکيو	(اسان)	لکيو
حاضر:	(تو)	لکيو	(توهان)	لکيو
غائب:	(هن)	لکيو	(هنن)	لکيو

مفعولي حالت يا عام صورت:

	مذڪر: واحد	مذڪر: جمع	مؤنث: واحد	مؤنث: جمع
متڪلم: واحد:	(مون) لکيو	(مون) لکيا	(مون) لکيي	(مون) لکيون
جمع:	(اسان) لکيو	(اسان) لکيا	(اسان) لکيي	(اسان) لکيون
				(تو) لکيون
حاضر: واحد:	(تو) لکيو	(تو) لکيا	(تو) لکيي	(توهان) لکيون
جمع:	(توهان) لکيو	(توهان) لکيا	(توهان) لکيي	
غائب: واحد:	(هن) لکيو	(هن) لکيا	(توهان) لکيي	(هن) لکيون
جمع:	(هنن) لکيو	(هنن) لکيا	(هنن) لکيي	(هنن) لکيون

ماضي مطلق جو استعمال:

"پتنگن **پھه** ڪيو، **مڙيا** مٿي مچ،
پسي لهس نہ لڇيا، **سڙيا** مٿي سچ،
منڌا **ڳچين** ڳچ، ويچارن **وڃائيا**."

(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

"ڪج **ڪمايم** ڪوڙ، **ڀڳم** عهد الله جا."

(شاهہ: سراڳ)

"ڪهڙو **ڀڳو**، سنڌ مٿي، **ويا** وسيلا."

(شاهہ: سهڻي)

"**آئيس** آءٌ اوير، **ڪري** سچ سنجهي **ويا**."

(شاهہ: ديسي)

"ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ننهي **ڏنم** ڏک،
سي سڀ **پانيم** سک، هيڪاند ڪارڻ هوت جي."

(شاهہ: ديسي)

"اڱڻ مٿي اوپرا، **جڏهن ڏٺءِ** آءٌ،
ڏاڍيئي نہ ڏاگهن ڪي، اوڳي ماڻ اڱڻ."

(شاهہ: ديسي)

"ٻلي ڪري **ٿهوم**، هي سڳ پاروچن سين،
وجهي ڪيچ **ڏڏوم**، ٻئيءَ لڳي جن جي."

(شاهہ: حسيني)

"ڪيئن **اڙايئي** پاند، پلؤ پرڏيهن سين؟
متيون **موڙهئي** سسئي، **ڪيئي** ڪوهيارو ڪانڌ،
رلي **پانيئي** راند، پانهن عشق پروچ جو."

(شاهہ: حسيني)

"**لڏيسون** لطيف چئي، ڪنا ڏاتر ڏات."
(شاهہ: مومل راڻو)
"ڪونہ ڏ**ٺوسين** ڪوءِ، سناسي سور ري."
(شاهہ: رامڪلي)
"وڳر وساري، **ويئيڙن** ڪيئن مات ڪري؟"
(شاهہ: ڏهر)
"عمر **آئين** اوچتو، ڪهڙي حاج حمير،
ميان منجهہ ملير، اڳ نہ **ڏٺين ڪڏهين**؟"
(شاهہ: مارئي)
"عمر اڄ **ڳڏيام**، ڏوتي انهي ڏيهہ جا،
پارانيا پريءَ جا، ايسي ان **چيام**،
لهي لوهہ **پيام**، لطف ساڻ لطيف چئي."
(شاهہ: مارئي)
"مون ماروءَ سين **لڏيون**، لوئيءَ ۾ لائون."
(شاهہ: مارئي)
"ڪنگن **لٿيي** ڪاڻ، **ڳڏيو** هنج حبيب کي."
(شاهہ: ڪارايل)
"ڪاغذ **مڃٿن** ڪيترا، پر **ريڙو** نہ راڻو."
(سچل: راڻو)
"سپ سيڏانئون ڪين ڪي، جو ڳين **ماري** جڪہ.
جني **سڱهيو** ڪڪ، سيا ڳائي **ٿيا**.
(سچل: ڪاريهر)
"**ساريم** سي سنگهار، جنم **لڏگهايم** جن سان."
(سچل: ڪنيات)

”جڏهن آءٌ **چاياس**، ولـيءَ وهه نہ **وڌاءِ**،
سرتيون **سامایاس**، تـا **آيس** اوراتـن ۾.“
(سچل: ڪنڀات)

”جوڳـن جتائون، جوڙي **جڙيون** جان تي،
چـمـتـا ٻڌي چيلهہ سان، تنبيون **تڻيائون**،
جنجيرن سـان جـان تي، ڪشتا **ڪڙيائون**.“
(سچل: جوڳ)

”آئي ڪانگ **ڏنوس**، ڪو عريضو عجيب جو،
پيٽر سـپ **پڙهوس**، ڳاڙيندي ڳوڙهن سين.“
(سچل: مالڪوس)

۲- **زمان ماضي استمراري**- اهو زمان جنهن مان گذريل زماني ۾ ڪنهن ڪم جي جاري هجڻ جي خبر پوي، تنهن کي زمان ماضي استمراري چئبو آهي. ’استمراري‘ لفظ جي معنيٰ آهي جاري رهڻ وارو. هن فعل کي ’ماضي ناتمام‘ بہ چئبو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان مان ڪم جي اجراء جي خبر تہ پوي ٿي پر تڪميل جي نہ.

اسم مفعول جي پٺيان ’ٿيڻ‘ يا ’پوڻ‘ مصدر جو فعل معاون ’ٿي‘ يا ’پئي‘ آڻڻ سان زمان ماضي استمراري ٺهندو آهي، مثلاً: ڪيڏيو ٿي ۽ لکيائون پئي وغيره.

ماضي استمراريءَ جون صورتون بہ ساڳيون ماضي مطلق واريون هونديون آهن، البت انهن ۾ فعل معاون جو گڏيل استعمال ٿيندو آهي جو ٻڻ هر حالت ۾ ساڳيو رهندو آهي، جيئن هيٺ ڏنل گردان مان ظاهر آهي.

زمان ماضي استمراريءَ جو گردان:

فاعلي حالت:

	واحد: مذڪر	واحد: مؤنث	جمع: مذڪر	جمع: مؤنث
متڪلم:	ڪيُم ٿي، ڪيُم پئي	ڪيُم ٿي، ڪيُم پئي	ڪيوسون ٿي، ڪيوسين ٿي، ڪيوسون پئي، ڪيوسين پئي	ڪيوسون ٿي، ڪيوسين ٿي، ڪيوسون پئي، ڪيوسين پئي
حاضر:	ڪيَئي ٿي، ڪيَئي پئي	ڪيَئي ٿي، ڪيَئي پئي	ڪيَوَ ٿي، ڪيَوَ پئي	ڪيَوَ ٿي، ڪيَوَ پئي
غائب:	ڪيو ٿي، ڪيو پئي، ڪيائين ٿي، ڪيائين پئي	ڪيو ٿي، ڪيو پئي، ڪيائين ٿي، ڪيائين پئي	ڪيو ٿي، ڪيو پئي، ڪيائون ٿي، ڪيائون پئي	ڪيو ٿي، ڪيو پئي، ڪيائون ٿي، ڪيائون پئي.

مفعولي حالت:

	مذڪر واحد (ڪنُّ)	مذڪر جمع (ڪنّ)	مؤنث واحد (راند)	مؤنث جمع (راند يون)
متڪلم:				
واحد:	ڪيُم ٿي، ڪيُم پئي	ڪيَم ٿي، ڪيَم پئي	ڪيَم ٿي، ڪيَم پئي	ڪيَم ٿي، ڪيَم پئي
جمع:	ڪيوسون ٿي، ڪيوسين ٿي، ڪيوسون پئي ڪيوسين پئي	ڪياسون ٿي، ڪياسين ٿي، ڪياسون پئي، ڪياسين پئي	ڪيئي سون ٿي، ڪيئي سين ٿي، ڪيئي سون پئي، ڪيئي سين پئي	ڪيُون سون ٿي، ڪيُون سين ٿي، ڪيُون سون پئي، ڪيُون سين پئي
حاضر:				
واحد:	ڪيُئي ٿي، ڪيُئي پئي	ڪيَئي ٿي، ڪيَئي پئي	ڪيَئي ٿي، ڪيَئي پئي	ڪيَئي ٿي، ڪيَئي پئي
جمع:	ڪيُوَ ٿي، ڪيُوَ پئي	ڪيَئوَ ٿي، ڪيَئوَ پئي	ڪيَئوَ ٿي، ڪيَئوَ پئي	ڪيَئوَ ٿي، ڪيَئوَ پئي

	مذڪر: واحد (ڪَمُ)	مذڪر: جمع (ڪَمَ)	مؤنث: واحد (راند)	مؤنث: جمع (راند يون)
غائب:				
واحد:	ڪيو ٿي، ڪيو پئي	ڪيا ٿي، ڪيا پئي	ڪيئي ٿي، ڪيئي پئي	ڪيُون ٿي، ڪيُون پئي
	ڪيائين ٿي،	ڪيائين ٿي،	ڪيائين ٿي،	ڪيائين ٿي،
	ڪيائين پئي	ڪيائين پئي	ڪيائين پئي	ڪيائين پئي
جمع:	ڪيو ٿي، ڪيو پئي	ڪيا ٿي، ڪيا پئي	ڪيئي ٿي، ڪيئي پئي	ڪيُون ٿي، ڪيُون پئي
	ڪيائون ٿي،	ڪيائون ٿي،	ڪيائون ٿي،	ڪيائون ٿي،
	ڪيائون پئي	ڪيائون پئي	ڪيائون پئي	ڪيائون پئي.

زمان ماضي استمراريءَ جو استعمال:

”ڪوءِ سميون، ٻن سومريون، جي چامن جون چاڙيون،
ڪري ويس وڏاندرا، اڳڻ **ٿي آيون**.“
(شاھ: ڪاموڏ)

”ڪڪرا ڪربلا جا، مادر ٿي ميڙياس،
ڦٽن تان رت ڦڙا، عليءَ ٿي اگھياس“.
(شاھ: ڪيڏارو)

”ڪاري سر **ڪليم ٿي**، جيئي ڪڪيءَ هاٺي،
راھ تنھنجي راز سان، آءٌ ٿيس راٺي“.
(سچل: ڪليات)

”جن **ٿي پاليا** پيٽ، ڪُمن ڪالورن سان،
سي تا تيل ڦليل سان، ٿيون ملائن ميٽ“.
(سچل: ڪليات)

”ٻونڪيون ۽ ٻلا، **ٿي** مھاٺن **ماريا**.“
(سچل: ڪليات)

”جيجيءَ سندي چٽ، **ٿي آئي** عام خلق کي“.
(سچل: ڪليات)

”ڪڏهن ڏيهه ڏٺام ٿي ساعت ساعت سومرا،
سي ٻڻ ڪين ويام، ٿي جن سان گڏ گهم ٽالهڙيون“.
(سچل: ڪنيات)

”پنهوارن ٿي ٻاڻ ٻ، اهڙا ٽالهه گهٽي“.
(سچل: ڪنيات)

٣. زمان ماضي مداومي - اهو زمان، جنهن مان گذريل زماني ۾ ڪنهن ڪم جي هميشه جاري هجڻ يا وري ٿيڻ جي خبر پوي، تنهن کي زمان ماضي مدامي چئبو آهي.

اسم حاليه جي پٺيان 'هئڻ' مصدر جو ماضي مطلق گڏڻ سان زمان ماضي مدامي ٺهندو آهي، مثلاً: ڪندو هوس، ڏاهيندا هئا ۽ ٽائينديون هيون وغيره.

ماضي مداميءَ جي صيغي ۾ 'پوڻ' مصدر جو اسم مفعول به اضافي طور استعمال ٿيندو آهي، جنهن مان متواتر يا ڪم جي لاڳيتي ٿيڻ جي معني نڪرندي آهي، مثلاً: کائيندو پيو هو، پيو گهمندو وتندو هو وغيره.

ماضي مداميءَ جي صيغي ۾ فعل، جنس ۽ عدد سان موافق رهندو آهي. گردان هيٺ ڏجي ٿو:

	مذکر — واحد	مذکر — جمع	مؤنث — واحد	مؤنث — جمع
متکلم:	چوندو هيس،	چوندا هئاسون،	چوندي هئس،	چونديون هيون سون،
	چوندو هوس،	چوندا هئاسين،	چوندي هيس،	چونديون هيون سين،
	چوندو هس	چوندا هياسون،	چوندي هس	چونديون هون سين،
		چوندا هياسين،		چونديون هون سين،
		چوندا هاسون، هسون،		چونديون هسون،
		چوندا هاسين، هسين		چونديون هسين
حاضر:	چوندو هئين،	چوندا هئو،	چوندي هئيئن،	چونديون هئو،
	چوندو هين	چوندا هيئو،	چوندي هيئن،	چونديون هيئو،
		چوندا هئو،	چوندي هيئن	چونديون هئو،
		چوندا هو		چونديون هو
غائب:	چوندو هئو،	چوندا هئا،	چوندي هئي،	چونديون هئون،
	چوندو هيو،	چوندا هيا،	چوندي هيي،	چونديون هون
	چوندو هو	چوندا ها	چوندي هيي	

زمان ماضي مداميءَ جو استعمال:

سلطان ناصرالدين پنهنجن هٿن سان پورهيو **ڪندو هو.**

*

اڳئين زماني ۾ ماڻهو پٿر ۽ لوهه جا زيور **پائيندا هئا** ۽ اسان جا وڏا سادي زندگي **گذاريندا هئا.**

*

جاهليه جي زماني ۾ جنگ جي وقت عورتون پنهنجن مڙدن کي همٿائڻ لاءِ رزمي گيت **ڳائينديون هيون.**

*

اڳيان ماڻهو بک ڏک ۾ صبر سان وقت **پيا ڪاٽيندا هئا.**

۴. **زمان ماضي قريب:** اهو زمان، جنهن مان ويجهي گذريل عرصي ۾ ڪنهن ڪم جي پوري ٿيڻ جي سڌ پوي، تنهن کي زمان ماضي قريب چئبو آهي.

اسم مفعول جي پٺيان 'هئڻ' مصدر جو زمان حال آڻڻ سان زمان ماضي قريب ٺهندو آهي، مثلاً: آيو آهيان، لکيو اٿم ۽ ڏٺو آهي وغيره.

هُس، هُيس، هاسون، هُيسون، هين، هُيو، هو، ها، هيي، هُيون وغيره } اهي 'هئڻ' مصدر جي ماضي مطلق جون مختلف صورتون آهن جي عام استعمال ۾ ايندڙيون آهن.

اسم مفعول جي پٺيان 'هئي' مصدر جو زمان حال آڻڻ سان زمان ماضي قريب ٺهندو آهي، مثلاً: آيو آهيان، لکيو اٿم ۽ ڏنو آهي وغيره.

زمان ماضي قريب جون صورتون:

١. فعل لازميءَ جي حالت ۾ ماضي قريب جو صيغو جنس ۽ عدد مطابق ڦرندو آهي. مثال لاءِ گردان هيٺ ڏجي ٿو:

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
متڪلم:	ويٺو آهيان	ويٺا آهيون	ويٺي آهيان	ويٺيون آهيون
حاضر:	ويٺو آهين	ويٺا آهيو	ويٺي آهين	ويٺيون آهيو
غائب:	ويٺو آهي	ويٺا آهن	ويٺي آهي	ويٺيون آهن

٢. فعل متعديءَ جي فاعلي حالت ۾ ماضي قريب جو صيغو هر حالت ۾ ساڳيو رهندو آهي، مثلاً:

مذڪر ۽ مؤنث

	واحد	جمع
متڪلم:	مون ڏنو آهي	اسان ڏنو آهي
حاضر:	تو ڏنو آهي	توهان ڏنو آهي
غائب:	هن ڏنو آهي	هنن ڏنو آهي

٣. فعل متعديءَ جي مفعولي حالت ۾ ماضي قريب جي ضمير متصل واري صيغي ۾ جنس ۽ عدد جي تبديل سان فعل معاون جي صورت ساڳي رهندي آهي ۽ ضمير متصل جي حالت ۾ فقط عدد ۾ ڦرندي آهي. مثال طور گردان هيٺ ڏجي ٿو:

	مذڪر واحد (نانگُ)	مذڪر جمع (نانگَ)	مؤنث واحد (ٻلا)	مؤنث جمع (ٻلائون)

(ضمير متصل جي صورت)

متڪلم:				
واحد:	ماريو آٿم	ماريا آٿم	ماري آٿم	ماريون آٿم
جمع:	ماريو آٿئون	ماريا آٿئون	ماري آٿئون	ماريون آٿئون
حاضر:				
واحد:	ماريو آٿئِي	ماريا آٿئِي	ماري آٿئِي	ماريون آٿئِي
جمع:	ماريو آٿوَ	ماريا آٿوَ	ماري آٿوَ	ماريون آٿوَ
غائب:				
واحد:	ماريو آٿس، آٿئين	ماريا آٿس، آٿئين	ماري آٿس، آٿئين	ماريون آٿس، آٿئين
جمع:	ماريو آٿن، اٿئون	ماريا آٿن، اٿئون	ماري آٿن، آٿئون	ماريون آٿن، آٿئون

نوٽ: محاوري ۾ فعل معاون جو پهريون الف ''ا'' استعمال ۾ ڪڏهن حذف ڪيو ويندو آهي، مثلاً: ٿم، ٿئون، ٿئي، ٿوَ، ٿس ۽ ٿن وغيره.

(ضمير متصل جي حالت ۾)

	مذڪر: واحد	مذڪر: جمع	مؤنث: واحد	مؤنث: جمع
متڪلم:				
واحد:	(مون) ماريو آهي	ماريا آهن	ماري آهي	ماريون آهن
جمع:	(اسان) ماريو آهي	ماريا آهن	ماري آهي	ماريون آهن
حاضر:				
واحد:	(تو) ماريو آهي	ماريا آهن	ماري آهي	ماريون آهن
جمع:	(توهان) ماريو آهي	ماريا آهن	ماري آهي	ماريون آهن
غائب:				
واحد:	(هن) ماريو آهي	ماريا آهن	ماري آهي	ماريون آهن
جمع:	(هنن) ماريو آهي	ماريا آهن	ماري آهي	ماريون آهن

زمان ماضي قريب جو استعمال:

"ڪانگل ڪوهه ٿيوءِ، جو ڀيو آهين پٽ ۾."
(شاهه: ديسي)

"ويٺو آهه وڳوڙجي، ڪنهن ڪي ڪوڙي"
(سچل: مالڪوس)

انهن ماڻهن کي جس آهي، جو محنت ۽ سچائيءَ سان پنهنجي ملڪ جو نالو روشن **ڪيو اٿن**.

*

مينهن **آيو آهي** ته ڪاهه اپريا آهن.

*

سائنسدانن اهڙيون شيون ايجاد **ڪيون آهن**، جن انسان کي حيرت ۾ **وڌو آهي**.

*

نيرو ۽ پيلو رنگ **ملايو اٿئون** ته سائو رنگ **ٿيو آهي**.

*

گهڻي انتظار ڪانپوءِ اوهان جو خط **آيو آهي**، جنهن ۾ **لکيو آٿوَ** ته هن سال فصل ڀلو **ٿيو آهي**.

۵. **زمان ماضي بعيد**. اهو زمان جنهن مان گهڻو اڳ گذريل زماني ۾ ڪنهن ڪم جي پوري ٿي وڃڻ جي خبر ملي، تنهن کي زمان ماضي بعيد چئبو آهي.

اسم مفعول جي پٺيان 'هئڻ' مصدر جو ماضي مطلق سان شخصي نشانين گڏڻ سان زمان ماضي بعيد ٺهندو آهي، مثلاً: آندو هوم، ڏٺيي هئي، مليا هئا وغيره.

ماضي بعيد جي مکيه فعل جي صورت به ساڳي ماضي قريب واري هوندي آهي، فقط فعل معاون جو صيغو مٽيل هوندو اهي. مثال طور گردان هيٺ ڏجي ٿو:

ضمير متصل سان گردان:

(فاعلي حالت)

	واحد (مذڪر ۽ مؤنث)	جمع (مذڪر ۽ مؤنث)
متڪلم:	ڪاڏو هئُم، هيُم، هوم، هُم	ڪاڏو هئُوسون، هئُوسين هيُوسون، هيُوسين، هوسون، هوسين
حاضر:	ڪاڏو هئين، هيئين، هوءِ	ڪاڏو هئُوَ، هيُوَ هوو، هُوَ
غائب:	ڪاڏو هئُو، هيُو، هو، هئائين	ڪاڏو هئُو، هيُو، هو، هون، هئائُون

(مفعولي حالت)

	مذڪر — واحد	مذڪر — جمع	مؤنث — واحد	مؤنث — جمع
متڪلم: واحد:	ڪاڏو هنئَم، هئَم، هوم، هَم	ڪاڏا هنئَم، هئيَم، هام، هَم	ڪاڏي هنئَم، هئيَم، هَم	ڪاڏيون هنئَم، هئيَم، هَم
جمع:	ڪاڏو هنئوسون، هنئوسين، هئيوسون، هئيوسين، هوسون، هوسين	ڪاڏا هنئاسون، هناسين، هئياسون، هئياسين، هاسون، هاسين	ڪاڏي هنئيسون، هنئيسين، هيسون، هيسين، هَسون، هَسين	ڪاڏيون هيئونسون، هئيونسين، هئونسون، هئونسين، هَسون، هَسين
حاضر: واحد:	ڪاڏو هنئَيي، هئيئَيي، هوءِ	ڪاڏا هنئَيي، هئيئَيي، هئَيي	ڪاڏي هنئَيي، هئيئي، هئيي	ڪاڏيون هنئَيي، هئيئَيي، هئَيي
جمع:	ڪاڏو هنئوَ، هئيوَ، هووَ، هوَ	ڪاڏا هنئوَ، هئيوَ، هاوَ، هوَ	ڪاڏي هنئوَ، هئيوَ، هوَ	ڪاڏيون هنئوَ، هئيوَ، هوَ

	مذکر: واحد	مذکر: جمع	مؤنث: واحد	مؤنث: جمع
غائب؛				
واحد؛	ڪاڏو هُئو، هُيو، هو، هُئائين، هُئين	ڪاڏا هُئا، هُيا، ها، هُئائين، هُئين	ڪاڏي هُئي، هيي، هُئائين، هُئين، هُئين	ڪاڏيون هُيون، هُون، هُئائين، هُئين
جمع؛	ڪاڏو هُئو، هُيو، هو، هُئائون، هون، هُئون	ڪاڏا هُئا، هُيا، ها، هُئائون، هان، هُئون	ڪاڏي هُئي، هيي، هُئائون، هُن، هُئون	ڪاڏيون هُيون، هُون، هُئائون، هُن، هُئون

ضمير متفصل سان گردان؛

(فاعلي حالت)

	واحد: مذکر ۽ مؤنث	جمع: مذکر ۽ مؤنث
متڪلم؛	مون (نقشو) ڏٺيو هو	اسان (نقشو) ڏٺيو هو

حاضر:	تو (نقشو) ڊاهيو هو	توهان (نقشو) ڊاهيو هو
غائب:	هن (نقشو) ڊاهيو هو	هنن (نقشو) ڊاهيو هو

(مفعولي حالت)

	مذڪر: واحد (نقشو)	مذڪر: جمع (نقشا)	مؤنث: واحد (تصوير)	مؤنث: جمع (تصويرون)
متڪلم:				
واحد:	مون ڊاهيو هو	مون ڊاهيا هئا	مون ڊاهي هئي	مون ڊاهيون هيون
جمع:	اسان ڊاهيو هو	اسان ڊاهيا هئا	اسان ڊاهي هئي	اسان ڊاهيون هيون
حاضر:				
واحد:	تو ڊاهيو هو	تو ڊاهيا هئا	تو ڊاهي هئي	تو ڊاهيون هيون
جمع:	توهان ڊاهيو هو	توهان ڊاهيا هئا	توهان ڊاهي هئي	توهان ڊاهيون هيون
غائب:				
واحد:	هُن ڊاهيو هو	هُن ڊاهيا هئا	هُن ڊاهي هئي	هُن ڊاهيون هيون
جمع:	هُنن ڊاهيو هو	هُنن ڊاهيا هئا	هُنن ڊاهي هئي	هُنن ڊاهيون هيون

زمان ماضي بعيد جو استعمال:

”ڀنيو هو نہ ٻت ۾، ايا ڪو آدم“.
(شاهہ: حسيني)

”اصل منهنجي انگ، جڙيو هو زنجير“.
(شاهہ: مارئي)

حضرت آدم عليہ السلام، پهريون انسان هو، جنهن زمين تي قدم رکيو هو.

*

گهڻو وقت اڳ اسان جي ملڪ ۾ ٻوڏ ٿي هئي، جنهن تمام گهڻو نقصان ڪيو هو.

*

ڏرين پاڻ ۾ ڳالهيون ڪيون هيون، پر متفق نہ ٿي سگهيا.

*

اهو ڪم اهڙو آسان ڪونهي، جيئن اوهان سمجهو هو.

٦. **زمان ماضي شرطي.** اهو زمان، جنهن ۾ گذريل زماني ۾ ڪنهن ڪم جي پوري ٿيڻ لاءِ ڪو شرط ظاهر ڪيل هجي، تنهن کي زمان ماضي شرطي چئبو آهي.

مضارع جي پڇاڙيان شرط جي علامت 'ها' گڏڻ سان زمان ماضي شرطي ٺهندو آهي، مثلاً: پڙهان ها، وڃين ها، ڏسن ها وغيره.

زمان ماضي شرطيءَ جو صيغو فاعلي توڙي مفعولي حالت ۾ ساڳيو رهندو آهي، ان ۾ جنس جي تبديل سان ڪو ڦيرو نہ ايندو آهي، البت فاعل جي عدد مطابق مڪيہ فعل ڦرندو آهي. مثال طور گردان هيٺ ڏجي ٿو:

نوٽ: مٿين ٻن مصرعن ۾ استعمال ٿيل ماضي بعيد جو صيغو مجهولي صورت ۾ آهي.

(فاعلي حالت)

	واحد: مذکر ۽ مؤنث	جمع: مذکر ۽ مؤنث
متڪلم:	ڏسان ها	ڏسون ها
حاضر:	ڏسين ها	ڏسو ها
غائب:	ڏسي ها	ڏسن ها

(مفعولي حالت)

	مذکر: واحد (شهر)	مذکر: جمع (شهر)	مؤنث: واحد (جاءِ)	مؤنث: جمع (جايون)
متڪلم:				
واحد:	ڏسان ها	ڏسان ها	ڏسان ها	ڏسان ها
جمع:	ڏسون ها	ڏسون ها	ڏسون ها	ڏسون ها
حاضر:				
واحد:	ڏسين ها	ڏسين ها	ڏسين ها	ڏسين ها
جمع:	ڏسو ها	ڏسو ها	ڏسو ها	ڏسو ها
غائب:				
واحد:	ڏسي ها	ڏسي ها	ڏسي ها	ڏسي ها
جمع:	ڏسن ها	ڏسن ها	ڏسن ها	ڏسن ها

زمان ماضي شرطيءَ جو استعمال:

تون سچ ڳالهائين ها، تہ ايڏي مصيبت ۾ نہ ٻوڙين ها.

•

قوم سادگي اختيار **ڪري ها**، تہ معاشرو نہ **بگڙي ها**.

•

ٻيلهو نہ **اچي ها**، تہ جوانيءَ جو قدر نہ **ٿئي ها**.

•

شهر ۾ صحت ۽ صفائيءَ جو پورو بندوبست **هجي ها**، تہ بيماري نہ **ڦهلجي ها**.

•

ماڻهو دين تي قائم **رهن ها**، تہ ڪڏهن بہ غيرن جا غلام نہ **ٿين ها**.

۷. **زمان ماضي تمنائي**: اهو زمان، جنهن ۾ گذريل زماني ۾ ڪنهن ڪم پوري ٿيڻ جي آرزو يا خواهش ظاهر ڪيل هجي، تنهن کي زمان ماضي تمنائي چئبو آهي.

بناوت ۾ ماضي تمنائي ۽ ماضي شرطي، ٻئي هڪجهڙا آهن ۽ فقط اڳين ۾ تمنا يا خواهش ظاهر ڪندڙ لفظ، جهڙوڪ جي، جيڪر، ڪاش، شل، ڪاش، مانَ، متَن وغيره استعمال ٿيندا آهن، مثلاً،

١. **جي**، مون کي ڪو موقعو ملي ها.

٢. **جيڪر**، موت ڪجهہ مهلت ڏئي ها.

٣. **ڪاش**، مان تنهنجي ڪا مدد ڪري سگهان ها.

تمنّا ظاهر ڪندڙ لفظ مضارع سان بہ استعمال ٿيندا آهن، مثلاً،

١. **ممڪن**، ڪنهن کي رحم پوي.

٢. **شل**، ڏاتر ڏکيا ڏينهن نہ ڏيکاري.

٨. زمان ماضي متشڪي يا احتمالي: اهو زمان، جنهن ۾ گذريل زماني ۾ ڪنهن ڪم جي واقع ٿيڻ بابت گمان يا احتمال ظاهر ڪيل هجي، تنهن کي ماضي متشڪي يا احتمالي چئبو آهي.

اسم مفعول جي پڇاڙيءَ هئڻ مصدر جو مستقبل يا مضارع گڏڻ سان زمان ماضي متشڪي ٺهندو آهي، مثلاً: اڏريو هوندو، آيا هوندا، ويو هجي وغيره.

لازمي فعل جو زمان ماضي متشڪيءَ جو صيغو جنس ۽ عدد مطابق تبديل ٿيندو آهي، پر مضارع واري حالت ۾ جنس جي فرق سان صيغو ساڳيو رهندو آهي، فقط عدد ۾ فرندو آهي. مثال طور گردان هيٺ ڏجي ٿو:

لازمي فعل جو ضمير متصل سان گردان:

	مذکر: واحد	مذکر: جمع	مؤنث: واحد	مؤنث: جمع
متڪلم:	ويو هوندس	ويا هونداسون، هونداسين	ويئي هوندس، هونديس	ويئون هونديونسون، هونديونسين
حاضر:	ويو هوندين	ويا هوندؤ	وئي هوندينءَ	وئون هونديئو
غائب:	ويو هوندو	ويا هوندا	ويئي هوندي	ويئون هونديون

مضارع سان گردان:

	مذکر: واحد	مذکر: جمع	مؤنث: واحد	مؤنث: جمع
متڪلم:	ويو هجان	ويا هجون	ويئي هجان	ويئون هجون
حاضر:	ويو هجين	ويا هجو	ويئي هجين	ويئون هجو
غائب:	ويو هجي	ويا هجن	ويئي هجي	ويئون هجن.

ضمير منفصل جي حالت ۾ بہ زمان ماضي متشڪيءَ جو صيغو ساڳيو ضمير متڪلم وارو رهندو آهي.

فعل متعديءَ جو ماضي متشڪيءَ جو صيغو فاعل توڙي مفعول سان جنس ۽ عدد ۾ سوافق رهندو آهي. مثال طور گردان هيٺ ڏجي ٿو:

ضمير متصل سان گردان:

	مذڪر: واحد	مذڪر: جمع	مؤنث: واحد	مؤنث: جمع
متڪلم:				
واحد:	ڏنو هوندُم	ڏنا هوندَم	ڏني هوندَم	ڏنيون هوندَم
جمع:	ڏنو هوندوسون	ڏنا هونداسون	ڏني هونديسون	ڏنيون هونديونسون
حاضر:				
واحد:	ڏنو هوندُءِ	ڏنا هوندَءِ	ڏني هوندَءِ	ڏنيون هوندَءِ
جمع:	ڏنو هوندُوَ	ڏنا هوندَوَ	ڏني هوندَوَ	ڏنيون هوندَوَ

غائب:

واحد:	ڏنو هوندو،	ڏنا هوندا	ڏني هوندي،	ڏنيون هونديون،
	ڏنو هوندائين،	ڏنا هوندائين	ڏني هوندائين،	ڏنيون هوندائين
	ڏنو هوندس	ڏنا هوندس	ڏني هوندس	ڏنيون هوندس
جمع:	ڏنو هوندو،	ڏنا هوندا،	ڏني هوندي،	ڏنيون هونديون،
	ڏنو هوندائون،	ڏنا هوندائون،	ڏني هوندائون،	ڏنيون هوندائون،
	ڏنو هوندن	ڏنا هوندن	ڏني هوندن	ڏنيون هوندن

مضارع سان گردان:

متڪلم:

واحد:	ڏنو هُجيم	ڏنا هُجنيم	ڏني هُجيم	ڏنيون هُجنيم
جمع:	ڏنو هُجيئون	ڏنا هُجنيئون	ڏني هُجيئون	ڏنيون هُجنيئون

حاضر:

واحد:	ڏنو هجئي، هجئي	ڏنا هجنئي، هجنئي	ڏني هجئي، هجئي	ڏنيون هجنئي، هجنئي
جمع:	ڏنو هجيو	ڏنا هجنيو	ڏني هجيو	ڏنيون هجنيو

غائب:

واحد:	ڏنو هجي، هجيس، هجيئن، هجيئين	ڏنا هجن، ڏنا هجنيس، هجنئين	ڏني هجي، هجيس، هجيئين، هجيئين	ڏنيون هجن، هجنيس، هجنئين
جمع:	ڏنو هجي، هجين	ڏنا هجن، هجن	ڏني هجي، هجين	ڏنيون هجن، هجن

ضمير منفصل سان گردان:

متڪلم:

واحد:	مون ڏنو هوندو	مون ڏنا هوندا	مون ڏني هوندي	مون ڏنيون هونديون
جمع:	اسان ڏنو هوندو	اسان ڏنا هوندا	اسان ڏني هوندي	اسان ڏنيون هونديون

حاضر:

واحد:	تو ڏنو هوندو	تو ڏنا هوندا	تو ڏني هوندي	تو ڏنيون هونديون
جمع:	توهان ڏنو هوندو	توهان ڏنا هوندا	توهان ڏني هوندي	توهان ڏنيون هونديون

غائب:

واحد:	هن ڏنو هوندو	هن ڏنا هوندا	هن ڏني هوندي	هن ڏنيون هونديون
جمع:	هنن ڏنو هوندو	هنن ڏنا هوندا	هنن ڏني هوندي	هنن ڏنيون هونديون

مضارع ساں گردان:

متڪلم:

واحد:	مون ڏنو هجي	مون ڏنا هجن	مون ڏني هجي	مون ڏنيون هجن
جمع:	اسان ڏنو هجي	اسان ڏنا هجن	اسان ڏني هجي	اسان ڏنيون هجن

حاضر:

واحد:	تو ڏنو هجي	تو ڏنا هجن	تو ڏني هجي	تو ڏنيون هجن
جمع:	توهان ڏنو هجي	توهان ڏنا هجن	توهان ڏني هجي	توهان ڏنيون هجن

غائب:

واحد:	هن ڏنو هجي	هن ڏنا هجن	هن ڏني هجي	هن ڏنيون هجن
جمع:	هنن ڏنو هجي	هنن ڏنا هجن	هنن ڏني هجي	هنن ڏنيون هجن

زمان ماضي متشڪيءَ جو استعمال:

دنيا تمام گهڻي پراڻي آهي، اڄ تائين ڪيترائي انسان **آيا ويا هوندا**.

*

محرم ڏٺو آهي، حاجي حج ڪري **موٽيا هوندا**.

*

سچ لهي اونده ٿي آهي، ماڻهو ۽ مال پنهنجن وٿاڻن تي **وريا هوندا**.

*

ٻاگيا چورن جي تلاش ۾ نڪتا آهن، پيرو کڻي وڃي **پهتا هوندن**.

*

پيئي ڏريون گهڻ وقت ڪان پاڻ ۾ پئي وڙهيون، هڪ ٻئي جو گهڻو ئي نقصان **ڪيو هوندائون**.

*

اوهان جو ڪتاب مون وٽ نه آهي، ٿي سگهي ٿو، ته اوهان کي موٽائي **ڏنو هجيم**.

*

مهمان اڃا نه هئا، شايد ارادو **بدلايو هجين**.

٩. **زمان ماضي امڪاني:** اهو زمان، جو گذريل زماني ۾ ڪنهن ڪم جي پوري ٿيڻ جو امڪان ڏيکاري، تنهن کي ماضي امڪاني چئبو آهي.

فعل معطوفيءَ جي پڇاڙيءَ 'سگهڻ' مصدر جو ماضي استمراري گڏڻ سان زمان ماضي امڪاني ٺهندو آهي، مثلاً،

وڃي سگهيس ٿي، ڪري سگهيو ٿي، لکي سگهيا پئي وغيره.

فعل معطوفيءَ جي صيغي ۾ ڪوبه ڦيرو نه ايندو آهي، فقط فعل معاون ئي ضمير، جنس ۽ عدد مطابق تبديل ٿيندو آهي. مثال طور گردان هيٺ ڏجي ٿو:

غائب:

واحد:	ڏنو هوندو،	ڏنا هوندا	ڏني هوندي،	ڏنيون هونديون،
	ڏنو هوندائين،	ڏنا هوندائين	ڏني هوندائين،	ڏنيون هوندائين
	ڏنو هوندس	ڏنا هوندَس	ڏني هوندَس	ڏنيون هوندَس
جمع:	ڏنو هوندو،	ڏنا هوندا،	ڏني هوندي،	ڏنيون هونديون،
	ڏنو هوندائون،	ڏنا هوندائون،	ڏني هوندائون،	ڏنيون هوندائون،
	ڏنو هوندن	ڏنا هوندن	ڏني هوندَن	ڏنيون هوندَن

مضارع سان گردان:

متڪلم:

واحد:	ڏنو هُجيم	ڏنا هُجَنيم	ڏني هُجيم	ڏنيون هُجَنيم
جمع:	ڏنو هُجيئون	ڏنا هُجَنيئون	ڏني هُجيئون	ڏنيون هُجَنيئون

حاضر:

واحد:	ڏنو هجئي، هجئي	ڏنا هجَنئي، هجَنئي	ڏني هجئي، هجئي	ڏنيون هجَنئي، هجَنئي
جمع:	ڏنو هجيوَ	ڏنا هجَنيوَ	ڏني هجيوَ	ڏنيون هجَنيوَ

فاعلي حالت:

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
متڪلم:	ويٺو هُيس هوم	ويٺا هُياسون	ويٺي هُيس هُيم	ويٺيون هيونسون
حاضر:	ويٺو هُئين	ويٺا هُيئو	ويٺي هُئينءَ	ويٺيون هُيئو
غائب:	ويٺو هو هوس	ويٺا هئا، هيا، ويٺو هون	ويٺي هُئي، ويٺو هُيس	ويٺيون هيون، ويٺو هُيَن

مفعولي حالت:

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
متڪلم:				
واحد:	ڪرٺو هُيم، هوم	ڪرٺا هُيم	ڪرٺي هُيم	ڪرٺيون هُيم
جمع:	ڪرٺو هيوسون	ڪرٺا هياسون	ڪرٺي هئيسون	ڪرٺيون هيونسون
حاضر:				
واحد:	ڪرٺو هُئي، هوءِ	ڪرٺا هُيئي، هئي	ڪيرٺي هُيئي هئي	ڪرٺيون هيئي هئي

جمع:	ڪرڻو هُيَوَ، هُوَ	ڪرڻا هُيَوَ، هَوَ	ڪرڻي هُيَوَ هَوَ	ڪرڻيون هُيَوَ، هَوَ
غائب:				
واحد:	ڪرڻو هو، هوس، هُس	ڪرڻا هئا، هُيَس، هَس	ڪرڻي هئي، هُيَس، هَس	ڪرڻيون هيون، هُيَس، هَس
جمع:	ڪرڻو هو، هُيَن، هون، هُن	ڪرڻا هئا، هُيَن، هَن	ڪرڻي هُئي، هُيَن، هَن	ڪرڻيون هيون، هُيَن، هَن

ضمير منفصل جيڪڏهن مجرور صورت ۾ هوندو، ته فعل لازميءَ جو ماضي التزاميءَ جو صيغو هر حالت ۾ ساڳيو رهندو ۽ پر فعل متعديءَ جو ماضي التزاميءَ جو صيغو جنس ۽ عدد مطابق موافق رهندو، مثلاً:

فعل لازميءَ جو گردان

	واحد	جمع
	مذڪر ۽ مؤنث	مذڪر ۽ مؤنث
متڪلم:	مون کي ڀڄڻو پيو	اسان کي ڀڄڻو پيو

حاضر:	تو کي پڄڻو پيو	توهان کي پڄڻو پيو
غائب:	هن کي پڄڻو پيو	هنن کي پڄڻو پيو

فعل متعديءَ جو گردان:

	مذکر واحد	مذکر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
متکلم:				
واحد:	ڏٺو پيو	ڏٺا پيا	ڏٺي پيئي	ڏٺيون پيئون
جمع:	ڏٺو پيو	ڏٺا پيا	ڏٺي پيئي	ڏٺيون پيئون
حاضر:				
واحد:	ڏٺو پيو	ڏٺا پيا	ڏٺي پيئي	ڏٺيون پيئون
جمع:	ڏٺو پيو	ڏٺا پيا	ڏٺي پيئي	ڏٺيون پيئون
غائب:				
واحد:	ڏٺو پيو	ڏٺا پيا	ڏٺي پيئي	ڏٺيون پيئون
جمع:	ڏٺو پيو	ڏٺا پيا	ڏٺي پيئي	ڏٺيون پيئون

٣. زمان مستقبل - اهو زمان، جو ايندڙ وقت ۾ ڪنهن ڪم جي واقع ٿيڻ جي اميد يا يقين ظاهر ڪري تنهن کي زمان مستقبل چئبو آهي.

اسم حاليه جي پڇاڙيءَ شخصي نشانيون ڳنڍڻ سان، يا اصل فعل جي پڇاڙيءَ 'ندو' يا 'يندو' پڇاڙين ملائڻ سان زمان مستقبل ٺهندو آهي، مثلاً: لکندو، ايندو، ولندا وغيره.

عام طرح امر جي پوئين حرف تي پيش (ُ) يا زير (ِ) جي اعراب هوندي آهي، بعضي ان جو پويون حرف 'ي' هوندو آهي، مثلاً: وٺُ، ڀارِ، ڏي وغيره.

زمان مستقبل جي ترڪيب ۾ 'پيش' جي حالت ۾ 'ندو' ۽ 'زير' يا 'ي' جي حالت ۾ 'يندو' پڇاڙي لڳندي آهي، جيئن هيٺ ڏيکاريل آهي:

زمان مستقبل	امر
پڄندو	پڄُ
ڀڄندو	ڀڄُ
ڪيندو	ڪَرُ
لکندو	لِکُ
آئيندو	آڻِ
پرِيندو	پَرِ
لاهيندو	لاهِ
مٽيندو	مٽِ
ڏيندو	ڏي
نيندو	ني

مٿي ڄاڻايل عام اصول کانسواءِ ڪي الڳ صورتون به هونديون آهن - يعني امر جي پوئين حرف تي اگرچ 'پيش' هوندو آهي، پر مستقبل جي ترڪيب ۾ ان جو پويون حرف

ڪڍي 'ينڊو' ٻڄاڙي لڳائبي آهي، اهڙيءَ طرح امر جي پوئين حرف تي 'زير' هوندي آهي ۽ ان جو پويون حرف ڪڍي 'ندو' ٻڄاڙي لڳائبي آهي. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

اچُ	ايندو
وَڃُ	ويندو
ڪَرِ	ڪندو

اسم حاليه ۽ زمان مستقبل بناوت ۾ هڪ جهڙا آهن، مگر اسم حاليه ڪڏهن به جملي ۾ ٻڄاڙيءَ وارو لفظ ٿي استعمال نه ٿيندو آهي ۽ نڪي ان سان شخصي نشانيون لڳي سگهنديون آهن. اسم حاليه جملي ۾ هميشه فعل معطوفي وانگر عطف جو ڪم ڏيندو آهي.

زمان مستقبل مان بعضي امر جي معنيٰ به نڪرندي آهي، مثلاً،

هڪ ته تون گهر ڇڏي ڪيڏانهن نه ويندين ۽ ٻيو، پنهنجي پاڻ کي ملڪيت ۾ شريڪ ڪندين.

مٿئين جملي ۾ 'نه ويندين' ۽ 'ڪندين' مستقبل جا صيغا آهن، پر انهن مان امر جي معنيٰ نڪري ٿي، يعني 'نه ويندين' جو مطلب آهي 'نه وڃ' ۽ 'ڪندين' مان مراد آهي 'ڪر'.

زمان مستقبل مان امڪان، ارادي يا احتمال جي معنيٰ به نڪرندي آهي، مثلاً:

١. مون کي شوق آهي، مان پڙهندس.
٢. منهنجي دل چوي ٿي، ته انعام ملندو.

ٻھرئين جملي ۾ 'پڙھندس' لفظ مان ٻہ معنائون نڪرن ٿيون: 'مان پڙھي سگھندس' ۽ 'مان ضرور پڙھندس'. ٻھريون مثال امڪان ظاھر ڪري ٿو ۽ ٻيو ارادو.

ٽئي جملي ۾ 'ملندو' لفظ مان احتمال ظاھر ٿئي ٿو، يعني انعام ملڻ جو شڪ آھي.

زمان مستقبل مان امید، آرزو يا تمنيٰ جي معنيٰ بہ نڪرندي آھي، مثلاً:

الله اسان تي رحم **ڪندو**.

ھن جملي ۾ امید ۽ آرزوءَ جو اظھار ٿيل آھي.

زمان مستقبل جو استعمال:

"**ايندو** اڄ عجيب، شادي **ڏيندو** صحت جي."
(شاھ: يمن ڪلياڻ)

"اندر جنھين آڌ، ڏونگر سي **ڏوريندين**."
(شاھ: سسئي)

"ھوتن لئي ھاڙھو، سڀ **رڱيندس** رت سين."
(شاھ: سسئي)

"جھوناڳڙھ **جھرندو**، **پوندي** جھانءِ جھروڪ ۾."
(شاھ: سورٺ)

"عشق **وٺندءِ** ويس، آخوند اچي اوچتي."
(سچل: ٻيروي)

"لاڳاپا لاھي، **ويندس** ڪيڏ ڪوھيار جي."
(سچل: ڪوھياري)

"ڪاھل تي ڪھل، **ڪندين** شال ڪريم تون."
(سچل: سارنگ)

"هي جو ٽيٺو هو، سو اڱر **ملندو** ڪونه ڪو."
(سچل ۽ راڻو)

"**ايندم** ابـالـا، ڏور لاتـا جـن ڏيـنـهـڙا،
ڪيـر **سهندم** سـومـرا، مـارن ري مـاڻـا."
(سچل ۽ ڪنيات)

زمان مستقبل جا قسم:

١. زمان مستقبل استمراري
٢. زمان مستقبل مدامي
٣. زمان مستقبل امڪاني
٤. زمان مستقبل التزامي

١. زمان مستقبل استمراري: اهو زمان، جو ايندڙ وقت ۾ ڪنهن ڪم جي جاري رهڻ جو اظهار ڪري، تنهن کي مستقبل استمراري چئبو آهي.

مستقبل جي پڇاڙي 'پوڻ' مصدر جو اسم مفعول آڻڻ سان زمان مستقبل استمراري جڙندو آهي، مثلاً: گذاريندس پيو، سکندا پيا، نهاريندءِ پيئون وغيره.

فعل معاون ڪڏهن مستقبل جي اڳيان ايندو آهي ته ڪڏهن پويان ۽ اڳيان اچڻ جي حالت ۾ فعل جو مفهوم زوردار بڻجي پوندو آهي، مثلاً: پيو ڏوريندس، پيا نباهيندا وغيره.

زمان مستقبل استمراريءَ جو مکيه تـوڙي معاون فعل فاعل سان هـر حالت ۾ موافق رهندو آهي، مگر مفعول جي جنس ۽ عدد ۾ ڦيري اچڻ سان ان ۾ ڪو ڦيرو نه ايندو آهي. مثال طور گردان هيٺ ڏجي ٿو:

		مذکر واحد (ڏٺو)	مذکر جمع (ڏٺا)	مؤنث واحد (ڏٺي)	مؤنث جمع (ڏٺيون)
متڪلم:					
واحد	مذکر:	چاريندُس پيو	چاريندَس پيو	چاريندُس پيو	چاريندُس پيو
	مؤنث:	چارينديس پيئي	چارينديس پيئي	چارينديس پيئي	چارينديس پيئي
جمع	مذکر:	چارينداسون پيا	چارينداسون پيا	چارينداسون پيا	چارينداسون پيا
	مؤنث:	چاريندينسون پيئون	چاريندينسون پيئون	چاريندينسون پيئون	چاريندينسون پيئون
حاضر:					
واحد	مذکر:	چاريندين پيو	چاريندين پيو	چاريندين پيو	چاريندين پيو
	مؤنث:	چاريندينءَ پيئي	چاريندينءَ پيئي	چاريندينءَ پيئي	چاريندينءَ پيئي
جمع	مذکر:	چاريندَو پيا	چاريندَو پيا	چاريندَو پيا	چاريندِو پيا
	مؤنث:	چاريندَيو پيئون	چاريندَيو پيئون	چاريندَيو پيئون	چاريندَيو پيئون
غائب:					
واحد	مذکر:	چاريندو پيو	چاريندو پيو	چاريندو پيو	چاريندو پيو
	مؤنث:	چاريندي پيئي	چاريندي پيئي	چاريندي پيئي	چاريندي پيئي
جمع	مذکر:	چاريندا پيا	چاريندا پيا	چاريندا پيا	چاريندا پيا
	مؤنث:	چارينديون پيئون	چارينديون پيئون	چارينديون پيئون	چارينديون پيئون

٢. زمان مستقبل مدامي: اهو زمان، جو ايندڙ وقت ۾ ڪنهن ڪم جي هميشه جاري رهڻ جي خبر ڏئي، تنهن کي مستقبل مدامي چئبو آهي.

اسم حاليه جي پٺيان 'رهڻ' يا 'وتڻ' مصدر جو مستقبل ڳنڍڻ سان زمان مستقبل مدامي ٺهندو آهي، مثلاً: گهمندو رهندس، رلندا وتندا وغيره.

زمان مستقبل مداميءَ جي فاعل ۽ مفعول سان موافقت ۾ ساڳي مستقبل استمراريءَ واري هوندي آهي.

٣. زمان مستقبل امڪاني: اهو زمان جو ايندڙ وقت ۾ ڪنهن ڪم جي ٿيڻ جو امڪان ظاهر ڪري، تنهن کي مستقبل امڪاني چئبو آهي.

فعل معطوفيءَ جي پٺيان 'سگهڻ' مصدر جو مستقبل ملائڻ سان زمان مستقبل امڪاني ٺهندو آهي، مثلاً: کڻي سگهندس اچي سگهندا، ڪري سگهنديون وغيره.

زمان مستقبل امڪاني جو مکيه فعل، ڇاڪاڻ ته معطوفي صورت ۾ آهي، تنهنڪري ان ۾ ڪو به ڦيرو نه ايندو آهي، مگر فعل معاون فاعل سان موافق رهندو آهي، مثال طور گردان هيٺ ڏجي ٿو:

	مذکر		مؤنث	
	واحد	جمع	واحد	جمع
متڪلم:	ڪٿي سگهندس	ڪٿي سگهنداسون	ڪٿي سگهنديس	ڪٿي سگهنديونسون
حاضر:	ڪٿي سگهندين	ڪٿي سگهندؤ	ڪٿي سگهندينءَ	ڪٿي سگهنديؤ
غائب:	ڪٿي سگهندو	ڪٿي سگهندا	ڪٿي سگهندي	ڪٿي سگهنديون

۴. زمان مستقبل التزامي - اهو زمان، جو ايندڙ وقت ۾ ڪنهن ڪم جو ٿيڻ لازمي قرار ڏئي، تنهن کي مستقبل التزامي چئبو آهي.

اسم استقبال جي پٺيان 'پوڻ' يا 'ٿيڻ' مصدر جو مستقبل ملائڻ سان زمان مستقبل التزامي ٺهندو آهي مثلاً: وڃڻو پوندو، ڏيڻو پوندن، ٻڌائڻو پوندم، هلڻو ٿيندو وغيره.

مستقبل التزامي گهڻو ڪري مجهولي صورت ۾ استعمال ٿيندو آهي ۽ اهڙي حالت ۾ مفعول فاعل جو قائم مقام هوندو آهي، جو فعل سان جنس ۽ عدد ۾ مطابقت رکندو آهي، مثال طور گردان هيٺ ڏجي ٿو:

	مذکر واحد (گهٽو)	مذکر جمع (گهٽا)	مؤنث واحد (رڍ)	مؤنث جمع (رڍون)
متڪلم:				
واحد:	وٺو پوندُم	وٺا پوندَم	وٺي پوندَم	وٺيون پوندَم
جمع:	وٺو پوندوسون	وٺا پونداسون	وٺي پونديسون	وٺيون پونديونسون
حاضر:				
واحد:	وٺو پوندُءِ	وٺا پوندَءِ	وٺي پوندَءِ	وٺيون پوندَءِ
جمع:	وٺو پوندُوَ	وٺا پوندَوَ	وٺي پوندَوَ	وٺيون پوندَوَ
غائب:				
واحد:	وٺو پوندو، پوندُس	وٺا پوندا، پوندَس	وٺي پوندي، پوندَس	وٺيون پونديون، پوندَس
جمع:	وٺو پوندُن	وٺا پوندَن	وٺي پوندَن	وٺيون پوندَن

١٣- فعل جون پڇاڙيون

سنڌيءَ ۾ فعل سان لڳندڙ پڇاڙيءِن ضميري پڇاڙيون هونديون آهن، جي ضمير منفصل جي بدران استعمال ٿينديون آهن. اهي پڇاڙيون ٻين ڪن لفظن، جهڙوڪ اسم ۽ حرف جر جي بنسبت، فعل سان گهڻو لڳنديون آهن. انهن پڇاڙين جو ذڪر اڳ ضمير متصل جي بيان ۾ ڪيل آهي. اهي ضميري پڇاڙيون مکيہ فعل يا فعل معاون سان لڳنديون آهن، جيئن هيٺ ڏنل مثالن مان ظاهر ٿئي ٿو:

زمان مضارع سان لڳل ضميري پڇاڙين جو مثال:

اچانءِ، ڏيانوَ، ڏيکاريننِ، چئونسِ، وٺانسِ وغيره.

زمان حال ۽ حال استمراريءَ جي صيغن ۾ ضميري پڇاڙيون مکيہ فعل سان لڳنديون آهن ۽ زمال حال جي باقي قسمن ۾ فعل معاون سان لڳنديون آهن، مثلاً:

زمان حال: چئومِ ٿا، لکانسِ ٿو، ڏيئنِ ٿا وغيره.

زمان حال استمراري: ڏئيس ٿو پيو، چوَنيوَ ٿيون پيئون، وَٺنيم ٿا پيا وغيره.

زمان حال مدامي: چوندو آهيانِس، ڏسندا آهيونِ ڏينديون اٿنِس وغيره.

زمان حال متشڪي: ڏيندا هوندَن، ڪندي هوندَم، ڏسندا هوندَوَ وغيره.

زمان حال امڪاني: چئي سگهانسِ ٿو، وٺي سگهني ٿا، سڃاڻي سگهيسِ ٿو وغيره.

زمان حال التزامي: ويٺو آهيم، ڪرڻو اٿئون، ڏيڻا اٿنِ وغيره.

زمان ماضيءَ جي حالت ۾ ضميري ٻڌاڙيون ماضي مطلق، ماضي استمراري، ماضي شرطي يا تمنائي جي صيغن ۾ مکيہ فعل سان ۽ ماضيءَ جي باقي قسمن ۾ فعل معاون سان لڳنديون آهن، مثلاً:

زمان ماضي مطلق: ڪيمَ، چيوسونن، ڏٺوَ وغيره.

زمان ماضي استمراري: ڏٺم ٿي، ورتائون پئي، رُنائين ٿي وغيره.

زمان ماضي شرطي ۽ تمنائي: چوانس ها، وڃونن ها، ڇڏيوم ها وغيره.

زمان ماضي مدامي: چوندي هُيَم، ڏيندا هُيَوَ، ولندو هُئين وغيره.

زمان ماضي قريب: لکيو اٿم، پڙهيو اٿيئي، ڪيو اٿن وغيره.

زمان ماضي بعيد: ڏٺو هوم، مليا هُيَئي، چيو هئائون وغيره.

زمان ماضي متشڪي: ويو هوندس، ڪيا هوندوَ، ڏنا هوندَن وغيره.

زمان ماضي امڪاني: ڪري سگهيس ٿي، چئي سگهيم ٿي، اچي سگهيو ٿي وغيره.

زمان ماضي التزامي: ڏٺو هوم، ڪرٿو هون، ڏٺا پين وغيره.

زمان مستقبل ۾ ضميري ٻڌاڙيون مستقبل ۽ مستقبل استمراريءَ جي صيغن ۾ مکيہ فعل سان ۽ مستقبل جي باقي قسمن ۾ فعل معاون سان لڳنديون آهن، مثلاً:

زمان مستقبل: پڇندس، ڊوڙنداسون، آڻيندن وغيره.
زمان مستقبل استمراري؛ گذاريندس پيئي، ڏيندن پيا، ماريندس پيئون وغيره.
زمان مستقبل مدامي؛ ايندو رهندس، پڇائيندا رهندو، ستائينديون رهندن وغيره.
زمان مستقبل امڪاني؛ اچي سگهنداسون، ڏيئي سگهندين، چئي سگهندن وغيره.
زمان مستقبل التزامي: ڪرڻو پوندم، ڏيڻا پوندن، وٺڻو پوندو وغيره.

مرڪب فعلن ۾ ضميري پڇاڙيون اڪثر فعل جي پوئين ڀاڱي سان لڳنديون آهن، مثلاً؛ ويٺو رهندس، ڇڏي ڏيندن، چوندو ايندن وغيره.

فعل مجهول سان به اهي ئي پڇاڙيون لڳنديون آهن، جي فعل معروف سان لڳن ٿيون، مثلاً؛

مضارع مجهول؛ ڏجيم، لکجيو، چئجين وغيره.
حال مجهول؛ سڏجان ٿو، ڏجيس ٿو، مارجن ٿا وغيره.
ماضي مجهول؛ ڪوٺيو ويم، چئبو هوس، گهربو هون وغيره.
مستقبل مجهول؛ سڏبس، لوڙبي پيئي، چئبو رهبن وغيره.

سنڌيءَ ۾ پڻيون ضميري پڇاڙيون به استعمال ٿينديون آهن، جا سنڌي ٻوليءَ جي هڪ امتيازي صفت آهي ۽ انهيءَ استعمال سان عبارت کي مقصر يعني ننڍو ڪري سگهجي ٿو، مثلاً:

'لکيومانس ٿي' يعني مان هن کي لکيو ٿي.
'ڏنو هئوَن' يعني توهان هنن کي ڏنو هو.
'چونداسونن' يعني اسان هنن کي چونداسون.

۱۴- فعل جي نسبت يا پريوگ

فعل جي مختلف صيغن ۾ ڏٺو ويو آهي، تہ فعل هميشه پنهنجي فاعل يا مفعول سان جنس ۽ عدد ۾ موافقت رکندو آهي. مثال طور ڪي جملا هيٺ ڏجن ٿا:

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
١. فاعل سان موافقت	ڏڳو رنڀي ٿو	ڏڳا رنڀن ٿا	ڏڳي رنڀي ٿي	ڏڳيون رنڀن ٿيون
٢. مفعول سان موافقت	سيٺ نوڪر رکيو	سيٺ نوڪرَ رکيا	سيٺ نوڪرياڻي رکي	سيٺ نوڪرياڻيون رکيون

پهرئين مثال ۾ ڏيکاريو ويو آهي، تہ فعل فاعل سان جنس ۽ عدد ۾ موافق رهي ٿو ۽ ٻئي مثال ۾ فعل مفعول سان جنس ۽ عدد ۾ موافقت رکي ٿو. فعل جي انهيءَ فطري موافقت کي 'فعل جي نسبت' يا 'پريوگ' چئبو آهي. پريوگ هڪ مرڪب لفظ آهي جنهن جي معني آهي طبعي جوڙ يا ميلاپ.

فعل جي نسبت يا پريوگ جا ٽي قسم آهن:

١. نسبت فاعلي يا ڪرتري پريوگ
٢. نسبت مفعولي يا ڪرمڻي پريوگ
٣. نسبت معطّل يا نراني يا ڀاوي پريوگ

١. نسبت فاعلي يا ڪرتري پريوگ: اهو فعل لازمي يا متعدي، جنهن جي جنس ۽ عدد ۾ موافقت فقط پنهنجي فاعل سان هجي، تنهن جي نسبت فاعلي چئبي آهي.

فعل لازميءَ جي موافقت هروڀرو ۾ فاعل سان ٿيڻي آهي، ڇاڪاڻ تہ فعل جو لاڳاپو سڌو سنئون فاعل سان هوندو آهي، مثلاً،

	مذڪر		مؤنث	
	واحد	جمع	واحد	جمع
متڪلم:	مان تران ٿو	اسين ترون ٿا	مان تران ٿي	اسين ترون ٿيون
حاضر:	تون ترين ٿو	توهان ترو ٿا	تون ترين ٿي	توهان ترو ٿيون
غائب:	هو تري ٿو	هو ترن ٿا	هوءَ تري ٿي	هوءَ ترن ٿيون

فعل متعديءَ جو فاعل سان گڏ مفعول سان بہ واسطو آهي، تڏهن بہ ڪن حالتن ۾ ان جي نسبت فقط فاعل سان هوندي آهي، مثلاً،

	واحد	جمع
مذڪر:	مهاڻو ڪُرڙو ڦاسائي ٿو	مهاڻا ڪُرڙو ڦاسائن ٿا
مؤنث:	مهاڻي ڪُرڙو ڦاسائي ٿي	مهاڻيون ڪُرڙو ڦاسائن ٿيون

مٿين گردان ۾ مفعول جي جنس ۽ عدد ۾ بہ جي ڪٿي ڦيرو آڻبو، تہ بہ فعل تي ڪو اثر نہ پوندو، مثلاً:

مذڪر:	مهاڻو ڪُرڙا ڦاسائي ٿو	مهاڻا ڪُرڙا ڦاسائين ٿا
مؤنث:	مهاڻي ڪُرڙا ڦاسائي ٿي	مهاڻيون ڪُرڙا ڦاسائن ٿيون

مذڪر:	مهاڻو ڪُرڙي ڦاسائي ٿو	مهاڻا ڪُرڙي ڦاسائن ٿا
مؤنث:	مهاڻي ڪُرڙي ڦاسائي ٿي	مهاڻيون ڪُرڙي ڦاسائن ٿيون.

	واحد	جمع
مذڪر:	مهاڻو ڪُرڙيون ڦاسائي ٿو	مهاڻا ڪُرڙيون ڦاسائن ٿا
مؤنث:	مهاڻي ڪُرڙيون ڦاسائي ٿي	مهاڻيون ڪُرڙيون ڦاسائن ٿيون

مٿين مثالن ۾ فعل جي نسبت فاعلي آهي.

نسبت فاعليءَ وارن فعلن جو استعمال:

”ويا ڳڻن سان، مارُئڙا ٿر اڪري.“
(شاهه: مارئي)

”ڪاهِ ڏانهن ڪٿي ويا لڏي لاڏائا.“
(شاهه: مارئي)

”سُمر پسان ٿي سومرا، ڀرينءَ ري ڀيٺي.“
(شاهه: مارئي)

”اٿي ويا اولار، ڪٿي سات سويل جو.“
(سچل: ڪوهياري)

۲. **نسبت مفعولي يا ڪرمڻي پريوگ:** اهو فعل متعدي معروف يا مجهول، جو مفعول سان جنس ۽ عدد ۾ موافقت رکي، تنهن جي نسبت مفعولي چئبي آهي. مثال هيٺ ڏجي ٿو:

	واحد	جمع
مذڪر:	شڪاريءَ هَرَڻُ ماريو	شڪاريءَ هَرَڻَ ماريا
مؤنث:	شڪاريءَ هرڻي ماري	شڪاريءَ هرڻيون ماريون

مٿين گردان ۾ 'ماريو' فعل متعدي معروف آهي، جنهن جي موافقت فقط مفعول سان آهي، تنهنڪري ان جي نسبت مفعولي چئبي. انهيءَ صورت ۾ فاعل ۾ ڦيري اچڻ سان فعل تي ڪوبه اثر نه ٿو پوي، مثلاً:

مذڪر: شهزادي گهوڙو ڊوڙايو شهزادن گهوڙو ڊوڙايو.
مؤنث: شهزاديءَ گهوڙو ڊوڙايو شهزادين گهوڙو ڊوڙايو.

مذڪر: شهزادي گهوڙا ڊوڙايا شهزادن گهوڙا ڊوڙايا.
مؤنث: شهزاديءَ گهوڙا ڊوڙايا شهزادين گهوڙا ڊوڙايا.

مذڪر: شهزادي گهوڙي ڊوڙائي شهزادن گهوڙي ڊوڙائي.
مؤنث: شهزاديءَ گهوڙي ڊوڙائي شهزادين گهوڙي ڊوڙائي.

مذڪر: شهزادي گهوڙيون ڊوڙائيون شهزادن گهوڙيون ڊوڙايون.
مؤنث: شهزاديءَ گهوڙيون ڊوڙايون شهزادين گهوڙيون ڊوڙايون.

مجهول فعلن جي نسبت به مفعولي سمجهي ويندي آهي. مجهول جي صيغي ۾ مفعول اگرچ فاعل جو قائم مقام ٿي بيهندو آهي، تڏهن به معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان سندس مفعولي صورت قائم رهندي آهي.

مجهول فعل جو گردان:

مذڪر: ڇڙو ويو ڇڙا ويا
مؤنث: ڇڙي وئي ڇڙيون ويون

مٿين گردان ۾ 'ڇڙو' اگرچ فاعل جي جاءِ تي بيٺل آهي، پر حقيقت ۾ مفعول آهي، ڇاڪاڻ ته ڇڙي ڪي وڃائڻ وارو ضرور ڪو ٻيو هوندو، جو ظاهر نه ڪيو ويو آهي، تنهنڪري فعل جي نسبت مفعولي آهي.

نسبت مفعولي وارن فعلن جو استعمال:

"اونهي ۾ اڌ ڪيو، دليلن دلنو."
(شاهه: سهڻي)

"ڪهڙو ٻڌو تان گهوڙدو، پڇي تان مَ گهوڙي."

(شاهه: سهڻي)

"سائيڙن سوير، آئي آڻ جهڪائيا."

(شاهه: ديسي)

"ويندي وير چانگن جو، ڇڏيو ڪين ڇوڙ."

(شاهه: ڪوهياري)

"مادر ملاحن، ماڳ نه ڏويا مڪڙا."

(شاهه: گهاتو)

"زهري منجهه زهر، جو گيڙي جهڻي وتا"

(سچل: ڪاريهر)

"نوريءَ نادر چام ڪي، ڪي ڇڪايون چانئيون."

(سچل: ڪلياڻ)

٣. **نسبت معطل يا نرالي يا ٻاوي ٻه يوڳ.**- اهو فعل جو فاعل يا مفعول سان ڪابه موافقت جنس توڙي عدد ۾ نه رکي، تنهن جي نسبت کي معطل يا نرالي چئبو آهي.

نسبت معطل جي حالت ۾ فعل هميشه ماضيءَ ۾ هوندو آهي ۽ مفعول جري حالت ۾ هوندو آهي، مثلاً:

	واحد	جمع
مذڪر:	جوڳيءَ نانگ کي ماريو	جوڳين نانگ کي ماريو.
مؤنث:	جوڳياڻيءَ نانگ کي ماريو	جوڳياڻين نانگ کي ماريو.
مذڪر:	جوڳيءَ نانگن کي ماريو	جوڳين نانگن کي ماريو.
مؤنث:	جوڳياڻيءَ نانگن کي ماريو	جوڳياڻين نانگن کي ماريو.

مٿين گردان مان معلوم ٿيندو ته فاعل يا مفعول کي ڦيرائڻ سان فعل تي ڪوبه اثر نه ٿو پوي، فعل جي صورت جنس توڙي عدد ۾ ساڳي رهي ٿي.

فعل اڪرترڪ جي نسبت هميشه معطل ليکبي آهي، ڇاڪاڻ ته ان کي نه ڪو فاعل ٿئي نه مفعول ۽ ان جي صورت اٽل هوندي آهي، مثلاً:

	واحد	جمع
مذڪر:	ٻڙي تي چڙهبو	ٻيڙن تي چڙهبو.
مؤنث:	ٻيڙيءَ تي چڙهبو	ٻيڙين تي چڙهبو.

مٿين جملن ۾ 'چڙهبو' فعل اڪرترڪ آهي ۽ ان جي صورت واحد يا جمع ۾ ۽ مذڪر توڙي مؤنث ۾ هڪجهڙي آهي، تنهنڪري ان جي نسبت معطل آهي.
نسبت معطل وارن فعلن جو استعمال:

"موت قبوليو تن، ڏڏو جن ڏکيءَ کي."
(شاهه: معذوري)

"ارادي آئي، سانگين سين سگ ڪيو."
(شاهه: ديسي)

"پاٿي پهنوارن، اڄ تا مون کي ياد ڪيو."
(سچل: ڪنيات)

"ڏاگهن ۽ ڏيرن، ڪيو ڌوڻ سان ڌاڙو."
(سچل: ڪوهياري)

"جني سڱهو ڪڪ، مياڳاٽي ٿيا."
(سچل: ڪاريهر)

١٥- ظرف

ظرف اهو لفظ آهي، جنهن سان وقت، جاءِ يا هنڌ، طرف، ريت، قدر يا انداز ۽ اقرار يا انڪار جي معني نڪري ۽ جنهن جو جملي ۾ فعل، صفت يا ٻئي ظرف سان لاڳاپو هجي.

سنڌي زبان ۾ اصل يا بنيادي ظرف ٿوري تعداد ۾ آهن. بعضي صفت جا لفظ خود ظرف ٿي ڪم ايندا آهن، خاص ڪري انهيءَ حالت ۾، جڏهن انهن جو تعلق اسم يا ضمير ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن لفظ سان هوندو آهي، مثلاً:

١. وهٽ تکو هلي ٿو.

٢. ننڍڙا ٻار گهڻو رُئندا آهن.

مٿين جملن ۾ 'تکو' ۽ 'گهڻو' اصل صفت جا لفظ آهن، مگر هتي ظرفي صورت ۾ ڪم آيل آهن ۽ انهن جو لاڳاپو فعل سان آهي.

ڪي اسم خود ظرف ٿي ڪم ايندا آهن، جن مان ڪي فاعلي صورت ۾ هوندا آهن ته ڪي عام صورت ۾، مثلاً:

١. رات چنڊ گرهڻ ٿيندو.

٢. پاسي ٿي بيهه.

مٿين مثالن ۾ 'رات' ۽ 'پاسي' اسم آهن، جي هتي ظرف ٿي ڪم آيا آهن.

ظرف جون صورتون:

١. بنيادي ظرفن جا مثال:

آتِ	پَرهَين، پرهينءَ	سدا	نيٺ
آهَر	تُرت	ڪالهه، ڪلهه	ويتر

آڄ	توءِ	ڪَرَ	هاڻي
اڃا	ٿهہ پٺهہ	ڳنڍ	هرو ڀرو
آرهٽن، آريهٽن	جاڻي	لڙَ	هينئر
اَمالڪ	جيڪس	مَسَ، مَسين	هُوندَ
بَس	ڇَڻ	نيٺ	هيرَ
ٻينهہ	جهٽ پٽ	نيپَٽ	هيڪر
پٺيءَ	ڇو	نيچ	هيڪاري

۲. اُنهن صفتن جا مثال، جي ظرف ٿي استعمال ٿينديون آهن.

اوچتو	اويلو	سَڌو	سوايو
اوڏو	ٿورو	سنئون	گهڻو
اونهو	ڏاڍو	سوارو	ويجهو

۳. اڪثر اهڙيون صفتون، جن مان وقت يا هنڌ جي معني نڪرندي هجي ۽ سندن ڇيڙيون 'آهون' 'آهين'، آرو يا 'آئتو' هجن، ظرف ٿي ڪم اينديون آهن، مثلاً:

آڳاهون	پراهين	منجهاهين
آڳاهين	مٿاهون	سنهائتو
اوراهون	مٿاهين	ڪمائتو
اوراهين	منجهارو	وڙائتو
پراهون	منجهاهون	هنڌائتو

۴. ڪي صفتون گردان هيٺ اچي نه سگهنديون آهن، پر ظرف ٿي ڪم اينديون آهن، مثلاً:

برابر	جلد
جال	زور
جام	عبث

٥. اسم يا صفت جي پٺيان 'آن'، 'اُڙن'، 'آئُون' يا 'آئـين' پڇاڙي ملائڻ سان به ظرف ٺهندو آهي، مثلاً

اندران، اندرُون	پٺيان، پٺيُون	مهندان
ٻاهران، ٻاهرُون	حيتُون	وچان، وچائـين،
پاران، پارُون	دليان، دليُون	وچُون

صفت جو لفظ، جڏهن ڪنهن پڇاڙيءَ سان شامل ٿي، ظرف جي صورت وٺندو آهي، تہ ان جو پويون 'و' مٽجي 'ي' ٿي پوندو آهي، مثلاً

صفت	ظرف
چڱو	چڱيان
ڏاڍو	ڏاڍيان
متنو	مٺيان
هُورو	هوريان

٦. ڪي ظرف ضميري بنيادن مان جڙندا آهن ۽ مختلف معنائون ڏيکاريندا آهن، مثلاً:

ضميري بنياد	مختلف معنائون ڏيکاريندڙ			
	ريت	جاءِ يا هنڌ	طرف	وقت
اي	اهين، اتين، ائين ايئن	ات، اتان، اتاهون، اتاهين، اتُون، اتي	ايڏاهن، ايڏاهون، ايڏاهين، ايڏهن، ايڏي	ايسين، ايستائين، ايستائين

نوٽ: وقت ڏيکاريندڙ ظرفن کي پٺيان حرف جر جون پڇاڙيون بہ لڳنديون آهن، جهڙوڪ 'تائين' وغيره، جيئن مٿي مثالن ۾ ڏيکاريو ويو آهي،

	رهت	جاءِ يا هنڌ	طرف	وقت
هي	هيئن، هيئين، هيئن	هيت، هيتان، هيتاهون، هيتاهين، هيتي	هيڏانهن، هيڏانهون، هيڏانهين، هيڏهن، هيڏي	هيسين، هيستائين، هيسيتائين
او	اونءَ، اعين، آئين	آت، آتان، آتاهون، آتاهين، آتون، آتي	اوڏاهن، اوڏاهون، اوڏاهين، اوڏهن، اوڏي	اوسين، اوستائين، اوسيتائين
هو	هُونءَ، هُهين، هُئين، هُئن	هُت، هُتان، هُتاهون، هُتاهين، هُتون، هُتي	هوڏاهن، هوڏاهون، هوڏاهين، هوڏهن، هوڏي	هوسين، هوستائين، هوسيتائين
جو	جيئن، جيئين، جيئن	جاتي، جاٿي، جيت، جيٿ جيتان، جيٿان، جيهان، جيئان، جيتاهون، جتاهين، جٿاهون، جٿاهين، جتون، جيٿون، جيتي، جيٿي	جاڏي، جيڏاهن، جيڏاهون، جيڏاهين، جيڏهن، جيڏي	جاڪون، جڏهن، جڏهين، جيسين، جيستائين، جيسيتائين، جيستوڙين، جيستوڻي، جيستوئين

	ريت	جاءِ يا هنڌ	طرف	وقت
تو	تيئن، تيئن، تيئن	تاتي، تاڻي، تيت، تيٿ، تيتان، تيڻان، تيهان، تيٺان، تيتاهون، تيتاهين، تيڻاهون، تيڻاهين، تيتون، تيڻون، تيتي، تيڻي	تاڏي، تيڏاهن، تيڏاهون، تيڏاهين، تيڏهن، تيڏي	تاڪون، تڏهن، تڏهين، تيسين، تيستائين، تيسيتائين، تيستوڻين، تيستوڻي، تيستوئين
ڪو	ڪيئن، ڪيئن	ڪاٿي، ڪيت، ڪيٿ، ڪيڻان، ڪيٿان، ڪيڻاهون، ڪيڻاهين، ڪيڻيون، ڪيڻيين، ڪيٿيون، ڪيٿيين، ڪيڻون، ڪٿي	ڪاڏي، ڪاڏهن، ڪاڏهون، ڪاڏهين، ڪيڏاهن، ڪيڏاهون، ڪيڏاهين، ڪيڏهن، ڪيڏي	ڪڏهن، ڪڏهين، ڪيسين، ڪيستائين، ڪيسيتائين، ڪيستوڻين، ڪيستوڻي، ڪيستوئين

ڪن ظرفن سان ٻيون به ڪي ڀاڱيون لڳنديون آهن، مثلاً،

طرف ڏيکاريندڙ ظرف: ايڏتي، ايڏتائين، جيڏتي، جيڏتائين، تيڏتي، تيڏتائين وغيره.

وقت ڏيکاريندڙ ظرف: جانڪي، جانڪيتان، تانڪي، تانڪيتان،
جڏهانڪر، جڏهانڪون، جڏهوڪو،
تڏهانڪر، تڏهانڪون، تڏهوڪو،
ڪڏهانڪر، ڪڏهانڪون، ڪڏهوڪو،
راتاڪر، راتاڪون، ڪالهاڪر،
ڪالهاڪون وغيره.

٧. اسم مفعول يا اسم حاليہ ٻڻ ڪڏهن ظرف ٿي ڪم ايندو آهي، مثلاً:

١. مان ويٺي ورهيہ گذاري ڇڏيا.
٢. هو ڏڪندو غار ۾ گهڙيو.

مٿين مثالن ۾ 'ويٺي' اسم مفعول ۽ 'ڏڪندو' اسم حاليہ جا لفظ آهن، جي هتي ظرف جي صورت ۾ ڪم آيا آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن ٻنهي لفظن مان حالت جي معنيٰ ٿي نڪري.

٨. سنڌيءَ ۾ ڪيترا مرڪّب لفظ، ظرف ٿي ڪم ايندا آهن، جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

الف. ٻن ساڳين يا همجنس اسمن جا مرڪب لفظ، مثلاً:
اوڙي پاڙي، اوير سوير، پيري پيري، پل پل، دم دم، ڏينهن ڏينهن، رات ڏينهن، روز روز، سال سال، سانوڻ سياري، مهيني ماسي، هنڌ هنڌ وغيره.

ب. اسم ۽ اسم مفعول جا مرڪّب لفظ، مثلاً:
ٻيٺي پير، تتي تاءِ، پرهہ ڦٽيءَ، چنڊ آئرئي، ڏينهن ڏٺي، سج لٿي، لوڪ سُتي وغيره.

ت. اسم ۽ اسم حاليہ جا مرڪب لفظ، مثلاً:
ٻُڪ مرندي، تارا تڪيندي، ڳالهيون ڪندي، سينهن وسندي، واٽ ويندي وغيره.

ث. اسم ۽ صفت جا مرڪب لفظ، مثلاً:
اڌن پهر، اوڏيءَ مهل، اونڌي منهن، اپتري قدر، ٻئي پيري، ٻوٽين پير، چوڌاري ذري گهٽ، گهٽي ٻاگي، هڪدم وغيره.

ج. اسم ۽ حرف جر جا مرڪب لفظ، مثلاً:
اڳڪل سان، ٽوڙهي ٻنا، تڪڙ ۾، ٿڌي تي، رات جو، سانجهيءَ تائين، سڪ منجهان، شرم کان، عمر ڀر، گهرج آهر وغيره.

ح. اسم ۽ فعل معطوفيءَ جا مرڪب لفظ، مثلاً:
اکيون ٻٽي، ٻاڪر ٻري، پنڌ ڪري، پيٽ ڪوڙي، دل جهلي، ڏيان ڏري، زور ڏيئي، سندرو ٻڌي، لاڳاپا لاهي، منهن ويڙهي، وجهه ولي، هٿ جوڙي وغيره.

خ. اسم مفعول جي ٻن صيغن جا مرڪب لفظ، مثلاً:
آئي ويئي، اڏي ڪٽي، ٿڪو ٽٽو، ڏني ورتي، رڌي پڪي، ڪاڌي پيتي، هڪيو تڪيو وغيره.

د. اسم حاليه جي ٻن صيغن جا مرڪب لفظ، مثلاً:
ايندي ويندي، رهندو ڪندو، کلندي ڪائيندي، ڳالهائيندي ٻولائيندي، گهمندي ڦرندي وغيره.

ذ. ٻن صفتن جا مرڪب لفظ، مثلاً:
اڀتو سڀتو، اجابو سجايو، اولو سولو، اوٺو اڏوڙو، تڪڙو تڪڙو، ٿورو گهڻو، جهڙو تهڙو، چڱو ڀلو، ڏار ڏار، هر هر وغيره.

ر. فعل معطوفيءَ جي ٻن صيغن جا مرڪب لفظ، مثلاً:
جهلي جهلي، ڄاڻي ٻجهي، ساري سنڀالي، سوچي سمجهي، ليڪي ليڪي وغيره.

ز. ٻن ظرفن جا مرڪب لفظ، مثلاً:

اڄ سڀاڻ، اڄ ڪلهه، اڳي پوءِ، اوري پري، ايڪڙ ٻيڪڙ، جاڏي ڪاڏي، جڏهن نڏهن، جيئن تيئن، ساجهر سويرو، ڪڏهن قضائي، هنڌين ماڳين، هيٺ مٿي، هيڏي هوڏي وغيره.

س. ظرفي اڳياڙين وارا مرڪب لفظ، مثلاً:

آڪارت، آڏو، آوجهڙ، سنئون، سڀنڌ وغيره.

ش. ظرفي پڇاڙين وارا مرڪب لفظ، مثلاً:

اڳيرو، پوئيرو، ٿانيڪو، هٿائين، هٿيڪو، هيٺيرو وغيره.

ص. ظرف جون ٻيون به ڪي مرڪب صورتون آهن، جي استعمال ٿينديون آهن، مثلاً:

الٽندو، اڏپنڌ، هاسيڪار، هٿون هٿ، هرويرو وغيره.

۶. سنڌيءَ ۾ فارسي ۽ عربيءَ جا ظرفي لفظ ۽ ترڪيبون عام استعمال ٿين ٿيون، جن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

فارسي لفظ ۽ ترڪيبون:

آهسته، بس، جلد، شايد، مفت، هرگز، هميشه، بار بار، برابر، بيشڪ، درحقيقت، دمبدم، سراسر، صبح شام، ناحق، هردم، هر روز، هر سال، هر وقت، يڪدم وغيره.

عربي لفظ ۽ ترڪيبون:

اڪثر، بعيد، تمام، حاضر، ضرور، ظاهر، غائب، فقط، قريب، محال، مسلسل، مقابل، ممڪن، واجب، بلڪل، عنقريب، في الحال، في الحقيقت، اتفاقاً، دائماً، غالباً، فوراً، لازماً، مثلاً، يقيناً وغيره.

ظرف جا قسم:

۱. ظرف مڪان
۲. ظرف زمان

٣. ظرف تمييز
٤. ظرف مقدار
٥. ظرف اقراري
٦. ظرف انڪاري

١. ظرف مڪان - اهو ظرف، جنهن مان ڪنهن جاءِ، هنڌ يا طرف جي معنيٰ نڪري، تنهن کي ظرف مڪان چئبو آهي. ظرف مڪان جو استعمال:

"**جيڏاهن** ڪريان پرک، **تيڏاهن** صاحب ساههون."
(شاهه: ڪليان)

"**جتي** حبيب هُن، نانگ ڀِري نيڻهن جي،
تتي طبيبن، وڃا وڃي وسري."
(شاهه، يمن ڪلياڻ)

"مائين ڪين مياڻ ۾، ٻه ٽي تراريون ڏيت،
ايءَ پر آهي **آت**، **جتي** ناتو ناهه ڪو."
(شاهه، يمن ڪلياڻ)

"**چوڏاري** چڙا ٿا ٻُرن ٻيلائن جا."
(شاهه: سهڻي)

"**جيڏان** گهيڙي ڏيڏان گهيڙ، ڪهڙ ڦِڙن ڪوڙيون."
(شاهه: سهڻي)

"**جيت**ِ ٻکو پرزا ٿئي، ڏيتِ ڪچو ڪندو ڪيئن؟"
(شاهه، سهڻي)

"جو اڪنئون **اوڏو** آهه، سو پرين **پرڀهون** مَ چئو."
(شاهه: مسئي)

”آءٌ اوراهون سپرين، وچ مَ اڳاهون.“
(شاهه: سسئي)

”ڇڏيندس ڀنڀور، هنئون هيٺ نہ وندري.“
(شاهه: حسيني)

”هڪ هلڪ ٿي هُڪار، ڀنر شهر ڀنڀور ۾.“
(سچل: ڪوهياري)

”شال نہ رهن ڏور، هُئن ابالا اوڏڙا،
ميان تن لئي مور، سون هيٺ جاڻ نہ ٿئي.“
(سچل: ڪنيات)

”قسمت قيد ڪٿي ڪيو، ڪٿان جي ڄائي.“
(سچل: ڪنيات)

”اوڏهن اڏاريام، ڪل لهڻ لئي ڪانگڙا.“
(سچل: ڪنيات)

”ڪاٿي آءٌ هُياس، ڪاٿي آيس سومرا،
هتان هليي هت، پورن منجهہ پياس.“
(سچل: ڪنيات)

”ڏاها ٿي نہ ڏور، ويهہ مون ڪي ٿي ويجهڙو.“
(سچل: مالڪوس)

هن جو نالو ملڪان ملڪ مشهور ٿي ويو.

*

سياري ۾ برسات ڪاه ڪاه پوندي آهي.

*

اخبارن ۾ هيتان هُتان خبرون ڪٺ ڪري لکندا آهن.

*

هرڻ هيڏي هوڏي گهڻو ئي ڀڄو، پر پاڻي ڪٿي بہ نظر نہ آيس.

٢. **ظرف زمان:** اهو ظرف جنهن مان ڪنهن وقت يا زماني جي سُڌ پوي، تنهن کي ظرف زمان چئبو آهي.

ظرف زمان جو استعمال:

"تن ۾ تند تنوار، **سدا** سهيرين جي."
(شاهه: ڪلياڻ)

"هئا **اڳهين** گڏ، پر پڌ ۾ پر ٿيا."
(شاهه: ڪلياڻ)

"سوري آهه سينگار، **اصل** عاشقن جو."
(شاهه: ڪلياڻ)

"**ڀهرين** ڪاتي ڀاءِ، پڇج **پوءِ** پريتڻو."
(شاهه: ڪلياڻ)

"**هڻ** نه وڻي **هاڻ**، سون ويڄن جو وصال."
(شاهه: ڪلياڻ)

"سوريءَ چاڙهيو سورين، ڏنب ڏهاڙي ڏين."
(شاهه: ڪلياڻ)

"تڏهن ڦڪيون ڦرقن، **جڏهن** امر ڪريو ان کي."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"**ڏهاڙو** ٿيو، مرڻ مستارن جو."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"چنڊ لڳيسي منڊ، **سڀڄهيئي** سيج ٿئين."
(شاهه: کنڀات)

"اڄ نه اڳينءَ ڀار، ڪرهو جيئن ڪالهه هو."
(شاهه: کنڀات)

”سامونڊين سعيو سدائين سفر جو.“
(شاهه: سامونڊي)

”هي جي آيا هيو، سي مون اڳ نه ڏٺا ڏٺ هين.“
(شاهه: ديسي)

”سائيڙن سوير، آئي آڪ جهڪائيا،
اٿيس آءُ اوير، ڪري سڄ سڄي ويا.“
(شاهه: ديسي)

”جتن سان جانڪون، سرتيون مون سڳ ٿيو،
ڪري ڪوهيارو ويو، تن چتي تانڪون،
آءُ پڻ تڏهانڪون، آڏ ڏکوئي آهيان.“
(شاهه: ديسي)

”اڳي اٿن هياس، جيئن پنهونءَ ڏوتم ڪپڙا،
هاڻي اٿن ٿياس، جيئن جت نه نينم پاڻسين.“
(شاهه: حسيني)

جڏهانڪو ٿيام، سانواهم سپيرين سين،
تڏهانڪو تر جيترو، وير نه وساريام.“
(شاهه: بروو)

”جانب جدائيءَ جا ڀلپل پون پور.“
(شاهه: مومل راڻو)

”تانڪي سانڻ اور، جان آهين اوطاق ۾.“
(شاهه: رامڪلي)

”اکيون عاي الصباح، دوست ديکڻ آئيون.“
(شاهه: آسا)

”اڄ سڀان ايندا، ڪندا ور ويچاريءَ جي.“
(سچل: ڪوهياري)
”اول آنڊي آئي، پوءِ پويان هٿئي برسات.“
(سچل: سارنگ)
”هر هر ويٺو هير جي، رانجهو ڏسي راهه.“
(سچل: ڪاريهر)
”ڪِهِڙ ڪئي پوءِ ڪهوڙ، پڇيءَ پان پوتار ڪان.“
(سچل: سورٺ)
”جڏهن ٿيا ابر، تڏهن روجهن ڳاٽ مٿي ڪيا.“
(سچل: پهاڙي)
”من ۾ اٿم ماروئڙن جا نت ذڪر سور نوان.“
(سچل: ڪنپات)
”ابتداهين ايندي پاس، هل موچاريءَ مارئا،
لوئي اها لوءِ جي، چڙين نه چڙيندي پاس،
تنبارون توڙي ٿئي، مور نه مڃيندي پاس،
آخر اچي ڏوئن کي ڏوراپا ڏيندي پاس.“
(سچل: ڪنپات)
”اڳئي ڏهر انهن جي، وات اٿم وائي.“
(سچل: ڪنپات)
طلب تني جي تات، راتيان ڏينهان روح کي.“
(سچل: جوڳ)

٣. ظرف تميز: اهو لفظ، جو ڪنهن فعل يا امر واقع ٿيڻ جو طور طريقو بيان ڪري، تنهن کي ظرف تميز چئبو آهي.

اهي لفظ، جي عام طرح ظرف تميز ٿي استعمال ٿين ٿا، تن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

الف. شڪ يا گمان ظاهر ڪندڙ لفظ، مثلاً:
اڪثر، جيڪس، شايد، غالباً، گهڻو ڪري وغيره.

ب. يقين ظاهر ڪندڙ لفظ، مثلاً:
برابر، بيشڪ، بيگمان، بلاشڪ، تحقيق، پڪ، جائي، خاطريءَ سان، ساڀئان، سچ پچ، صحيح، قطعاً، لاشڪ، يقيناً وغيره.

ت. تخصيص يا استثنيٰ جا لفظ، مثلاً:
البت، باقي، بس، خالي، رڳو، صرف، فقط، محض، نجو، نلو وغيره.

ث. اختصار يا قلت جا لفظ، مثلاً:
آخرڪار، الغرض، القصه، بالآخر، پڇاڙيءَ، حاصل ڪلام في الجمله، قصه ڪوتاهه، نيٺ وغيره.

ج. تاڪيد جا لفظ، مثلاً:
آو س، بهرحال، بهرصورت، ضرور، ڪيئن به، هروڀرو وغيره.

ح. تائيد جا لفظ، مثلاً:
انڌلندو، پاڻان، پاڻمرادو، پاڻون واٽي، پاڻهين، پاڻيهي، جائي واٽي، رهندو، سعيو ڪري، ماڳهين، مورڳو، هٿان، هٿانهون، هٿانهين، هٿانئين، هٿون، هٿئون، هيڪاري، هيڪارهين وغيره.

خ. امڪان ظاهر ڪندڙ لفظ، مثلاً:
اڻٿيڻي، عبث، غير ممڪن، محال، مس، مسين، مشڪل، ممڪن، ناممڪن، ورلي وغيره.

د. حادثي جا لفظ، مثلاً:
اتفاقاً، اتفاق سان، امالڪ، اوچتو، ناگهان وغيره.

ذ. تمثيل جا لفظ، مثلاً:
بعينه، تيئن، جيئن، جڻ ته، جهڙڪ، مثلاً، مثال طور، ھوبهو، يعني وغيره.

ر. جملي ۾ اسم مفعول يا اسم حاليه گهڻو ڪري ظرف تمييز ني ڪم ايندو آهي.

عام محاوري وارا ظرف تمييز جا ٻيا لفظ:
اجايو، اڪيلو، اهڙي طرح، تهڙي طرح، ڀڙرو، ڀڙ ري پٽ، لڙ ٻپ، چپ چاپ، چوري ڇپي، جهڙي طرح، ڏک سک ۾، روبرو، زبردستي، زور سان، زوريءَ، ظاهر ظهور، غلط، گڏ، ڪجهي طرح، ڪنهن ڀر، ڪنهن طرح، ڪنهن نموني وغيره.

ظرف تمييز جو استعمال:

”**ٻاڏان** ڏوهه چڙهن، **جيئن** ورق وراڻن وترا.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

”**ايهين** اٿ الاءِ، **جيئن** هوندي رات هت مڙان.“
(شاهه: ڪنيات)

”ليڪه لڳ لطيف چئي، **هوريئن** هل م اٿ.“
(شاهه: ڪنيات)

”ڪڀر ٿو ڪنن ڪري **جيئن** مائيءَ منجهه متهي.“
(شاهه: سريراڳ)

”**هنئنهين** هوند مئي، ڀر ٻڏيءَ جا پيٽا ٿيا.“
(شاهه: سهڻي)

”ڪئرن ڪيئا چڏيا جي سڙيون ٿي هتس.“
(شاهه: سارنگ)

”سينهون **ٻاڏراديون** ٿڏا چرن ٿر.“
(شاهه: سارنگ)

”ويئي ور نه پون، **سٽي** سان نه سپرين.“
(شاهه: مسئي)

"هلندي هوت پنهونءَ ڏي ڪُهجن ڪي ڪونئون."
(شاهه: معذوري)

"جڏن جڏن تپي ڏينهن، تڏن تڏن تانئي پنڌ ۾."
(شاهه: حسيني)

"هاري هيڪاندي، ڪڏهن ٻر ٿيندينءَ هوت سين."
(شاهه: حسيني)

"سپيريان جي ڳالهڙي، رڱو رنجائو."
(شاهه: حسيني)

"ڪوهه لجائين پاڻ، ناحق وينو نينهن ۾."
(سچل: رائو)

"پت پٽيهر بافتا، لپٽ ڪم ناس."
(سچل: ڪاريهر)

"ڀِجل تنندون ٿيڪم مان، ڪهدل ڪيون تيار."
(سچل: سورٺ)

"شايد پري پهنوار ويا، جو سڌ نہ لڌائون."
(سچل: ڪنڀات)

"جيڪس سنگهارن، اهو ڏينهن وٺي ويو."
(سچل: ڪنڀات)

"ڇاهون ڇڏيائون، نہ ڇاڏان ملڪ ملير جو."
(سچل: ڪنڀات)

"آئي ويلي گهمندي، تن تني جي تار."
(سچل: ڪنڀات)

"محبن ڏهون مَسين، اڄ ٻڌ ڪانگل آيو."
(سچل: مالڪوس)

٤. **ظرف مقدار**- اهو لفظ، جنهن مان وسعت، قدر يا انداز جي خبر پوي، تنهن کي ظرف مقدار چئبو آهي.

ظرف مقدار جا مثال:

اڀر، اپار، اڪيچار، باقي، بلڪل، بيحد، بيشمار، تيرُ، تيرَ جيترو، تمام، جهجهو، جهڪو، ڏلَ، ذرو، گهڻ، گهڻو، ڳچ، سارو، سڀ، سڀوئي، سڀيئي، سمورو، سوايو، ڪجهه، سڄوئي، مالو، نسورو، وڌيڪ، هم، هيترو، هيڏو، هڪاندو، آڦي باقي، چڙو پاڙو، ذرو پرزو، سڄو سارو، عام جام وغيره.

ظرف مقدار جو استعمال:

"ذرو تفاوت نه ڪري، تنهن کي ڪو طبيب."
(شاهه: ڪليان)

"ڪڏهين اڀرين **سلهڙو**، ڪڏهن اڀرين ڳچ."
(شاهه: ڪنڀات)

"ساهڙ ڌاران سهڻي، **نسوري** ناپاڪ."
(شاهه: سهڻي)

"هٿ ٻت رهيو **باقي**، تون ساهه ولي وٺين سپرين."
(شاهه: برو و سنڌي)

"سوران **مالو** نه ٿئي، تازي جو تو ڙان،
هاٿي جي **هيڪلو** وهي، ته به ڪيٽي سلهه گهوڙان."
(شاهه: سينهن ڪيڏارو)

"پورب سندي پار جا ڪنڪر **ڪاروئيار**،
ترايون تجل جون، ٿيون **نارون** ڌار."
(سچل: سارنگ)

"مُنداٿي سنڌل ڪيا، جر **آلا** جال."
(سچل: سارنگ)

"لاهيج لڳ خدا جي، ڏرو ڀڙو زنگ."
(سچل ؛ رائو)

"سچل ساميڙن تي، محبت وسي موڪ."
(سچل ؛ جوڳ)

"هنئين سان هنداڻجو، سرتيون سڀوئي."
(سچل: مالڪوس)

۵. **ظرف اقراري**- اهو ظرف، جنهن سان اثبات، اجابت يا اقرار (هائو) جي معنيٰ نڪري، تنهن کي ظرف اقراري يا ظرف ايجاب چئبو آهي.

ظرف اقراري يا ايجاب جا مثال؛

بجا، برابر، ٻلا، ٻلي، ٻلي ڪري، ٺيڪ، ٺهيو، جائي، جيئن، چڱو، چوڻ، درست، صحيح، مڙ، واقعي، ها، هان، هائو وغيره.

ظرف اقراريءَ جو استعمال:

"ٻلي ڪري نيو، هيءَ سڱ ٻاروچن سين."
(شاه: حسيني)

"بيهودن ٻلا، ڪوڙو قدر قرب جو."
(سچل؛ ڀيروي)

"ڏونگر ڏوري هڙ، سران، ماهه ميرون ڪائين،
آنڌا گونڌا اوجهر ٻون، ٻل ڳيجهون ڳڙڪائين."
(سچل، ڪرهياري)

"رائا رنج نه ڪر، معافي موسل ڏي ڪڻي."
(سچل؛ رائو)

"تن سان ڪيڪيءَ جي اڇي، برابر بند بوءِ."
(سچل؛ ڪلياڻ)

چڱو، جيئن چوندين تيئن ڪندس.

*

هائو، اها حقيقت آهي.

*

ڀلي، مان توکي معاف ٿو ڪريان.

*

اسان غريبن ۽ يتيمن جي مدد **ڇو نہ** ڪريون؟ آخر هنن جو اسان تي حق آهي.

٦. ظرف انڪاري- اهو ظرف، جنهن مان نفي يا انڪار جي معنيٰ نڪري، تنهن کي ظرف انڪاري چئبو آهي. عام طرح هيٺيان لفظ ظرف انڪاري طور ڪم ايندا آهن:

ڪانہ، ڪونہ، ڪونڪو، ڪين، ڪينڪي، مَ، نَمَ، نہ نہ، نا، نَڪو، نڪي وغيره.

ڪي لفظ هوندا آهن، جن ۾ انڪار جي معنيٰ سمايل هوندي آهي ۽ ظاهري طرح ڪو شڪ يا گمان ڏيکاريل نہ هوندو آهي، تن کي بہ ظرف انڪاري چئبو آهي، مثلاً:

الاجي، خيرڪو، ڪهڙي خبر، مڃاڻ، نہ ڄاڻان، نہ معلوم وغيره.

ڪي لفظ تنبيهہ طور ڪم آڻبا آهن، تن کي بہ ظرف انڪاري چئبو آهي، مثلاً:

جيمَ، خبردار، ڏسُ، مڄڻ، متان، هلا وغيره.

ظرف انڪاريءَ جو استعمال:

”ڪانہ گهرجي سون، حياتي هوتن ري.“
(شاهہ: ڀن ڪلياڻ)

”نڪو ساهڙ سڏ، نڪا سُڃي سهڻي.“
(شاهہ: سهڻي)

"سڀُئي ٻول سندان، جيئن سُڻهين سڻي."
(شاهه ؛ سسئي)

"هيءَ تنهنجي ڇاڏان، ڪڏهن هٿڙ ڪَنُ ٿو."
(شاهه : سريراڳ)

"نکي ڪتين، نه ڪتائين، نه ڪين ڪوريءَ ڪاڻ."
(شاهه ؛ ڪاپائتي)

"ڪاف ڪشالا ڪيترا، ڪڏهن ڪين ڪيام."
(سچل ؛ ڪوهياري)

"ووه ووه تا مَ وسار، مٿان سڀئي ساٽ ڪرين."
(سچل : ڪوهياري)

"سومل مهڻي هاب، راڻا ڪر نه راءِ تون."
(سچل : راڻو)

"مومل ڏاهه ميار، سوڍي سگ چئي ڇڏيو."
(سچل : راڻو)

الاجي، مون کي ڪهڙي خبر؟

*

خبردار، وري اهڙو ڪم نه ڪجانءِ.

*

ڏس، اهڙو ظلم مٿان ڪرين.

*

مون سمجهو ته ڪجهه ڪونهي، مگر ته ڪر نانگ
ڇپر ۾ لڪو ويٺو هو.

١٦- حرف

حرف انهيءَ لفظ کي چئجي ٿو، جو جملي ۾ اسم يا ضمير جو لاڳاپو ٻين لفظن مان ڏيکاري، ٻن لفظن، جملي جي ٻن ڀاڱن يا ٻن جملن کي ڳنڍي يا انڪار ڪري، اسم ۽ ضمير جي اضافت بيان ڪري يا جنهن مان سڏ، آواز، آرزو، ارمان، عجب، تعريف يا توهين جي معنيٰ نڪري.

هتي لفظ کي حرف سڏيو ويو آهي، حالانڪ حرف خود لفظ جو هڪ جزو هوندو آهي؛ پر چاڪاڻ تہ لفظ هتي هڪ خاص صورت ۾ استعمال ٿئي ٿو، تنهنڪري ان کي حرف سڏجي ٿو. حرف اڪيلي سر ڪا معنيٰ نٿو رکي، پر جملي ۾ ان جو هجڻ اهڙو ضروري آهي، جو جيڪڏهن ان کي ڪڍي ڇڏجي تہ جملو بي زيب، بلڪ ڪن حالتن ۾ بي معنيٰ ٿي پوندو.

حرف جا مختلف قسم هي آهن:

١. حرف جر
٢. حرف جملو يا حرف عطف:

الف- حرف عطف
ب- حرف عطف بياني
ت- حرف عطف استدراڪي
ث- حرف عطف سببي
ج- حرف عطف شرطي

٣. حرف اضافت
٤. حرف ندا
٥. حرف تمنّا يا دعا

٦. حرف تعجب
٧. حرف تاسُّف
٨. حرف تحسين
٩. حرف نفرين

١. حرف جر- اهو لفظ، جو اسم يا ضمير جي پٺيان اچي ۽ ان جو لاڳاپو ٻين لفظن سان ڏيکاري، تنهن کي حرف جر چئبو آهي. حرف جر جون صورتون:

ا- سنڌيءَ ۾ اصل يا بنيادي حرف جر جا مثال:

آهر	تون	ري	ڪرَ	ڳنِ	لاڪر
ڀرِ	جان	ريءَ	ڪنِ	ڳنان	لاڪون
ڀرَ	جيئن	سارُ	ڪنان	ڳنين	منجهه
تائين	جئين	سان	ڪنين	ڪي	منجهان
توڻين	دوران	ساڻ	ڪنون	ڪان	منجهاران
تي	ڏانهن	سوڏو	ڳڙ	ڪون	۾
تان	ڏنهن	سين	ڳڙي	ڪانسواءِ	سان
	ڏنهون	سيءَ			مون
	ڏي				وٽ
					وٽان

ب- ڪن حالتن ۾ ظرف خود حرف جر ٿي ڪم ايندو آهي، مثلاً: ماڻهن اڳيان، جبل پٺيان، پيرن هيٺان، ڇت مٿان وغيره. 'اڳيان'، 'پٺيان'، 'هيٺان' ۽ 'مٿان' اصل ظرف آهن، پر هتي حرف جر جي صورت ۾ بيٺا آهن.

انهن ظرفن جا مثال، جي اڪيلي سر يا 'جي' لفظ سان شامل ٿي حرف جر جي صورت وٺندا آهن:

ابتڙ	ٻاهرون	پڇاڙان	مٿون
آڏو	ڀرِ	جان	وانگر
اوڏو	ٻار	جهڙو	وانگي

اڳي	ڀاران	جئن	وانگيان
اڳيان	ڀاران	جئين	وچ
اڳيئون	ڀاسي	ڌاران	وچان
اندر	پٺاندر	سامهون	وچئون
اندران	پٺيءَ	سامهان	وگهي
اندرون	پٺيان	سانگي	ويجهو
اوري	پٺيون	سير	هيٺ
اوريان	پوريان	گڏ	هيٺان
اوريئون	پوريئون	لڳ	هيٺئون
ٻدران	پوئتان	متي	هيٺ
ٻاهر	پوئتون	مٿي	هٿان
ٻاهران	پرپٺ	مٿان	هٿئون

حرف جر جي صورت ۾ ظرف جو استعمال:

"ٻڌم **ڀاسي** ڪهار، آيل سامونڊين جي."
(شاهه: سامونڊي)

"ڏکن **پٺيان** سک، سگها ٿيندءِ سسئي."
(شاهه: سسئي)

"ڪيچان **اوري** ڪٿهين، وڻ نه ويساهين."
(شاهه: حسيني)

"ادب **وچان** انسين، ڳالهه نه ڪيئم ڪاءَ."
(شاهه: حسيني)

"هي سر سانيهه **سامهون**، منهنجو نج ميان."
(شاهه: مارئي)

"سون **برابر** سڳڙا، ماروءَ سندا سون."
(شاهه: مارئي)

"آڏو عجيبن جي، ڪجاڻ سڀ خبر."
(شاھہ: پورب)

"وڃي ڪاھ ولايت ۾، اڳيان عجيبن."
(شاھہ: پورب)

"سارنگ ساري رات، رئن منجهي ريج ڪيا."
(سچل: سارنگ)

"اڄ پڻ انهن جي ٿيا، پيرن هيٺ پلنگ."
(سچل: ڪلياڻ)

"اڄا ڪالهه ڪال، هيس مارن گڏ ملير ۾."
(سچل: ڪنڀات)

"عطر ڪئوري اوتيان، پيا مالڪ تو مٿاءِ."
(سچل: مالڪوس)

ت– ڪي اضافت جا لفظ پڻ حرف جر جو ڪم ڏيندا آهن، مثلاً:

"وسي ساري رات، صبح جو ساھہ ڪئي."
(شاھہ: سارنگ)

هو سچ سندو گهر موٽي آيو.

پهرئين مثال ۾ 'جو' لفظ جي معنيٰ آهي 'جي وقت'، جا اضافي ترڪيب آهي، پر هتي 'سان' جي معنيٰ ۾ حرف جر ٿي ڪم آيو آهي. اهڙيءَ طرح 'سندو' حرف اضافت جو لفظ آهي، پر هت ان مان مراد آهي 'سنئون' يا 'سان' جو حرف جر جي صورت ۾ استعمال ٿيو آهي.

ث– حرف جر عام طرح جدا صورت ۾ استعمال ٿيندو آهي، پر بعضي اسم يا ضمير سان گڏ ادغام جي صورت ۾ هوندو آهي. ادغام جي معنيٰ آهي سمايل. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

اسم سان ادغام: ڀاران، ڀارون يعني ڀار ڪان،
پيرين يعني پيرن تي يا ۾،
ڏندين يعني ڏندن ۾،
ڳوڻان، ڳوڻون يعني ڳوٺ ڪان يا مان
محلين يعني محلن ۾.
ضمير سان ادغام: ڪانئس يعني هن ڪان
منجهس يعني ان يا هن منجهه
وٽام يعني مون وٽان
وٽن يعني هنن وٽ.

سمايل حرف جر جي لفظن جو استعمال:

”ساهان اوڏو سپرين، لوچي تان نه لهن.“
(شاهه: سسئي)

”مهر نه هئي ماڏهئين، هو سڀ هندوڪار.“
(شاهه: سسئي)

”ڪيچان آيو قافلو، ٻاڏيرو ٻانڌيان.“
(شاهه: ديسي)

”مون ڪيئي ڪيا سڏ، ٻيڙوران ٻهر تي.“
(شاهه: حسيني)

”پرديسان پنڌ ڪري، هلي آيو هيءَ“
(شاهه: سورٺ)

”هريا هٿ ٽيام، ٽيڙهئون نير وهي.“
(شاهه: رپ)

”مون وٽ آيو ڪونه ڪو، ڀاڳونئون ڀري پير.“
(شاهه: مارئي)

”مينڍا ڏوئي نه مارئي محلين مارڳان ڏار.“
(شاهه: مارئي)

”آءٌ ڪين **سوڙئين** سمهان، مون ور گهاري ولهه.“
(شاهه؛ مارئي)

”**رڻئون** روجهون آيون، ساريو پنهنجو ديس.“
(سچل؛ پياڙي)

”وڃائي وجود کي، **پاڻان** پاسي ٿيءُ.“
(شاهه: رامڪلي)

”**وڻن** ويٺي آهيان، ڏسيو ڪين ڏسان.“
(شاهه؛ رامڪلي)

”هنجهه ڀرُوئي هنجهه، ميرو **مڇن** ناهه ڪو.“
(شاهه: ڪاراپل)

”مئنهن نه لاهه **متئام**، آءٌ اوهان جي آهيان.“
(سچل؛ ڪوهياري)

”چپ چپاتي سرتيون، **وڻون** هوت ويام.“
(سچل: ڪوهياري)

عام حرف جر جي لفظن جو استعمال؛

”چوڙا ڀيڙا چيڪ **ڀر**، لڙ **ڀر** لڙهيس وار.“
(شاهه: سهڻي)

”ساهڙ **ڪاڻ** سڙي، لڪان لهرين **وچ**.“
(شاهه: سهڻي)

”پاڻ مَ ڪڍج پاڻ **سين**، **رڪ**ءَ وسيلي وڃ.“
(شاهه؛ سهڻي)

مرج **وٽ** مهار، متان موڙين سهڻي.“
(شاهه: سهڻي)

”’الست‘ ارواحن **کي**، جڏهن جيائين،
هو من ڪاڍو ميهار **ڏي**، سهڻيءَ سدائين.“
(شاهه؛ سهڻي)

”قضا جا ڪريم جي، تنهن ڪان ڪنڌ ڪيو ڪين؟“
(شاهه: سهڻي)

”هي هڏو ۽ چم، کوريو محب مهار تان.“
(شاهه: سهڻي)

”گهڙن واريون تڙن تي، گهڙن کهٽيئي،
سيڪا چئي آءُ سهڻي، لئي پريان پيئي.“
(شاهه: سهڻي)

”پنهون اٿي پتس، سر پر هلي سسئي.“
(شاهه: سسئي)

”زاريءَ ڏاران زور، هلي ڪونه حبيب سين.“
(شاهه: ديسي)

”پرتوو پنهونءَ جو، جهڙ جڻن جهالا ڏئي.“
(شاهه: ڪوهياري)

”لڏيسون لطيف چئي، ڪنان ڏاتر ڏات.“
(شاهه: مومل راڻو)

”سوڍا تو ڳر ساهه، نه تم راڻا گهڻا راڄ ۾.“
(شاهه: مومل راڻو)

”روزا رند رکن، عيد نه اوڏا ڪاپڙي.“
(شاهه: رامڪلي)

”ابو ڏاڏو کهور، پاڻ سوڍو پرينءَ ڏان.“
(شاهه: ليلان چنيسر)

”ستان روئين رت، صبح ويچ مرتئين.“
(شاهه: ڪاپاڻتي)

”ٻاجهون راهه عشاقي سچا، ٻيا سڀ ڪوڙ ڪرانا.“
(سچل: ڪجري)

”عاشق هت اوهان ٻاهان، آهي ملڇهه حشر.“
(سچل : پيروي)

”رقعي ملڇهان راز، سڙيوئسي معلوم ٿيو.“
(سچل : پيروي)

”پرينءَ ڏانهن نيو، تنهن کو خط خبر جو.“
(سچل : پيروي)

”حبيبن ڏانهن هين، اديون لکجي آيو.“
(سچل : پيروي)

”منهنجو پيچ پنهونءَ سان، ازل لاکون آهه.“
(سچل : کوهياري)

”سيني اندر سل، سلي ويم سهريس.“
(سچل : کوهياري)

”کريان کوهه پنهور ۾، ور ٻهان ويهي.“
(سچل : کوهياري)

”کولن گڏ گذران، ڪاکيون کندس کيچ ۾.“
(سچل : کوهياري)

”مادر تائين موت، اهو ائم آسرو.“
(سچل : کوهياري)

”روهه ملڇهارون راهه، ڪاکيون ڏئم کيچ جي.“
(سچل : کوهياري)

”ووڙڻ وڻ پيام، قسمت سانگي کيچ جا.“
(سچل : کوهياري)

”جهاڳيون وتن جهاڳ، هيٺون ڪارڻ قوت جي.“
(سچل : ڪلياڻ)

"لاهج لوئيڙن تان الله لڳم اولاڪ."
(سچل: ڪنيات)
"ايندا مارو مون ڪاڻ، وهندم شال ولي."
(سچل: ڪنيات)
"سچا سچ سواءِ، سودو ڪن نہ ڪو ٻيو."
(سچل: جوڳ)
"مڪر سان ملڪ کي، لٽيرا لٽين،
ڪريو ٻيا ڪرين، انڪلون الله سان."
(سچل: متفرقہ)
"جيڪي ڏسين ڏيهہ ۾، سو اٿي مڇهہ انسان."
(سچل: متفرقہ)

ڪراڙن ماڻهن جي طبيعت ٻارن وانگيان هوندي آهي.

*

ماڻهو ڪاڏي ٻيتي ڪانسواءِ رهي نٿو سگهي.

*

ننڍپڻ لاڪر منهنجي دل ۾ اها آرزو رهي آهي.

*

سياڻو ماڻهو سوڙ آهر پير ڊگهيريندو آهي.

*

پنهنجي طاقت سارو ڪم ڪجي.

*

گهر اچي ڏٺم، تہ ٻيتي ڪپڙن سميت گم هئي.

*

سانوڻ جو درياهہ ڪنڌن ڪر وهندو آهي.

*

هيءَ ڇاڙهي جبل وانگر اتاهين پئي لڳي.

*

جنگ ڪاڏهوڻ ڪيترا ماڻهو وبا وگهي مري ويندا آهن.

ج- حرف جر جي انهن لفظن جا مثال، جي ڌارين ٻولين مان ورتل آهن:

عربيءَ مان ورتل لفظ:

بِ، بابت، باعث، بعد، بغير، تحت، خاطر، دوران، سبب، سواءِ، طرح، طور، عوض، قبل، متعلق، مثل، مطابق، مقابل، موجب، واسطي وغيره.

فارسيءَ مان ورتل لفظ:

بجاءِ، بجز، برابر، براي، برعڪس، روبرو وغيره.

پنجابيءَ مان ورتل لفظ:

ڀاجهون، لاءِ، لئي وغيره.

هندي ۽ سنسڪرت مان ورتل لفظ:

بن، بنا، ڪري وغيره.

ڌارين لفظن جو استعمال:

”بِاللهِ ري پرينءَ، سڀ اونداهي ڀانئيان.“
(شاهه: ڪنڀات)

”آءٌ متاهون مڱڻا، مقابل ميدان.“
(شاهه: سورٺ)

”سوڍي بگر سرتيون، هڏ نه ساهه سري.“
(شاهه: مومل راڻو)

”سون برابر سڳڙا، ماروءَ سندا مون.“
(شاهه: مارئي)

”ڪريان ڪوهه ڀنڀور ۾، هار يون ٻنا هوت.“
(سچل: ڪوهياري)

نوٽ: 'بگر' لفظ عربيءَ جي 'بغير' لفظ جي بدليل صورت آهي.

ڪڪيءَ خاطر ڏيريون، ڏين منجهه ڏيون."
(سچل: ڪليات)
"انهن ٻاجهون سارئي ٿي ميان هت مري."
(سچل: ڪليات)
"جوانگيڙن لاءِ جيءَ، عمر آهه اپاڻڪر."
(سچل، ڪليات)

ٻيڙي نتيجي بعد انسان پنهنجي ڪئي تي پڇتائيندو آهي.

*

بجليءَ جي باعث زندگيءَ ۾ آساني ٿي آهي.

*

الله وٽ اجورو نيڪ عملن جي عوض ٿي ملندو.

*

دنيا ڪڏهن ختم ٿيندي؟ ان متعلق ڪنهن کي به ڄاڻ ڪانهي.

*

ٻوڙ سبب ماڻهو بيگهر ٿي ويندا آهن.

*

انسان جي زندگي جر جي ڦوٽي وانگر آهي.

*

هر شهر واسيءَ تي لازم آهي، ته ملڪ جي قانون موجب عمل ڪري.

*

مون جنگ بابت ڪتاب ۾ پڙهيو آهي.

*

انتقام بجاءِ درگذر ڪرڻ نيڪيءَ جو ڪم آهي.

*

هر انسان ڪي هڪ ڏينهن خالق جي **روبرو** پيش ٿيڻو آهي.

*

مان هي تحفو پنهنجي دوست **لاءِ** آندو آهي.

*

بد پرهيزيءَ **ڪري** اڪثر بيماري ٿئي ٿي.

٢. حرف جملو يا حرف عطف. اهو حرف، جو ٻن لفظن، جملي جي ٻن ڀاڱن يا ٻن جملن کي پاڻ ۾ گنڍي، تنهن کي حرف جملو يا حرف عطف چئبو آهي.

معنيٰ جي لحاظ کان حرف عطف جا پنج قسم آهن:

١. حرف عطف
٢. حرف عطف بياني
٣. حرف عطف استدراڪي
٤. حرف عطف سببي
٥. حرف عطف شرطي

١. حرف عطف. هن لفظ جي تعريف مٿي بيان ڪئي ويئي آهي.

هيٺيان لفظ حرف عطف جو حڪم ڏين ٿا:

۽	تيئن، تيئن
ٻيو	پڻ
ٻيا	ٻئي
ٻيي	نيز
توڙي	هم
توڻي	وَ

نوٽ: 'وَ' عربي ۽ فارسي ٻوليءَ جو حرف عطف آهي ۽ 'نيز' ۽ 'هم' نج فارسي ٻوليءَ جا حرف عطف آهن، جي سنڌيءَ ۾ استعمال ٿيندا آهن.

حرف عطف جو استعمال:

"آءٌ ٻہ وجھان ھتڙا، آئين پڻ وجھو چار."
(شاھہ: سھڻي)

"رئڻ ۽ راڙو، سون نماڻيءَ جي نجھري."
(شاھہ: حسيني)

"أتِ اڪنڊي آھيان تڏن آتڻ تڏن ڏيھہ."
(شاھہ: مارئي)

"نندن ۾ نھاريان پکڙا ۽ پھنوار.
(سچل: ڪنيات)

"تون ٻي چاين وارو، آءٌ ٻہ ڪنھن چائي."
(سچل: ڪنيات)

"نيڪ و بد جيڪي ڪو چوي سو چوي."
(سانگي)

امير توڙي فقير خدا جي نظر ۾ ھڪجھڙا آھن.

*

مان ھن ڪي مسئلي کان آگاھہ ڪيو، نيز ڪم ڪرڻ جي ترتيب پڻ ٻڌائي.

٣. **حرف عطف بياني**- اھو حرف، جنھن جي اڳئين جملي يا جملي جي ڀاڱي جي وضاحت سندس پوئين جملي يا جملي جي ڀاڱي ۾ ڪيل ھجي، تنھن کي حرف عطف بياني چئبو آھي.

ھيٺيان لفظ اڪثر حرف عطف بياني ٿي ڪم ايندا آھن:
تہ، تا، تان، يعني وغيره.

نوٽ: 'تا' يا 'تان' واري صورت گھڻو ڪري شعر ۾ استعمال ٿيندي آھي.

حرف عطف بيانيءَ جو استعمال:

”ڪنهن کي ائين چوان، تہ مونکي ماريو سڄڻين.“
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

”سکهن سُڌ نہ سور جي، تہ گهايل ڪيئن گهارين.“
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

”پکين پاڻ ڀڃائڙيو، تہ لڌيو هوت وڃن.“
(شاهہ: ڪيڏارو)

”پهي پروڙيوم، ڏا پنهون پالئي آهيسان.“
(سچل: ڪوهياري)

خدا سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪجي، يعني خدا کي هڪڙو ڪري ڄڃي.

۳. حرف عطف استدراڪي- مرڪب يا ملتف يعني مخلوط جملي جي پوين ڀاڱي اڳيان ايندڙ حرف، جو پهرئين ڀاڱي جي معنئ کي موٽ ڪارائي يا ذهن نشين ڪرائي، تنهن کي حرف عطف استدراڪي چئبو آهي.

هيٺيان لفظ عام طرح حرف عطف استدراڪي طور ڪم ايندا آهن:

اڃا بہ	تہ بہ	ليڪن
ان ڪري بہ	توڻ	مگر
انهيءَ ڪري بہ	تہ ٻوڻ	نہ تہ
ان هوندي بہ	تڏهن بہ	نات
انهيءَ هوندي بہ	تنهنڪري بہ	ورنہ
ان جي باوجود	تنهن هوندي بہ	هٿان
بلڪ	توڙي	هٿانئين
تہ	پر	هٿئون
تان	ڪہ	يا
ڳاهہ	ڪي	

حرف عطف استدراڪيءَ جو استعمال:

"توڙي ڇڪن ڇاڪ، تڙهن آهه نه سلن عام کي."
(شاهه: ڪيڏ)

"ڪٿين جي هارائين، ته هند تنهنجو ڏيءَ."
(شاهه: ڪديان)

"ڪيو وَسُ ويڄن، تان ڪيريءَ ري ڪين ٿئي."
(شاهه: يمن ڪيان)

"مادر مون مَ چور، ڦات پڌر پوندي پرينءَ ري."
(شاهه: ساموندي)

"توڙي لهين نه پير، ته پڻ راحت رڻ ۾."
(شاهه: مسئي)

"جيڪر ڪريان ريهه، پر چوندا منڌ چري ٿي."
(شاهه: معذوري)

"ڪيچن جي ڪوي ٿي، توءِ تنهين جي تات."
(شاهه: ديسي)

"پير آءٌ پلياس، ته تہ سڪ سهڻ ڇا لڳي."
(شاهه: ديسي)

"جتُنُ ڪيچ جتن جو، آها ڪِر ايندا."
(شاهه: ديسي)

"ڪِر جتن جڙون هنيئي، ڪِر پانهي نينهن لڳوءِ."
(شاهه: حسيني)

"ڪاغذ مڪئين ڪيترا، پر ريڏو نه راڻو."
(سچل: راڻو)

نوٽ: 'بلڪ'، 'تاهم'، 'ليڪن'، 'ورنه' ۽ 'يا' فارسي ٻوليءَ جا حرف عطف آهن، جي سنڌيءَ ۾ عام طرح ڪم ايندا آهن. 'ڦات' واري حرف عطف جي صورت شعر ۾ استعمال ٿيندي آهي.

”لٿا ليــڙون ليــڙ ٿيا، ٿــي پــوتــي پــرانــي،
تہ ٻہ راڻي جــي راڻيي، سرتيون سڏن ساڻيهہ ۾.“
(سچل : راڻو)

”توڙي اهڙيون اويڙيون، تہ ٻہ سمي جام سهايون.“
(سچل : ڪلياڻ)

”لنگهــو لائــق هــو مگر، لک ڪيس لاچــار.“
(سچل : سورٺ)

”حال اسان هيت ههڙا، ڪي هُت پسي هنا هينءَ.“
(سچل : مالڪوس)

هنن گهٽوئي چيو آڪيو، بلڪ ڪجهہ ڏيڻ بہ قبول ڪيائون، پر هن نہ مڃيَن.

*

هو بلڪل نٿو مڃي تاهم وري چئي ٿــو ڏسانس.

*

تنهنجو ارادو هجي تہ ڀوءِ ان ڳالهہ ۾ هٿ وجهجي.

*

دل کي ڪيترائي دم دلاسا ڏيان ٿو، تنهن هوندي بہ مرچي ئي ٿي.

*

گهٽوئي سمجهايانس ٿــو، ليڪن هــو هــڪ تــي ئــي بيٺو آهي.

*

هن کي رحم اچي ويو، ورنہ تهبارون ڪڍي ڇڏيس ها.

*

ٿورو مڃي ها، سو تہ ڪهيو، هٿائين وڙهڻ پيو اچي.

*

تون ڀاڻ ڪوشش ڪندين، پر مان ڪنهن کي چوان.

٤. **حرف عطف سببي**- اهو حرف جو جملي ۾ سبب يا وجهه بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ٿئي، تنهن کي حرف عطف سببي چئبو آهي.

هيٺيان لفظ گهڻو ڪري حرف عطف سببيءَ جي صورت ۾ ڪم ايندا آهن:

انهيءَ ڪري	جنهنڪري	تہ
انهيءَ لاءِ	جيلاهين	ڇا جي ڪري تہ
تنهنڪري	جيلهن	ڇا جي ڪري جو
تنهن لاءِ	جيلان	ڇو تہ
تيلاهين	جو	ڇو جو
تيلهن	ڇا جو	سبب تہ
تيلان	ڇاڪاڻ تہ	سو
جيئن تہ	ڇاڪاڻ جو	لهذا
جيئن جو	ڇا لاءِ تہ	متان

حرف عطف سببيءَ جو استعمال:

”پاڙي وچ هئام، تان مون سور نہ پچيا،
تيلاهين پيام، سوريسر اڪيلين ۾.“
(شاهہ: يمن ڪاياڻ)

”متو ڏي ملوڪ، تہ ڏيکاريان آءٌ ڏيهہ کي.“
(شاهہ: سورٺ)

”ايءُ عشق جو آچار، **جو** دانهہ ديوانا ڪري.“
(شاهہ: بروو سنڌي)

نوٽ: تيلاهين، تيلهن، تيلان، جيلاهين، جيلهن ۽ جيلان اگرچہ حرف عطف سببي آهن ۽ اڳوڻي سنڌيءَ ۾ عام استعمال ۾ آيل آهن، پر اڄڪلهہ جي ٻوليءَ ۾ ورلي ڪم آندا ٿا وڃن.

”مٺهن منهنجو سومرا، مر سيرو ٿي هوءِ،
مٿان مارو چوءِ، ته ڏوٿوءِ ڏوراٿن ۾.“
(شاهه: مارئي)

”قاصد آئيو ڪونه ڪو، ڪونه لکيائون خط،
پهنوارن پاهت، **ڍيلهان** مون سان نه رکيو.“
(سچل: ڪنيات)

زاغ نه ٿي زبون، وٺون اڏامي اوڏهين،
نه ته خاصو منهنجو خون، ڪچيءَ پوندءِ ڪانگڙا.“
(سچل: مالڪوس)

هو ڏاڍو سخي ۽ رحمدل هو، **جنهنڪري** سندس نالو ملڪان ملڪ مشهور هو.

*

ماڻهن ۾ محنت ڪرڻ جو جذبو گهٽبو ٿو وڃي، **تنهنڪري** ملڪ ۾ بک ۽ بيروزگاري وڌندي ٿي وڃي.

*

تعليم عام ۽ مفت هئڻ گهرجي، **انهيءَ لاءِ** ته هرڪو ماڻهو علم پرائي سگهي.

*

دولتمند ماڻهو مسڪينن کي پاڻ جهڙو نه سمجهندا آهن، **ڇاڪاڻ** ته کين انسانيت جو قدر ڪونهي.

*

گهڻي ڀاڱي ماڻهن کي دل جي سعادت ۽ قرار نصيب ڪونهي، **ڇو جو** دنيا جو حرص وڌي ويو آهي.

*

غريب کي پيٽ پالڻ ڏکيو ٿي پيو آهي، **سبب ته** مهانگائي وڌي ويئي آهي.

*

ماڻهو عام طرح خود غرض ٿي پيا آهن، **سو** قربانيءَ جو جذبو تقريباً ختم ٿي چڪو آهي.

*

دنيا ۾ ائٽمي تجربن ۽ تشدد جي ڪارروائين جو رجحان وڌي رهيو آهي، **لهذا** انسان پاڻ کي غير محفوظ ٿو سمجهي.

۵. حرف عطف شرطي- اهو حرف، جو جملي ۾ ڪنهن ڪم ٿيڻ لاءِ ڪو شرط ڄاڻائي، يا هڪ جملي ۾ ڄاڻايل ڪم جو مدار ٻئي جملي ۾ بيان ڪيل ڪم يا شرط تي ڏيکاري، تنهن کي حرف عطف شرطي چئبو آهي.

هيٺيان لفظ عام طرح حرف عطف شرطي ٿي ڪم ايندا آهن:

اگر	جان
اگرچه	جيڪڏهن
باوجود يڪ	جيتوڻي
ته	جيتوڻيڪ
توڙي	چاهي
توڻي	خواهه
جي	ڪٿي

نوٽ (۱): 'لهذا' عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جو سنڌيءَ ۾ عام استعمال ٿئي ٿو.

(۲): 'اگر' 'اگرچه'، 'باوجوديڪ' ۽ 'خواهه' فارسي ٻوليءَ جا حرف آهن جي گهڻي قدر سنڌي ۾ استعمال ٿيندا آهن.

حرف عطف شرطيءَ جو استعمال:

"ڪانهي ڪڙائي، ڇڪين **جي** ڇڏت ڪري."
(شاهه: ڪلياڻ)

"اڱڻ آيا **جان**، ته سرتيون سون سک ٿيا."
(شاهه: ساموندي)

"ڏورج پاسي ڏک، ته پوي پاڃهه ٻروچ کي."
(شاهه: حسيني)

"ڪو ڳنڍيندڙ هوءِ، ته ٻرڏت پرائي نه ٿئي."
(شاهه: حسيني)

"آئي ڪم ٻنڌ، لوچ ته لهين سپرين."
(سچل: ڪوهياري)

تون پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيندين، **اگر** تنهنجو ارادو نيڪ آهي.

*

سچ ڳالهائڻ **اگرچ** ڏکيو هوندو آهي، پر ان جو نتيجو چڱو نڪرندو آهي.

*

مون ٿڪ بلڪل محسوس نه ڪيو، **باوجوديڪ** سفر ڊگهو ۽ اڙانگو هو.

*

انسان چڱو اخلاق پرائيندو، **جيڪڏهن** سندس صحبت چڱي هوندي.

*

مان پوري ڪوشش ڪندس، **جيتوڻيڪ** اهو ڪم منهنجي وس کان ٻاهر آهي.

*

موت اوس ايندو، **چاهي** انسان بچڻ جا ڪيترا ئي حيلا هلائي.

*

ٻري ڪم ۾ ڪڏهن به توسان شريڪ نه ٿيندس، **خواهه** رنج رهين **توڙي** راضي.

*

مان پنهنجو وعدو ضرور پاڙيندس، **ڪٿي** ڪيترين ئي تڪليفون پهچنم.

٣. **حرف اضافت**- اهو حرف، جو اسم يا ضمير جو تصرّف يا مالڪي ڏيکاري، تنهن کي حرف اضافت چئبو آهي. متصرّف چيز يا ملڪيت کي مضاف ۽ مالڪ کي مضاف اليه چئبو آهي.

معنيٰ جي لحاظ کان اضافت جون ڇهه مختلف صورتون آهن، جي اڳتي حالت اضاقت بابت ذيل تفصيل ۾ بيان ڪيون ويون آهن.

هيٺيان لفظ عام طرح حرف اضافت ٿي ڪم ايندا آهن:

جو	سندو	وارو
جا	سندا	وارا
جي	سندي	واري
جون	سنديون	واريون

نوٽ: ڪي حرف جملي يا عطف وارا لفظ، جهڙوڪ: ته، تان ۽ توڙي هڪ کان وڌيڪ عطف جي قسمن ۾ مشترڪ آهن، پر استعمال ۾ ڪڏهن انهن جي معنيٰ بياني آهي، ڪڏهن سببي ته ڪڏهن شرطي.

حرف اضافت جو وضع ۽ عمل:

١. سنڌيءَ ۾ عام اصول مطابق مضاف، مضاف اليہ جي پٺيان ايندو آهي، مثلاً:

بادشاهہ جو محل

وڻ جا پن

درياهہ جو پاڻي

مٿين مثالن ۾ 'محل'، 'پن' ۽ 'پاڻي' مضاف آهن، جي پنهنجي پنهنجي مضاف اليہ جي پٺيان آيل آهن.

شعر ۾ البت مضاف ڪڏهن اڳيان بہ ايندو آهي، مثلاً:

"پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي، ٻلائيءَ جا پير."
(شاهہ ۽ ڪنيات)

مٿين مصرع ۾ 'پيشاني' مضاف آهي، جو مضاف اليہ 'پرين' جي اڳيان آيو آهي.

ب- جيڪڏهن مضاف جو لاڳاپو جملي ۾ هڪ کان وڌيڪ مضاف اليہ سان هوندو آهي، تہ ان حالت ۾ مضاف جمع جي صيغي ۾ استعمال ٿيندو آهي ۽ ٻوئين مضاف اليہ جي پٺيان ايندو آهي، مثلاً:

١. بادشاهہ، وزير ۽ شهزادي **جا** گهوڙا نهايت عمدي نموني ۾ سينگاريل هئا.

٢. غريبن، يتيمن ۽ بيواهن **جي** ملڪيتن تي حريص ماڻهن جون نظرون هونديون آهن.

٣. انسانن، جانورن، پکين ۽ جيتن **جي** رهڻ سهڻ **جا** طريقا پنهنجا پنهنجا هوندا آهن.

مٿين مثالن ۾ 'جا'، 'جون' ۽ 'جي' حرف اضافت آهن، جن جا مضاف آهن 'گهوڙا'، 'نظرون' ۽ 'رهڻ سهڻ جا طريقا' جي جمع ۾ آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن جو تعلق هڪ کان وڌيڪ مضاف اليہ سان آهي.

ت ـ حرف اضافت جي موافقت جملي ۾ هميشه مضاف سان هوندي آهي. مثال طور گردان هيٺ ڏجي ٿو:

مضاف اليہ	حرف اضافت	مضاف
مهاڻي	جو	چارُ
مهاڻي	جا	چارَ
مهاڻي	جي	چارِ ي
مهاڻي	جون	چاريون
مهاڻن	جو	چارُ
مهاڻن	جا	چارَ
مهاڻن	جي	چارِ ي
مهاڻن	جون	چاريون
مهاڻيءَ	جو	چارُ
مهاڻيءَ	جا	چارَ
مهاڻيءَ	جي	چارِ ي
مهاڻيءَ	جون	چاريون
مهاڻين	جو	چارُ
مهاڻين	جا	چارَ
مهاڻين	جي	چارِ ي
مهاڻين	جون	چاريون

مٿئين گردان مان ظاهر آهي، تہ مضاف اليہ جي جنس ۽ عدد ۾ ڦيرگهير سان حرف اضافت بلڪل ساڳي حالت ۾ ٿو رهي ۽ فقط مضاف سان ئي هر حال ۾ موافق رهي ٿو.

ث ـ فارسي ۽ عربيءَ جهڙن اضافت جهڙن ترڪيبون بہ سنڌيءَ ۾ عام استعمال ٿينديون آهن، تنهنڪري انهن جي ڄاڻ بہ ضروري آهي.

فارسي توڙي عربيءَ ۾ مضاف هميشه مضاف اليہ جي اڳيان ايندو آهي.

فارسيءَ ۾ حرف اضافت جون صورتون:

جيڪڏهن مضاف جو پويون حرف، حرف صحيح هوندو، ته ان جي هيٺان اضافت جي زير (ِ) ايندي آهي، مثلاً:

آبِ ڪوثر	رُخِ يار
آتشِ نمرود	رنگِ گل
باغِ ارم	زبانِ خلق
جامِ جم	ميدانِ جنگ
خاڪِ پا	نُورِ آفتاب

جيڪڏهن مضاف جو پويون حرف 'ا' يا 'و' آهي ته زير جي بدران 'ي' سواءِ نقطن جي، ڏني آهي، مثلاً:

مضاف	
بُو	بوی گل
دانا	دانای راز
دوا	دوای مريض
ردا	ردای فقير
رُو	روی دوست
ڪُو	ڪوی يار

جيڪڏهن مضاف جو پويون حرف 'ه' آهي ته زير جي بدران ان جي مٿان همزه 'ء' ڏنو آهي، مثلاً:

پرده	پردۀ حيا
جامه	جامۀ درويش
خانه	خانۀ خدا
غنچه	غنچۀ گل
نامه	نامۀ دوست
نعره	نعرۀ حق

عربيءَ ۾ اسم معرفه يا خاص جي حالت ۾ مضاف ۽ مضاف اليه جي وچ ۾ اضافت جي علامت 'ال' ايندي آهي، پر

اسم عام يا نڪره جي حالت ۾ اهڙي علامت استعمال نہ ٿيندي آهي. بهرحال مضاف اليہ جي پوئين حرف تي هميشه زير (ِ) ايندي آهي.

عربيءَ ۾ اضافت جي ترڪيبن جا مثال:

اسم نڪره يا عام	اسم معرفه يا خاص
اميرُ بحرِ	ابنُ الوقتِ
حاڪمُ مدينةِ	ذِڪرُ اللهِ
دارُ ڪتبِ	رَسُولُ اللهِ
معلّمُ زراعةِ	عيدُ الفطرِ
ورقُ ڪتابِ	يومُ الجمعةِ

مسلمانن جا نالا عام طرح عربي نوع جا هوندا آهن، جن جي ترڪيب اضافت واري هوندي آهي، مثلاً:

امام الدين
عبدالستار
عبدالڪريم
عبدالله
عبداللطيف
عبدالمجيد
مظهرالحق
نورالعين

حرف اضافت جو استعمال:

”توبہ **سندي** تسبيح پڙهي سا پڇاء.“
(شاهہ: ڪلياڻ)

”سپيريان **جي** سور **جو** ماڻهن ڏجي نہ منجهہ.“
(شاهہ: ڪلياڻ)

”ٻـريـان سندي ٻـار جـي مـڙيـئـي مڻائي.“
(شاھ: ڪلياڻ)

”محبت جي ميدان ۾، سر جو ڪرم سانگ.“
(شاھ: يمن ڪلياڻ)

”اکـر پـڙهـه الـف جو، ورق سـڀ وسـار.“
(شاھ: يمن ڪلياڻ)

”ميا تو مـهـار، سـڄـي ٻـايـان سـون جـي.“
(شاھ: کنڀات)

”مـحـبـت سندو مـن ۾ مائڪ ٻـارج مـچ.“
(شاھ: سريراڳ)

”ڪچ ڪماءِ ڪوڙ، ٻـڳـم عـهـد الله جا.“
(شاھ: سريراڳ)

”وڻـجـارن واٽـي، سـدا آهـه سـفـر جـي.“
(شاھ: سامونڊي)

”سـون سر وڻـا جيڏيون، ڏکـن سندا ميهڻ.“
(شاھ: سامونڊي)

”ميهون هـن مـيـهـار جون، الا مـڀ جين.“
(شاھ: سهڻي)

”سـنـداٽـي ميهن جي، ڪوڻ نـه کـوئـي.“
(شاھ: سارنگ)

”سڪـن واري سڌ، ستان ڪا مون سان ڪري.“
(شاھ: مسئي)

"ڏکيءَ **سنديون** ڏونگرين، اوچنگارون اڄ‌ن."
(شاهه: معذوري)

"اڄ لڳيون آهين، اکيون آڏيسين **جون**."
(شاهه: رامڪلي)

"خالق **تنهنجي** ڪاند **جو** پرو پاند نه ڪو،
نالو رب **سندو**، رهيو آهي روح ۾."
(شاهه: ڏهر)

"محبت **جون** ميڇون ڪور پروڙي ڪين ڪي."
(شاهه: آسا)

"سرمو سفيدي **جو**، جڏهن پاتو جن،
تڏهن ڏٺي تن، اڄائي عالم **جي**."
(شاهه: آسا)

"پکن ۾ پيهي، محلن **جي** مر لاهيان."
(شاهه: مارئي)

"آءٌ ڪانگا ڀيم ڪول، سُڏيون ڏي سائيهه **جون**،
جي آندئي عجيبن **جا**، سي خط خوشيءَ مان ڪول،
آءٌ سٺان تون ٻول، سنيهو سڄڻ **جو**."
(شاهه: پورب)

"نڌر ڪي نصيب ٿئي، شل پنهل **جو** پاڙو."
(سچل: ڪوهياري)

"رويون **چمان** رند، آيل اوٺارن **جا**."
(سچل: ڪوهياري)

"تماچيءَ تيريون، ڪينجهر **جون** ڪنيون ڪٿي."
(سچل: ڪلياڻ)

”سڪڻ ۽ ماڪين جا چٽن نا چانا.“

(سچل: ڪلياڻ)

”ڪاريون ٿيون ڪڏن، سمي جي سهاڳ تي.“

(سچل: ڪلياڻ)

”ڏولائي جا ڏينهڙا، لاٿا پاڻ خداءِ.“

(سچل: پهاڙي)

”لوئي هڏ نہ لاهيان، نيشاني جا نيهہ جي.“

(سچل: ڪنڀات)

”ڪلهئون ڪورين، عاشق عبداللطيف جئي.“

(شاهہ: ڪلياڻ)

”اولائڪ اصحاب الجنة، ساڳ سنڌن سوجار.“

(شاهہ: مارئي)

۴. **حرف ندا** اهو حرف، جو سڏ يا خطاب ڪرڻ واسطي استعمال ڪجي، تنهن کي حرف ندا چئبو آهي. ندا جي معنيٰ آهي آواز يا سڏ. 'اڙي'، 'اي'، 'او'، 'وو' ۽ 'يا' حرف ندا جا لفظ آهن.

محاوري ۾ هرو ڀرو حرف ندا جا لفظ ڪم ڪرڻ آڻبا آهن، ڇاڪاڻ تہ مخاطب ماڻهون جي اڳيان اهڙن لفظن جو استعمال تحقير جو ڳو محسوس ٿيندو آهي، البت ڪن خاص حالتن ۾ اهڙو استعمال مناسب پڻ نظر ايندو آهي، مثلاً: استغاثہ يعني مدد گهرڻ يا عام ميڙ کي خطاب ڪرڻ جي وقت ندا جا لفظ ڪم آڻبا آهن. اهڙا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

يا الله، منهنجا ڏک درد دور ڪر.

*

اي انسانو، پنهنجين ڪوتاهين تي نظر رکو ۽ انهن کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.

ـيڪڏهن ڪو ماڻهو فاصلي تي يا پري هوندو آهي، ته هن کي 'او' يا 'وو' جي لفظ سان سڏبو آهي، مثلاً:

او ويندڙ، اتي بيهه.

*

وو ڳاڏيءَ وارا، گاڏي اتي جهل.

'اڙي' خاص تحقير جو لفظ آهي، جو گهٽ درجي وارن ماڻهن يا نوڪرن چاڪرن کي چوڻ يا سڏڻ واسطي ڪم آڻبو آهي، مثلاً:

اڙي، تو ايترو وقت ڪٿي لاتو، چونه وهندو ئي موٽي آئين؟

ندا جي الڳ لفظن استعمال ڪرڻ کانسواءِ به ندا جو مفهوم ادا ٿيندو آهي، جو منادي لفظن ۾ سمايل هوندو آهي. اهڙيون سمايل صورتون هيٺ ڏجن ٿيون:

١. منادي لفظ جو پويون حرف جيڪڏهن حرف صحيح آهي، يعني حرف علت نه آهي، ته مذڪر جي حالت ۾ ان تي زبر ۽ مؤنث جي حالت ۾ ان تي زير ايندي آهي، مثلاً:

فقيرَ، تو کي جو ڪجهه ملي ان تي راضي رهه.

*

انسانَ، تون پنهنجي عارضي زندگيءَ تي مغرور نه ٿي.

جاهلِ، تون انهيءَ ڳالهه کي نه سمجهي سگهنديئن.

مٿين مثالن ۾ 'فقيرَ' 'انسانَ' ۽ 'جاهلِ' منادي لفظ آهن، جن جو جدا جدا مفهوم آهي: اي فقير، اي انسان ۽ اي جاهل (عورت).

استعمال:

"**عاشقَ**، معشوقن جو وٺي ويهج در."

(شاهه: يمن ڪلياڻ)

نوٽ: منادي لفظ جو مطلب آهي، اهو لفظ جو ندائي حالت ۾ هجي.

”**واهڻ**، ٻريون نه ٻاء، تو ڀڻ ليکو ڏٺو.“
(شاهه: سهڻي)
”**ڏونگر**، مون م ڏکوءِ، آءٌ اڳ ڏکوئي آهيان.“
(شاهه: کوهياري)
”**غافل**، غفلت ڇوڙ، تون ڪيئن اٿاسي اوجهرين.“
(شاهه: کوهياري)
”ستر ڪر **ستار**، آءٌ اگهاڙي آهيان.“
(شاهه: ڏهر)
”ڀنڀولا ڀڻ ڀنوار ڪي، **عمر**، آڇ م تون.“
(شاهه: مارئي)
”**ڪانگل**، نيئي ڪانگ، منهنجي ڏي محبوب ڪي.“
(شاهه: پورب)
”وينئي ورهه وسايان، **ڪانگ** اچي لهه ڪل.“
(سچل: کوهياري)

ب- منادي لفظ جو پويون حرف 'و' هوندو ته اهو 'و' مٽائي ان جي جاءِ تي 'ا' آڻبو آهي، مثلاً:

ڇوڪرا، جيڪڏهن تون سعادت ماڻڻ ٿو گهرين، ته ماءُ پيءُ جو ادب ۽ خدمت ڪر.

*

ابا، دنيا جا ماڻهو ڪهڙا نه لالچي آهن.

شهزادا، تنهنجي ڪنڌ تي سڄي ملڪ جو بار آهي، تنهنڪري سمجهي قدم کڻ.

مٿين مثالن ۾ 'ڇوڪرا'، 'ابا' ۽ 'شهزادا' منادي حالت ۾ آهن، جن جي اصلي صورت آهي؛ ڇوڪرو، ابو ۽ شهزادو.

استعمال:

انڌا اونڌا ويچ، ڪل ڪچاڙنا ڪانئين."
(شاهه: ڪلياڻ)

"**پيڙيانا**، پيئي ڳالهيون تو نه ڦهنديون".
(شاهه: سريراڳ)

"هلندي حبيبن ڏي، **ڪرها**، موڙ م ڪنڌ".
(شاهه: ڪنڀات)

"**اداڙي** ٻانڌي، توکي ڪڙهان ڪر پاڻ کي".
(شاهه: سهڻي)

"مر تنهن آئين **مڱڻا**، چڱو ڪيو تو ڪم".
(شاهه: سورٺ)

"**سوڍا**، توکر ساهه، نه تنهن راڻا گهٽا راج ۾".
(شاهه: مومل راڻو)

"چڱ سهرايون **سوهرا**، عمر، لڳ الله".
(شاهه: مارئي)

"**هيڏا**، انڻ ميا تو ڪنيو وتين بار".
(سچل: ڪوهياري)

"**هلا**، سمجهين ڪين ڪي، تون محبوبن جي مام".
(سچل: آسا)

"ٻاجهه **ٻاروچا** ڪر، مون تو تيليو نه ٿئي."
(سچل: ڪوهياري)

نوٽ: 'انڌا اونڌا' حقيقت ۾ 'ويچ' اسم جون صفتون آهن، هتي منادي صورت ۾ آيل آهن.

ڏاها، گهڻا ڏينهڙا، مستان تون لائين".
(سچل: مالڪوس)
"ڪانگا، چئو ڪيئن، سرها ڏئي سهرين".
(سچل: مالڪوس)

ت - هيٺين مصرعن ۾ منادي لفظن جي مختلف صورت ڏنل آهي، جا شعر ۾ ڪم آندي ويئي آهي:
"ادا، انهيءَ پار جا سوڙي اچو سڏ".
(شاهه: سهڻي)
جتا شال جيو، جيو ٿا جاڙون ڪريو".
(شاهه: ديسي)
"شاها، تنهنجي شفقت جو آهي ڪونه شمار".
(سچل: ڪلياڻ)

پهرئين مثال ۾ منادي لفظ 'ادا' جي اصلي صورت واحد جي صيغي واري آهي، پر هتي جمع جي معنيٰ ۾ استعمال ڪئي ويئي آهي. ٻئي مثال ۾ 'جَتَ' لفظ، جو جمع جو صيغو آهي، ان ۾ 'ا' جو اضافو ڪري منادي لفظ بڻايو ويو آهي ۽ ٽئين مثال ۾ 'شاهه' لفظ جي منادي صورت 'شاهَ' هئڻ گهرجي، پر ان ۾ 'ا' جو اضافو ڪري 'شاها' ڪيو ويو آهي.

ٿ - بعضي اسمن جو پويون حرف 'ا' هوندو آهي، پر اهي واحد جي صيغي ۾ هوندا آهن ۽ منادي صورت ۾ ساڳي حالت ۾ رهندا آهن، مثلاً:
"راڄا، پنهنجي روح ۾ آئيج نا ارمان".
(سچل: سورٺ)

ج - مؤنث اسم عام طرح منادي صورت ۾ به ساڳي حالت ۾ رهندا آهن، مثلاً:

امڙ، آيل، جيجل، سانئڻ، زالَ، مادر، ماءُ، مُئنڊَ وغيره.

استعمال:

"روئان رهن نه سپرين، آيل، ڪريان ڪيئن؟"
(شاهه: سامونڊي)

"ويهه مَ مُنڌ، ٻنپور ۾، ڪر ڪو واڪو وس".
(شاهه: سسئي)

"پيئڻ، آءٌ پوري، سون سگ سڄائي نه ڪيو".
(شاهه: سسئي)

"پانئڻ، ٿي ٻوڻيون، ته ڪتا ڪينئي ڪيچ جا".
(شاهه: معذوري)

"مادر، مٺان مون، ڪانگ لمندا ڪڏهين".
(شاهه: حسيني)

"امڙ، اوري اچ، ته سيٽَ سٺايئي سور جي".
(شاهه: حسيني)

"ماءُ، وهاڻو وار، ڪڻ ڀڻرائي پانهنجي".
(شاهه: حسيني)

ح – اهي اسم، جن جي پڇاڙي 'او'، 'اون'، 'اي'، 'اين' يا 'يئون' هوندي آهي، سي منادي صورت ۾ به ساڳي حالت ۾ رهندا آهن، مثلاً:

پينئو، مارؤ، ماڻهو يا ماڻهئون، ادي، پاتڻي، پرين، جوڳي، ڏاڏي، سائي، سانئين، ماهي، هادي وغيره.

استعمال:

"ايهين ڪج پاتڻي، جنهن ۾ پرينءَ مڙان".
(شاهه: سامونڊي)

"رُليي، ٻانيئي راند، ٻانڀڻ، عشق ٻروچ جو."
(شاهه : سهڻي)

"اڏيوڻ، سڀ اندام، چڙن منهنجا چوريا."
(شاهه : سهڻي)

"ڀڄهون پاڻ پيار، تہ اچ سين اڄ اجهائيان."
(شاهه: سسئي)

"وريتيون، ورو، آءٌ نہ ورندي ور ريءَ."
(شاهه: سسئي)

"سڌ تنهنجا سپرين، آءٌ تني سچائسان."
(شاهه: بروو)

"جوڳي، تنهنجي جوڳ ۾ ڳالهہ ڳهرجي ڳچ."
(شاهه: رامڪلي)

"مارُو جسام مليرِ، ڀچج ڪي ڀنوار ڪي."
(شاهه: مارئي)

"ٻانڌي، پرين ڀنوار ڪي، چيم تئن چئيج."
(شاهه: مارئي)

"آري، اچين شال، نماڻيءَ جي نجهري."
(سچل: ڪوهياري)

"ساقي، ڏيج سئي، سرڪ صراحيءَ مان ڪڍي."
(سچل: پيروي)

"واليي، وسائيج، دردمنديءَ جو ديس."
(سچل: مارنگ)

٥. **حرف تمنا يا دعا**- اهو حرف، جنهن مان تمنا، خواهش يا آرزو ظاهر ٿئي، تنهن کي حرف تمنا يا دعا چئبو آهي.

هيٺيان لفظ تمنا ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪم آڻبا آهن:
آلا، جيڪر، شال، شل، ڪاش، ڪر، مانَ، متنَ وغيره.

استعمال:

"وڃ مَ ٻُڪي ڏي، آلا، چڱي مَ ٿيان،
سڄڻ مانَ اچي، ڪرلاهو تـي ڪڍهين."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"جيڪر اچي هاڻ، ته ڪريان روح رڇنديون."
(شاهه سامونڊي)

"ڏسان شال، اکين سان، هوتاڻو حضور."
(سچل: ڪوهياري)

"نڌر کي نصيب ٿئي، شل، پنهل جو پاڙو."
(سچل: ڪوهياري)

"هي مون ڏسي حال، متَنَ پاروچل پاڃهه ڪري."
(سچل: ڪوهياري)

٦. حرف تعجب- اهو حرف، جنهن سان عجب يا حيرت جو اظهار ٿئي، تنهن کي حرف تعجب چئبو آهي.

هيٺيان لفظ عام طرح حرف تعجب ٿـي ڪم ايندا آهن: مار، مار پيٽي، وَيڄ، هڻ ته سهي وغيره.

استعمال:

مار، حال ته ڪهڙا ٻيڙا ٿي ويا اٿس!

*

هڻ ته سهي، پاڻي ناهي جڻ ته آفت اچي ليٽي آهي!

*

وَيڄ، اچا اگهيرو، پنڌ ته ڪنيئي ڪونه ٿو!

٧. حرف تاسف- اهو حرف، جـو افسوس يـا ارمان ظـاهـر ڪرڻ لاءِ منهن مان نڪري، تنهن کـي حـرف تاسف چئبو آهي.

هيٺيان لفظ حرف تاسف ٿي ڪم ايندا آهن:

آف، افسوس، اوهه، اوهو، آهه، آها، گهوڙا، گهوڙا گهوڙا، گهوڙاڙي، ناحق، واءِ، واءِ واءِ، هاءِ، هاءِ هاءِ، هئي، هئي هئي، هيهات وغيره.

استعمال:

"هئي هئي ڪيو هاءِ، ٿي پاڻ هڻي سر پاهڻين."
(شاهه: ديسي)

گهوڙا ڙي گهوڙا، آءٌ نه جيئندي ان ري."
(شاهه: رامڪلي)

"آئي لائين ڇيائين، ته گهوڙا، گهر نه سپرين.
(شاهه ڪريم)

آف، سنهنجي ڪري هن ويچاري ڪيڏو نه سور سٺو آهي!

*

اوهو، ڪهڙو نه سٺو وجهه مليو هوم!

*

آهه، ڪهڙو نه چڱو ماڻهو هو، آخر هر ڪنهن کي هلڻو آهي!

*

ناحق، سندس سڄو گهر آجڙ ٿي ويو!

٨- حرف تحسين- اهو حرف، جو خوشي ظاهر ڪرڻ يا ڪنهن جي تعريف يا تحسين ڪرڻ لاءِ ڪم آڻجي، تنهن کي حرف تحسين چئبو آهي.

اڪثر ڪري هيٺيان لفظ تحسين واسطي ڪم آڻبا آهن:

آفرين، ٻلي، ٻلي ٻلي، ڀلو ڀلو، جُسُ، خوب، سبحان الله، شاباش، شابس، واهه، واهه واهه، وغيره.

استعمال:

”وسايائين وڏ ڦڙو، وائن تي، **واهه واهه**.“
(سچل: سارنگ)

ادا مسڪين ڪي، **وهه وهه**، وڏي سانگيءَ سندي مصرع.“
(مسڪين)

آفرين، بيشڪ تون دلير آهين.

*

خوب، شعر کهڙو نه موزون ۽ ذومعنيٰ آهي.

*

سبحان الله، ڇا مڙس جو آواز هو ۽ ڇا سندس ڪلام.

*

شاباش يا **شاباس**، انسان ذات جي ائين خدمت ڪندين، ته توکي چڱو اجر ۽ ثواب ملندو.

۹- **حرف نفرين**- اهو حرف، جو ڪراهت، لعنت يا نفرت ظاهر ڪرڻ لاءِ منهن مان ڪڍجي، تنهن کي حرف نفرين چئبو آهي.

هيٺيان لفظ گهڻو ڪري نفرين طور ڪم آڻبا آهن:

الامان، الامان و الحفيظ، استغفر الله، آنڌڪن، ٻَن، ٻوڏ، تف، توبهه، ٿُو، ٿُوٿُو، پناهه، ڦِٽ، ڦوٽ، ڇِي، ڪوهه، ڪَٿِي، ڪَٿِي ڪهروءِ، کهوريو، لعنت، لاحول ولاقوت، معاذ الله ماٺهيان، نعوذ بالله، هُڏ، هيٺ، هيٺ، هَٽ وغيره.

استعمال:

امڙ، **ڪوهه ڪهروءِ**، مونهان ساٿڙو وڃي نڳيو.“
(شاهه: حسيني)

"**ڪوه** ٻولي، **ڪوه** ٻروچ، **گھوري** ذات جتن جي."
(شاهه: حسيني)

"**ڪُهه** پنهون، **ڪُهه** پريتڙو، **ڪُهه** هاڙهو، **ڀَنِ** هوت."
(شاهه: ديسي)

"**ڪُهه** سا ڪاڻي راتڙي، جا ٻريں رڳ پيئي."
(شاهه: مومل راڻو)

"وَرَ اباڻن سين اَچ، **ڪُهه** شربت تنهنجو سومرا."
(شاهه: مارئي)

ڪوه سميون، **ڀَنِ** سومريون جي چامن جون چايون."
(شاهه: ڪاموڏ)

"جي هو چونس، **ٻوڏ**، ته جيءَ سڻائي جڳ ۾."
(شاهه: حسيني)

"جنين سندو آهسين، سي جي چوڻي **هيڪ**،
هوجي چوڻي **ڦيڪ**، ته ڪانيارو ڻين ڪرم ۾."
(شاهه: معذوري)

"**توبهه توبهه**، ڪيو تند تاڻي."
(حافظ پنيو: ڪاپائتي مت)

توبهه الامان، ترس نه تن تر جيترو."
(سچل: پيروي)

"گدڙ ڊاڪ نه پڄي، آ کي **ٿُو**، ڪتا."

*

ڏُوڏُو، دوا ڏاڍي ڪوڙي آهي."

*

نعوذ بالله، چا الله جو شان، چا گستاخي.

ڀاڳو ٻيو - نڍو

١٧- جملو

جملو زبان جو اهم ترڪيبي جزو آهي، تنهنڪري ان کي سکڻ ۽ سمجهڻ نهايت ضروري آهي. عبارت جي سونهن جملن جي ساخت ۽ انهن جي ترتيب تي مدار رکي ٿي. لکڻ يا ڳالهائڻ جي عبارت جدا جدا فقرن ۾ ورهايل هوندي آهي. مثال طور عبارت جو هڪ ٽڪرو هيٺ ڏجي ٿو:

"دنيا ۾ سڀ انسان هڪجهڙا نه آهن، ڪي امير ته ڪي فقير، ڪي سکيا ۽ ستارا ته ڪي ڏٻرا ۽ نحيف ۽ ڪي سهڻا ته ڪي ڪوجها آهن، مگر الله تعاليٰ وٽ انهن جو ڪو امتياز ڪونه آهي."

مٿين عبارت ۾ ٽي فقرا آهن ۽ هر هڪ فقري کي معنيٰ جي لحاظ کان جملو سڏجي ٿو. اهي ٽي فقرا اهي آهن:

١. دنيا ۾ سڀ انسان هڪجهڙا نه آهن.

٢. ڪي امير ته ڪي فقير، ڪي سکيا ۽ ستارا ته ڪي ڏٻرا ۽ نحيف ۽ ڪي سهڻا ته ڪي ڪوجها آهن.

٣. مگر الله تعاليٰ وٽ انهن جو ڪو امتياز ڪونه آهي.

١. جملي جي ساخت يا جوڙجڪ

مٿي ڄاڻايل جملن مان، هر هڪ کي ننڍن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، مثلاً: پهرئين جملي جا ننڍا ننڍا ڀاڱا ٿيندا: دنيا ۾ - سڀ انسان - هڪجهڙا نه آهن. انهن ڀاڱن مان هرهڪ کي ڌار ڌار لکبو يا پڙهبو ته ان مان پورو مطلب نه نڪرندو. هرهڪ ڀاڱي کي اڃا به مزيد جزن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، دنيا - ۾ - سڀ - انسان - هڪجهڙا - نه - آهن. انهن مان هر هڪ جزي کي لفظ چئجي ٿو. هن مان معلوم ٿيو ته جملو ڪن لفظن جو مجموعو يا ميڙ آهي.

جملي جو هرهڪ لفظ خود ڪن حرفن يا اکرن جو ٺهيل آهي، مثلاً: 'دنيا' هڪ لفظ آهي، جو چئن حرفن: د- ن- ي ۽ الف جو مرڪب آهي.

جملي ۾ لفظن جي ترتيب ٻن نمونن ۾ ٿي سگهي ٿي:

١. دنيا ۾ سڀ انسان هڪجهڙا نہ آهن.

٢. آهن دنيا سڀ هڪجهڙا ۾ انسان نہ.

مٿين ٻنهي مجموعن ۾، لفظ صورت ۽ تعداد ۾ بلڪل ساڳيا آهن، فقط انهن جي ترتيب بدليل آهي. پهرئين مجموعي مان پورو مطلب يا معنيٰ نڪري ٿي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ لفظن جي ترتيب اصولن مطابق ڪئي ويئي آهي؛ پر ٻئي مجموعي مان ڪابہ معنيٰ مطلب نہ ٿو نڪري، انهيءَ ڪري جو لفظن جي ترتيب ۾ ڪوبہ نحوي اصول نہ رکيو ويو آهي، تنهنڪري انهيءَ مجموعي کي فقط لفظن جو ميڙ چئي سگهجي ٿو ۽ نہ جملو. هن تجزيہ مان هڪ بنيادي اصول معلوم ٿيو تہ جملو اهڙن لفظن جو مجموعو آهي، جي نحوي اصول تي ترتيب وار هجن ۽ جن مان پورو مطلب نڪري سگهي.

مٿين مثالي جملي ۾، جي لفظ استعمال ٿيل آهن، سي آهن:

دنيا : اسم

۾ : حرف جر

سڀ : صفت

انسان : اسم (فاعل)

هڪجهڙا : ظرف

نہ : ظرف

آهن : فعل

ڪنهن بہ جملي کي مڪمل معنيٰ دار بنائڻ لاءِ لازمي آهي، تہ ان ۾ فاعل ۽ فعل موجود هجن ۽ مختلف لفظن جو پاڻ ۾ لاڳاپو هجي. مذڪور جملي ۾ لفظن جي

ترتيب مطابق 'دنيا' اسم آهي، جو مجرور صورت ۾ آهي ۽ '۾' حرف جر سندس پويان آيل آهي. نحوي اصول موجب سنڌيءَ ۾ حرف جر هميشه مجرور جي پٺيان ايندو آهي. 'سڀ' صفت آهي ۽ سندس موصوف آهي 'انسان'، جو هت فاعل جي صورت ۾ آيل آهي. سنڌيءَ ۾ صفت هميشه موصوف جي اڳيان ايندي آهي. 'ڏکڻا' ۽ 'نه' ٻئي ظرف آهن، جن جو لاڳاپو 'آهن' فعل سان آهي. سنڌيءَ ۾ ظرف جو لاڳاپو هميشه فعل، صفت يا ٻئي ظرف سان هوندو آهي. 'آهن' فعل آهي، جو جملي جي آخر ۾ آيل آهي. سنڌيءَ ۾ عام طرح فعل جملي جي آخر ۾ واقع ٿيندو آهي. هن مان ظاهر ٿيو ته جملي ۾ لفظن جي بيهڪ نحوي اصول پٽاندر ٿي ٿيندي آهي. البت، شعر ۾ وزن قائم رکڻ يا نثري عبارت ۾ ڪن لفظن کي زوردار بنائڻ خاطر لفظن جي ترتيب ۾ تبديل ڪئي ويندي آهي، پر اها تبديل اهڙي نه هوندي آهي، جا جملي کي ڊانوانڊول ۽ بي معنيٰ ڪري ڇڏي، مثلاً:

١. شعر جي مصرع: "مٿي ڪاڻ ڏياچ جي، سڪندي ٿيڙم سال."
(سچل ۽ سورٺ)

٢. نثري جملو: ميينهن تي ئي ٿر وارن جو گذر هوندو آهي.

مٿين مثالن ۾ جملن جي نحوي ترتيب هيٺينءَ ريت ٿيندي:

١. ڏياچ جي مٿي ڪاڻ سڪندي سال ٿيڙم.

٢. ٿر وارن جو ميينهن تي ئي گذر هوندو آهي.

ٻئي جملي ۾ 'ميينهن' لفظ جي اهميت ظاهر ڪرڻ لاءِ ان کي شروع ۾ آندو ويو آهي ۽ انهي تبديل سان معنيٰ ۾ ڪو ڦيرو نه آيو آهي.

جملي ۾ جي لفظ استعمال ٿيندا آهن، اهي ٻن قسمن جا هوندا آهن: هڪڙا اهي، جن مان ڪو مطلب يا معنيٰ نڪري سگهي ۽ ٻيا اهي جي بي معنيٰ هوندا آهن، جي فقط جملي کي ڊگهو ڪرڻ يا زيبدار بنائڻ لاءِ ڪم آڻبا آهن، مثلاً:

ٻاٽي ٻاٽي، گهر ٻر ۽ ماني ڏاني وغيره. انهن جوڙن ۾ ٻوبان لفظ، جهڙوڪ: ٻاٽي، ٻر ۽ ڏاني بي معنيٰ لفظ آهن، پر ڳالهائڻ ۾ اهڙا لفظ اڪثر استعمال ڪيا آهن.

گفتگو يا مڪالمي ۾ گهڻو ڪري ڏکهن يا پورن جملن جي بدران، مختصر عبارت يا ٿورا لفظ ۽ اڌورا جملا ڪم آڻيا آهن، ۽ اهڙي مختصر عبارت کي بہ معنيٰ جي لحاظ کان جملو چئي سگهجي ٿو، حالانڪ لفظ ٿورا آهن، پر انهن مان معنيٰ پوري جملي واري نڪرندي آهي. مثال خاطر گفتگو جي عبارت هيٺ ڏجي ٿي:

هڪڙو دوست پئي کي: يار، ڪيتري وقت کان توسان ملاقات نہ ٿي آهي، ڪاٿي ٿو وتين؟

ٻيو دوست: اتي ئي.

پهريون دوست: آخر ڏسڻ ۾ ئي اچين، ڇو؟

ٻيو دوست: بس، مڙيوئي دنيا جي مجبوري.

پهريون دوست: ڪاڏي ٻاهر ويو هئين ڇا؟

ٻيو دوست: نہ.

۳. **جملي جا قسم** - نحوي ترڪيب جي لحاظ کان جملو ٽن قسمن جو ٿيندو آهي:

۱. مُفْرَد يا مُجَرَّد يعني اڪيلو يا جدا
۲. مُرَڪَّبُ يعني ڳنڍيل
۳. مُخْلُوطُ يا مُشْتَق يعني گڏيل

۱. **مفرد جملو** - مفرد جملو انهيءَ جملي کي چئبو آهي، جنهن ۾ فقط هڪڙو فعل هوندو آهي ۽ معنيٰ جي لحاظ کان مڪمل هوندو آهي. هن کي سادو جملو بہ چئبو آهي، مثلاً:

علم انسان جو زيور آهي.

*

اڄ ڪلهه هوائي جهاز جو سفر عام ٿي پيو آهي.

*

مينهن وسڻ سان هوا ۾ گهم پيدا ٿيندي آهي.

مفرد جملن جو استعمال:

"محبت جي ميدان ۾، سر جو ڪر مَ سانگ."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"ڪين مائيندا من ۾ خودي ۽ خداء."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"اونداهي آهي اڄهو عاشقن جو."
(شاهه: ڪنڀات)

"پاڻي ويا پرت جو زوراور زنجير."
(شاهه: سسئي)

"سورن اسان ساڻ، ننڍڙي نينهن ڪيو."
(شاهه: حسيني)

"مون ماروءَ سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لائون."
(شاهه: مارئي)

"پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي وڇايائون وار."
(شاهه: ڪاموڏ)

"مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا."
(سچل: آسا)

"الڻي پهر اڄ ۾، عاشق گم رهن."
(سچل: آسا)

"نابوديءَ جي نشي اندر، ستگر سير ڪرايو."
(سچل: گجري)

"عشاقن آڙاهه ۾ پسيو نظارو."
(سچل: پيروي)

”ٻـورن منجهہ ٻيـو واڇيـنـدڙ ورق جو.“
(سچل ۽ ٻيروي)
”آريءَ جي اڇڻ جـو روز نـهـاريـان راهہ.“
(سچل ۽ ڪوهياري)
”گـلـزاريـون ۽ گـاهہ ٻڻن تي پـڌرا ٿيا.“
(سچل ۽ سارنگ)
”ڪنوٺين ڪيا ڪـيـچ اڄ ڏاڏاڻي ڏيهہ تـي.“
(سچل ۽ ڪنياٽ)

۲. مرڪب جملو- مرڪب جملو اهو آهي، جنهن ۾ هڪ کان وڌيڪ فعل يا جملا ڪم آندل هجن، جي پاڻ ۾ حرف عطف سان ڳنڍيل هجن، جن کي جيڪڏهن هڪ ٻئي کان جدا ڪجي، ته پنهنجي سر ڌار ڌار پورا جملا جڙي پون. مرڪب لفظ جي معنيٰ آهي ڳنڍيل.

مثال طور ڪي مرڪب جملا هيٺ ڏجن ٿا:

ساري دنيا انسان لاءِ پيدا ٿي آهي ۽ انسان فقط الله جي عبادت لاءِ پيدا ٿيو آهي.

*

ڪوڙو ماڻهو قسم کڻندو، ته به ڪوئي مٿس ويساهہ نہ ڪندو.

*

انسان جي حياتي پوري ٿي ويندي، مگر سندس خواهشون پوريون ٿي نہ سگهنديون.

مرڪب جملن جو استعمال:

”اڪـر پڙهہ الف جـو، ٻيا ورق سڀ وسار.“
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

"اُٺ چوندن ڪيم چؤ، چوندن چيو وسار."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)
"ڪيڄ ڪائي ڪڄ ڪي، ڪوڙ م ڪمائيڄ."
(شاهه: سريراڳ)
"جهنگ ڪاسي ڀٽ ٽيو، لٿي چوران ليڪ."
(شاهه: سريراڳ)
"لڳي اتر هير، سامونڊين ٻڌم مڻباهيا."
(شاهه: سامونڊي)
"اٿيس آءٌ اوير، ڪري سُيج سنجهي ويا."
(شاهه: ديسي)
"آءٌ ڪانگا، وڻ ويهه، سُڏيون ڏي ساڻيهه جون."
(شاهه: پورب)
"اکر لکن نه دل تي، تا ڪاغذ ڪارا ڪن."
(سچل: آسا)
"ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا."
(سچل: آسا)
"ويسر نڪري قافلو، ڪل نه مون پيئي."
(سچل: ڪوهياري)
"مون ڪي گهرجين تون، لوڪ رڙوني گهوريو."
(سچل: ڪوهياري)
"مومل ناهه ميار، سوڍي سڳ چني ڇڏيو."
(سچل: راڻو)
"ٻاٽ نه ڪري ماٽ، ويڻو سازن ڪي سوري."
(سچل: سورٺ)

”قاصد آيو ڪونہ ڪو، ڪونہ لکيائون خط.“
(سچل: ڪنيات)

”آئي ڪانگ ڏنوس، ڪو عريضو عجيب جو،
ٻنھر سڀ ٻنوس، گاڙھندي گوڙھن سين.“
(سچل: مالڪوس)

۳. مخلوط جملو. مخلوط جملو اھو آھي، جنھن ۾ مطلق يا مکيہ جملي سان گڏ ھڪ يا ھڪ کان وڌيڪ تابع يا ذيلي جملا ھجن. مخلوط جي معنيٰ آھي گڏيل.

مخلوط جملي ۾ مطلق جملو فقط ھڪڙو ھوندو آھي ۽ باقي ٻيا ذيلي جملا ھوندا آھن، جن جو انحصار مطلق جملي تي ھوندو آھي. ڪوبہ تابع يا ذيلي جملو پنھنجي سر بيھي نہ سگھندو آھي. ھڪ ذيلي جملو ٻئي ذيلي جملي سان حرف عطف جي ذريعي گنڍيل ھوندو آھي يا وري ھڪ ذيلي جملو ٻئي ذيلي جملي جي ماتحت ھوندو آھي. ذيلي جملو مطلق جملي سان ضمير موصول، ضمير استفھام، ظرف يا ٻين استدراڪي لفظن وسيلي گنڍيل ھوندو آھي ۽ صفت، ظرف يا فعل جو پورائو ڪم ڏيندو آھي.

مخلوط جملي جا ڪي مثال ھيٺ ڏجن ٿا:

*

’اھو سون ني گھوريو، جو ڪَنَ چِني.‘

*

اھا حقيقت آھي، تہ ھر جاندار شيءِ ٻاڻيءَ مان پيدا ٿي آھي.

*

انسان کي معلوم ناھي، تہ سندس مقدّر ۾ ڇا لکيل آھي ۽ سندس حياتي ڪيتري آھي.

پھرئين مثال ۾ ’اھو سون ني گھوريو‘ مطلق يا مکيہ جملو آھي ۽ ’جو ڪن چني‘ ذيلي جملو آھي، جو ’جو‘

ضمير موصول سان مکيہ جملي سان ڳنڍيل آهي. ٻئي مثال ۾ 'اها حقيقت آهي' مکيہ جملو آهي، جنهن سان ذيلي جملو 'هر جاندار شيءِ پاڻيءَ مان پيدا ٿي آهي'، 'تہ' حرف عطف استدراڪي ذريعي ڳنڍيل آهي. اهڙي طرح ٽئين مثال ۾ 'انسان کي معلوم ناهي' مکيہ جملو آهي ۽ 'سنڌس مقدر ۾ ڇا لکيل آهي' ۽ 'سنڌس حياتي ڪيتري آهي' پيئي ذيلي جملا آهن جي مکيہ جملي سان حرف عطف سان ڳنڍيل آهن.

مخلوط جملي جي ڀيٽ ۾ مرڪب جملا آسان هوندا آهن، ڇو جو مرڪب جملن ۾ سڀ جملا مطلق هوندا آهن ۽ حرف عطف ذريعي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هوندا آهن، جن کي آسانيءَ سان هڪ ٻئي کان جدا ڪري سگهبو آهي؛ پر انهيءَ جي برعڪس مخلوط جملي ۾ ذيلي جملا مکيہ جملي جا محتاج هوندا آهن ۽ انهن کي معنيٰ ۾ خلل پيدا ڪرڻ کانسواءِ الڳ ڪري يا ڪڍي نہ سگهبو آهي.

عبارت ۾ مخلوط جملي کي وڏي اهميت هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ مخلوط جملا استعمال ڪرڻ سان ئي عبارت سهڻي ۽ وڻندڙ ٿيندي آهي، انهيءَ ڪري جو انهن جي وسيلي خيالن جي اظهار ۾ نرمي يا شدت پيدا ڪري سگهبي آهي. ٻئي طرف مرڪب جملن واري عبارت خشڪ ۽ اڻوڻندڙ لڳندي آهي، جو انهن ۾ خيالن جو اظهار هڪ ڪرو هوندو آهي.

اصول مطابق، اهميت وارن جملن کي مطلق جي شڪل ۾ ۽ گهٽ اهميت وارن جملن کي ذيلي جملن جي شڪل ۾ رکبو آهي. اهميت کي وڌائڻ يا گهٽائڻ خاطر، جملن کي مطلق يا ماتحت ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو. مثال لاءِ هڪ جملو هيٺ ڏجي ٿو:

انسان خرچ ڪري ٿو ۽ هن کي گهرج ٿئي ٿي.

هي جملو مرڪب آهي، جنهن ۾ ٻئي جملا مطلق آهن ۽ هڪ ڪري اهميت وارا آهن. انهن کي هيٺينءَ ريت مخلوط جملي ۾ ڦرائي سگهجي ٿو:

'انسان خرچ ڪري ٿو، جڏهن هن کي گهرج ٿئي ٿي.'

هي مخلوط جملو آهي، جنهن ۾ 'انسان خرچ ڪري ٿو' مطلق جملو آهي ۽ 'جڏهن هن کي گهرج ٿئي ٿي' ذيلي يا ماتحت جملو آهي. هن جملي ۾ مطلق جي هجڻ ڪري 'خرچ' کي اهميت ڏني وئي آهي. هاڻي ذيلي جملي کي مطلق ۽ مطلق جملي کي ذيليءَ ۾ تبديل ڪجي ٿو:

انسان کي گهرج ٿئي ٿي، جڏهن هو خرچ ڪري ٿو.

هتي مطلق جملي ۾ 'گهرج' تي زور ڏنو ويو آهي.

ڪن حالتن ۾ معنيٰ ۽ مطلب کي وڌيڪ واضح ڪرڻ لاءِ مرڪب ۽ مخلوط جملن کي گڏي استعمال ڪبو آهي، مثلاً:

١. جڏهن مينهن پوندو آهي ته گهرن ۽ گهٽين ۾ ڪپ ٿيندي آهي، پر هوا ۽ وڻن ٽڻن ۾ تازگي پيدا ٿيندي آهي.

٢. جهاز، جيڪو وڏي بلنديءَ تي اڏامي رهيو هو، سو وڏي ڌماڪي سان پرزا پرزا ٿي ڪري پيو، جنهنڪري جهاز جا سمورا مسافر اجل جو شڪار ٿي ويا.

پهرئين جملي ۾ 'جڏهن مينهن پوندو آهي' ۽ ٻئي جملي ۾ 'جيڪو وڏي بلنديءَ تي اڏامي رهيو هو' ذيلي جملا آهن، جن کي عبارت مان الڳ ڪبو ته باقي مرڪب جملا رهجي ويندا.

مخلوط جملي جو استعمال:

"وڪر سو وهاءِ، جو ٻئي ٻرالو نه ٿئي."
(شاهه، سريراڳ)

”جي نہ سڄاڻن سچ کي، وڃن م تني وٽ.“
(شاهہ: سريراڳ)

”جڏهن ڄام پنهون ڄاڻو، تڏهن ٿي وس وڻڪار ۾.“
(شاهہ: ديسي)

”جيڪي مٺي ڪندا، سو جانب ڪريو جيئري.“
(شاهہ: حسيني)

”ڪلي جو ڪنيوءَ، سو مستان ور وسارئين.“
(شاهہ: حسيني)

”آن جي ڏنا هون، تہ الله لڳ ڳالهہ ڪريو.“
(شاهہ: حسيني)

”سوڍي سٽي لوءِ، ڪا جا مونسين ڳالهہ ڪئي،
سا جي پڌر پوءِ، تہ مرتيون ڪا نہ سهي.“
(شاهہ: مومل راڻو)

”جي ٻانئين جوڳي ٿيان، تہ ترڪ طمع ڪي ڪر.“
(شاهہ: رامڪلي)

”عشق جنين سان غمزو لاتو، علم نہ سي ڀيو پڙهندا.“
(سچل: گجري)

”ساريم سي سنگهار، جنم لنگهايم جن سان.“
(سچل: ڪنيات)

”ڪٺي سان ڪٺي، سا آندم ماڪ ملير ڪان،
مٺي مارئيءَ تان، اها لحظو ڪين لٿي.“
(سچل: ڪنيات)

معنيٰ جي لحاظ کان جملي جا هيٺيان قسم آهن:

۱. جملو بياني
۲. جملو سوالي
۳. جملو اقراري
۴. جملو انڪاري
۵. جملو معطوفي
۶. جملو شرطي
۷. جملو سببي
۸. جملو استدراڪي
۹. جملو تنبيهي
۱۰. جملو ندائي
۱۱. جملو قسمي
۱۲. جملو اظهاري
۱۳. جملو دعائي
۱۴. جملو تشبيهي
۱۵. جملو تمثيلي
۱۶. جملو تضميني
۱۷. جملو تلميحي
۱۸. جملو مدلل
۱۹. جملو معترضه

۱. جملو بياني - جملو بياني انهيءَ جملي کي چئجي ٿو، جنهن ۾ ڪنهن شيءِ جي وصف بيان ڪيل هجي يا ڪنهن ڳالهه جو تفسير يا وضاحت ڏنل هجي. اهڙي جملي کي جملو وصفي يا تفسيري به چئبو آهي. هن جملي جا به ڀاڱا هوندا آهن. پهرئين ڀاڱي ۾ ڪا ڳالهه بيان ڪيل هوندي آهي ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ ان جي وضاحت هوندي آهي. عام طرح جملي بيانيءَ ۾ حرف عطف بياني استعمال ٿيل هوندو آهي. جملي بيانيءَ جا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

چڱن جو چوڻ آهي، ته پوڙائي کان قرض نه کڻجي.

*

هن جي دل ۾ سدائين ڪٽڪو رهندو هو، ته ڪڏهن نه ڪڏهن مٿس اوچتو حملو ٿيندو.

*

مؤمن کي فقط ايمان جي طاقت هوندي آهي، يعني هن کي الله تي ڀروسو هوندو آهي.

”سکهن سڏ نه سور جي، ته گهايل ڪيئن گهارين.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

”وڃي ڪيچ چئيج ته ويچاري وات مئي.“
(شاهه: معذوري)

"مون لوڙان ني لکيا، ته هاڃو ڪندا هيي،
ماريندا مون کي، پنهون نيندا پاڻسين."
(شاهه: ديسي)
"سنجهي مون نه سنڀاليو، ته اولي ڪندا ايئن."
(شاهه: ديسي)
"هيئن نه ڀانيم جيڏيون، ته ڏاڍي ڪندا ڏير."
(شاهه: ديسي)
"ڀاڙي نااهه پروڙ، ته رات رنجائي گذري."
(شاهه: حسيني)
"ٿيو غلغلو گرنار ۾، ته ڪو عطائي آيو،
بيجل ٻولايو، ته سر سوالي آهيان."
(شاهه: سورٺ)
"خبر نه پئي، ته ڏيج ڏناڻون ڪيترو."
(شاهه: ٻروو)
"ٻورو ائين نه ڀانئين، ته ڪو لوڪ لاڏائو ساعت جو."
(شاهه: مارئي)
"جان تڪ پيئي توريان، تان ڏک موچارا سکن کان."
(سچل: ڪوهياري)
"ڀيهي پروڙيوم، تا پنهون پاڻئي آهيان."
(سچل: ڪوهياري)
"هاڻي نه ڇالان، ته موني ملندس مارئين."
(سچل: ڪنهيات)

٣. **جملو سوالي**. جملو سوالي اهو جملو آهي، جنهن ۾ ڪو سوال ڪيل هجي يا ڪا ڳالهه دريافت ڪيل هجي. هيٺيان لفظ جملي کي سوالي بڻائيندا آهن:

ڇا، ڇو، ڪئي، ڪجاڙو، ڪنهن، ڪو، ڪوهه، ڪهڙو، ڪيترو، ڪير، ڪيهو، ڪيئن وغيره.

جملي سواليءَ جا مثال:

"سوريءَ سڏ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون؟"

(شاهه: ڪلياڻ)

"ڪنهن کي ائين چوان، ته مون کي ماريو سڄڻين؟"

(شاهه: يمن ڪياڻ)

"هڻين ته ويڄن وٽ، تون ڪيئن جيءَ جڏو ٿئين؟"

(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"رهڻيءَ رهيو نه سهيرين، ته ڪنڌيءَ ڪبو ڪوهه؟"

(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"لالي وڃان لوڪ، تو ڪهڙي اکر آنڙي؟"

(شاهه: ڪنڀات)

"قضا ريءَ ڪير ڌري، متي پاڻيءَ پير؟"

(شاهه: سهڻي)

"ملڪ مڙئي منصور، ڪُهي ڪُهندين ڪيترا؟"

(شاهه: سهڻي)

"هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوهه پهي؟"

(شاهه: مسئي)

"ڪيئن آڙايئين پاند، پلؤ پرڏيهين سين؟"

(شاهه، ڪوهياري)

"ڇا ڪي ويو ڇو، پهلي رهين پين جو؟"

(شاهه، بروو)

"ما سڪ سلان ڪيئن، جنهن اندر آهيرا ڪيا؟"

(شاهه، بروو)

"ڪئان سکئين سپرين، ڪاسائڪي ڪار؟"
(شاهه: بروو)

"نينهن نهائينءَ جيئن، ڏکيو ڪوهه نه ڏکئين؟"
"ڄر ڄيري چڙي، تہ رچ پچندا ڪيئن؟"
(شاهه: رپ)

"ڪنڌئن ڪوهه رهي، سر ۾ سپيرين ري؟"
(شاهه: ڏهر)

"سي ڪيئن پرين پسن، ڪنڙ جن اکين ۾؟"
(شاهه: آسا)

"سونهن وڃايم سومرا، ٿيندس ڪيئن قبول؟"
(شاهه: مارئي)

"ستان ستن منهنجي، ڪنهن آڏاءِ ڪانءَ؟"
(شاهه: پورب)

"ڪنڌيءَ تي ڪيهي، حاج تنهنجي هنجهڙا؟
وڃين نہ پيهي، پٿون لئي پاتار ۾؟"
(شاهه: ڪارايل)

٣. **جملو اقراري**- جملو اقراري انهيءَ جملي کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪنهن ڳالهه کي تسليم ڪيو ويو هجي يا ان جي حقيقت کي ڄيو ويو هجي. انهيءَ جملي کي جملو هاڪاري بہ چئبو آهي.

جملي اقراريءَ جا مثال:

"ڏَرَ ۾ ڪونهي ڏَرُ، ڏيرن ور وڏو ڪيو."
(شاهه: ديسي)

”ڄڃت هوت پنھونءَ سين سـون ڪيڇيءَ ڪيھي،
هوءِ جـا پائين ٻير ۾، تـنـھـن جُتيءَ نا جيھي.“
(شاهہ: ڪوھياري)

”دارونءَ جـا داڻـا، ڏنـم هـوت هـٿـن سين.“
(شاهہ: ڪوھياري)

”ٻـيـا در ڏيـئـي ٻين ڪـي، آيس تنھنجي در.“
(شاهہ: سورٺ)

”محبوبن مـنـٿـون ڪري، سڪڻ سيـکـارڀـوم،
تـهـانـپـوءِ ٿـيـوم، پاڻهي پسڻ پـريـنءَ جو.“
(شاهہ: بروو)

”مون سين سـون پريـن، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.“
(شاهہ: ليلان چنيسر)

”مٺي مـٿـي جي هـٿـا، تن چٽن ڦيريم چيت.“
(شاهہ: ليلان چنيسر)

”سـھـم پسان ٿـي سـومـرا، پرينءَ ري پيئي.“
(شاهہ: مارئي)

”سھکيءَ پـائـي سڪو، اهکيءَ تون هين تون.“
(شاهہ: مارئي)

”سـتـي تنھنجي سـت ۾، ڳالھہ گھرجي ڳچ.“
(شاهہ: مارئي)

”مون ماروءَ سين لـڌيـون، لـوئـيءَ ۾ لائون.“
(شاهہ: مارئي)

”هـيـنـئـون منھنجو هُت ٿيو، هيت مٿي ۽ ماهہ،
پکن منجھہ پـسـاهـہ، ڦـالـب آهـي ڪوٽ ۾.“
(شاهہ: مارئي)

"سڪر سيئي ڏينهن، جــي مون گهاريا بند ۾،
وسـايـم وڏ ڦـڙا، سـتّـي مــاڙن ميـنـهـن،
نـيـر منهنجي نينهن، اجـاري اچــو ڪيـو."
(شاهه: مارئي)
"سونهن وڃايم سـومـرا، ميرو منهن ٿيوم."
(شاهه: مارئي)
"مون ڪــي مارونءَن، سڏيج ڳٽائي سيج ۾."
(شاهه؛ مارئي)
"ايءَ قضا ڪم ڪيو، جيئن ٿر مارو، آءٌ ماڙئين."
(شاهه: مارئي)
"لکئي آئي لوح جي، هنڌ ڏيکاريس هيءَ."
(شاهه: مارئي)
"اصـل منهنجي انگ، جـڙيــو هـو زنجير."
(شاهه؛ مارئي)

٤. **جملو انڪاري**- جملو انڪاري انـهـيءَ جملي کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪنهن ڳالهه يا حقيقت جو انڪار ڪيل هجي. هن جملي کي جملو ناڪاري به چئبو آهي.

جملي انڪاريءَ جا مثال؛

"سڱڌ لڏيندي سات جي، ڏيرن ڪان ڏنــي."
(شاهه: ديسي)
"هي جو ڏنيِ ڏهاڳ جو، سگهان ڪين سهي."
(شاهه؛ ليلان چنيسر)
"اجهو ريءَ الله، ڪونهي ڪاپـڙيـن جــو."
(شاهه: رامڪلي)
"نه ڪيلن، نــه ڪيين ڪي، نڪي ڳالهائين."
(شاهه: رامڪلي)

”مون وٽ آيو ڪونه ڪو، پانئڻون ٻري پير.“
(شاهه: مارئي)
”لڙڪ نه لکڻ ڏين، ڪريو پون قلم تي.“
(شاهه: مارئي)
”جانسين ٿي جيان، ڪانڌ نه ڪنديس ڪو ٻيو.“
(شاهه: مارئي)
”ٻريان سنڌي ٻار جو ڪانگل نه ڪوڙو.“
(شاهه: پورب)
”پٽ دعا پاراتي واري، نــاهــي راهــه رباني.“
(سچل: گجري)
”وار نه سي ويهن، جنهي مٿي ماسرا.“
(سچل: ڪوهياري)
”سڀ سڄاتئون ڪين ڪي، جوڳن ماري جڪ.“
(سچل: ڪاريهر)
”هردي اندر هير جي، آهي ڪونه ٻيو.“
(سچل: ڪاريهر)
”لوئي اها لوءِ جي، چن نه ڇڏيندياس،
ٿهاران ٽوڙي ٽي، مور نه مٽيندياس.“
(سچل: ڪنيات)

٥. **جملو معطوفي** - جملو معطوفي انهيءَ جملي کي چئبو آهي، جنهن ۾ فعل معطوفي ڪم آندل هجي، مثلاً:

اڻ ڏٺي رستي تي سوچي سمجهي ۽ اکيون کولي وک کڻجي.

*

ننڍڙو ٻار ماءُ جي تات ۾ روئي روئي سمهي پيو.

مٿين جملن ۾ 'سوچي سمجهي'، 'اکيون کولي' ۽ 'روئي روئي' فعل معطوفي آهن، تنهنڪري مٿيان ٻئي جملا معطوفي چئجن ٿا.

جملي معطوفيءَ جا مثال:

"ڀاڙ ڀو ويلي ڀاڙ، جيڪي لکيو لوح ۾."
(شاهه: سهڻي)

"مون کي ڏنءِ ڏيئي، وجي ڍوليو ڍٽ قرار ڀو."
(شاهه: مومل راڻو)

"ڳالهيون ڪندي ڪاڪ جون، ڳوڙها ڀيس ڳڙي."
(شاهه: مومل راڻو)

"مٺي مٽي موهجي، چريو چٽ ٿيو."
(شاهه: ليلان چنيسر)

"نيڻن سين ناز ڪري، ريجهايائين راهه."
(شاهه: ڪاموڏ)

"ڀسي ککيءَ ڪوڙ، ستان ساڳر مٿين."
(شاهه: ڪاموڏ)

"لاڳاپا لاهي، ويندس ڪيڏ ڪوهيار جي."
(سچل: ڪوهياري)

"پارس لڳي سون ٿيون، لوهائيون لوريون."
(سچل: ڪلياڻ)

"ملي مهائنا مير سان، ٿيڙا مير بحر."
(سچل: ڪلياڻ)

"سنبري سرودن سان، سالڪ ڪيا سات،
ڦيري سازن ڦات، سوريئين سر سورٺ کي."
(سچل: سورٺ)

”رويو رويو رت، ٿو پکي پارانيا ڏئي.“
(سچل: مالڪوس)

”پکي سوئي پر، اڄ اڏائو اوڏهين.“
(سچل: مالڪوس)

٦. جملو شرطي- جملو شرطي انهيءَ جملي کي چئبو آهي، جنهن ۾ حرف عطف شرطي استعمال ٿيل هجي.

جملي شرطيءَ جا ٻه ڀاڱا هوندا آهن: شرط ۽ جزا. جو ڀاڱو حرف عطف شرطيءَ سان شروع ٿئي، تنهن کي شرط چئبو آهي ۽ ٻيو ڀاڱو جو ان جي جواب ۾ اچي، تنهن کي جزا يا جواب شرط چئبو آهي، مثلاً:

جيڪڏهن تون ايمان جو سهارو وٺندين، ته شيطان توکي هرگز گمراهه نه ڪري سگهندو.

*

ڪٿي ڪيتري به ڪوشش ڪندين، ملندئي اهوئي جو تنهنجي قسمت ۾ هوندو.

پهرئين جملي ۾ پهريون ڀاڱو ’جيڪڏهن تون ايمان جو سهارو وٺندين‘ آهي شرط ۽ ٻيو ڀاڱو ’ته شيطان توکي هرگز گمراهه نه ڪري سگهندو‘ آهي جزا يا جواب شرط. اهڙي طرح ٻئي جملي ۾ ’ڪٿي ڪيتري به ڪوشش ڪندين‘ آهي شرط ۽ ’ملندئي اهوئي جو تنهنجي قسمت ۾ هوندو‘ آهي جزا.

غير معين، ممڪن يا شڪي حالت ۾ شرط ۽ جزا جي ڀاڱن ۾ مضارع جو صيغو استعمال ٿيندو آهي ۽ مطلق جملي ۾ امر جو صيغو به ڪم ايندو آهي، مثلاً:

نوٽ: فعل معطوفيءَ واري باب ۾ به ڏنل استعمالي مثال معطوفي جملا آهن.

جي تون مونکي جو وعدو ڪرين، تہ مان توسان گڏجي هلان.

هيڪر اچ، تہ تنهنجي سڃاڻپ پنهنجن دوستن سان ڪرائي ڇڏيان.

پهرئين مثال ۾ مضارع جو صيغو ۽ ٻئي ۾ مطلق جملي ۾ امر جو صيغو استعمال ٿيل آهي.

جملي شرطيءَ جا مثال:

"جي تو سڪڻ سکيو، تہ ڪاتيءَ ٻئي مَ ڪينجهہ."

(شاهہ: ڪلياڻ)

"ڪرين جي ڪيرڻ، تہ تون توانو ٿئين."

(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

"سڪ ٻپيور جا ڇڏ، تہ ڪاهي رسين ڪيچ کي."

(شاهہ: سسئي)

"مري جيءَ، تہ ماڻين جانب جو جمال"

(شاهہ: معذوري)

"وڏا طالع تن جا، جي مارڳ منجهہ مرن."

(شاهہ: معذوري)

"ٻڌين پير نهار، تہ آر ٻائي اتان لهين."

(شاهہ: معذوري)

"جي سرتيون وڃہ ساهہ، تہ ٿيان حوالي هوت جي."

(شاهہ: ديسي)

"نااميدي نيج، تہ آڏي ٿئين اميد کي."

(شاهہ: حسيني)

"اچين جي هيڪار، مون ساربندي سورين،
پيرين ڏريان پنبڻيون، هنڌ وڇايان وار."

(شاهہ: بروو)

”جي ڀانئين جوڳي ٿيان، تا ويهي ڳول وجود.“
(شاهه: رامڪلي)

”ڇر ڇيري ڇڏي، تہ ڪيئن پچندا ٿانءَ؟“
(شاهه: رپ)

”جي گهر اچين مون، تہ ميرياڻي مان لهان.“
(شاهه: پرڀاتي)

”مون، تون آءُ، اسين، چارئي چتان لاهہ،
تہ سندي دوزخ باهہ، تنو اوڏانئي نہ اچي.“
(شاهه: آسا)

”زيريون لاهہ زنجير، تہ سرتيون پسان سومرا.“
(شاهه: مارئي)

”اچين جي اوطاق، منهنجي ميان ميندرا،
عيبن ڪان آجي ٿيان، ڪوجهي ٿئي نہ ڪاڪ.“
(سچل: راڻو)

”مارڳ مرن جي، ورتني ڪي وڃڙو.“
(سچل: ڪوهياري)

”اچين تان اڳيان، ناتہ ٿي نمان،
چاهون مان چمان، پرين تنهنجا پيرڙا.“
(سچل: راڻو)

”جي راضي ٿئين تون، تہ ملان مارن سان وڃي.“
(سچل: ڪنيات)

”ساهہ جو سانگو ڪرين، تا پير هن پڙ ۾ نہ پاءِ.
(سچل: جوڳ)

”پير اڳڻ پائين، تہ منهنجو ساهہ سڌير ٿئي.“
(سچل: مالڪوس)

٧. **جملو سببي** - جملو سببي انهيءَ جملي کي چئبو آهي جنهن ۾ حرف عطف سببي استعمال ٿيل هجي، مثلاً:

گهرج کان وڌيڪ نه کائجي، ڇو جو گهٽو کائڻ صحت جو زيان آهي.

*

وقت اجايو نه وڃاءِ، نه ته پڇتائڻو پوندئي.

*

انسان لاءِ علم حاصل ڪرڻ ضروري آهي، ورنه هو نيڪي ۽ بديءَ ۾ فرق نه ڪري سگهندو.

مٿين جملن ۾ 'ڇو جو'، 'نه ته' ۽ 'ورنه' حرف عطف سببي آهن، جنهنڪري جملن جي نوعيت سببي آهي.

جملي سببيءَ جا مثال:

"جاني آيو جوءِ ۾، ٿيو قلب قرار."
(شاهه: سارنگ)

"وڃان ٿي ولڪار، ڏئم پير پنهونءَ جو."
(شاهه: حسيني)

"تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه، پير نه لهين پرينءَ جو."
(شاهه: حسيني)

"نئون نينهن لڳوس، ڳري ۽ ڳالهيون ڪري."
(شاهه: حسيني)

"سرتيون سڄي سڄ، متان ڪا مون سين هلي."
(شاهه: حسيني)

"پڇي ڪام پيچاءِ، اڄ منهنجي آسري،
ڪيم جنهين لاءِ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو."
(شاهه: حسيني)

"آديسي اٿي ويا، مڙهيون سون ماريون."
(شاهه: رامڪلي)

"ليلان ليلائيج، اٿي ماڳ منٺ جو."
(شاهه: ليلان چنيسر)

"پئي ڏانهن ڪيم نهار، گهڻو ريسارا سپرين."
(شاهه: آسا)

"ٻاڙو پئي نه ٻيهڙي، مٺو منهن لڳوس."
(شاهه: مارئي)

"آءٌ ڪيئن سوڙئين سمهان، مون ورڳهاري سيج."
(شاهه: مارئي)

"سارنگ سعي ۾ اٿي، سچل ستي ڇڏ،
اجهاپي ڪا اڏ، وسڻ ڪان اڳي وڃي."
(سچل: سارنگ)

"نڪي پير مشائخ ٿيج تون، نڪي ٿج نجومي،
دائرا اهي دعوت وارا، اٿي علم رسومي."
(سچل: گجري)

٨. جملو استدراڪي. جملو استدراڪي انهيءَ جملي کي چئبو آهي، جنهن ۾ حرف استدراڪي استعمال ٿيل هجي، يا جنهن ۾ ٻن بيانن ۾ مقابلو ڏيکاريل هجي ۽ مقابلي ۾ اتفاق ڏيکاريل هجي يا اختلاف، يا وري جنهن ۾ ظاهر ڪيل شڪ يا گمان جو ازالو ڪيل هجي. 'استدراڪ' لفظ جي معنيٰ آهي، لڪل حقيقت کي ظاهر ڪرڻ يا ڪنهن شڪ ۽ گمان کي دور ڪرڻ.

هيٺيان لفظ جملي کي استدراڪي بڻائيندا آهن:
بلڪ، پر، رڳو، سواءِ، فقط، ليڪن ۽ مگر وغيره.

جملي استدراڪيءَ جا مثال:

هرڪو انسان گنهگار آهي، مگر پيغمبر معصوم آهن:

*

مٺي آواز تي نه فقط ماڻهو، پر مرون به مست ٿيو پون.

*

منهنجو دوست هڪ حادثي ۾ گذاري ويو، بلڪ سندس سڄو ڪٽنب تباهه ٿي ويو.

"ڪو ڪم ڪنار جو، ڪي نهانئين،
سون ڪي وڃائين، ڀيلو ڀاڳي آئيو."

(شاهه، سهڻي)

"سهسين سائر ٻوڙيون، سنڌ ٻوڙيو مهراڻ."

(شاهه: سهڻي)

"آتڻ چونم ڪت، تائيان تند نه نڪري."

(شاهه، حسيني)

"اڳي اٿين هياس، جيڻ پنهونءَ ڏوتم ڪڙا،
هاڻي اٿين ٿياس، جيڻ جڻت نه نينم پاڻسين."

(شاهه، حسيني)

"يار سڏائي سڀڪو جاني زباني،
آهي آساني، ڪم پئي تي ڪل پوي."

(شاهه، بروو)

"چري چري م چؤ، چريو آهي لوڪ."

(سچل، آسا)

"تون سمو سردار، آءٌ ميثي مهاڻي آهيان."

(سچل، ڪلياڻ)

”جن پاسا هريل پنڌ تي، تن فرشين فراشون،
روءِ هيون راشون، پر سمي ڄام سهايون.“
(سچل، ڪليان)

”هوند ڏوراپا ڏيان، پر مونهون ڀنور ڀري ٿيا.“
(سچل، ڪنيات)

”جوڳي آهن جال، پر لاهوتي لڏي ويا.“
(سچل، جوڳ)

”ڪانگا ڪتابت، ساري سانڍج ساهه سين،
اها امانت، ٻئي ڪنهن عام نه آڇين.“
(سچل، مالڪوس)

٩. جملو تنبيهي - اهو جملو، جنهن ۾ ڪنهن اڻونڊڙ يا نقصان واري ڳالهه يا ڪم ڪان منع ڪيل هجي، يا ان کان بچڻ خاطر ضروري اپاءَ وٺڻ جي هدايت يا تنبيهه ڪئي ويئي هجي، تنهن کي جملو تنبيهي چئبو آهي.

خبردار، ڏس، مَ، متان، مڇڻ، نه، نه ته، ورنه وغيره، تنبيهه جا لفظ آهن، جي جملي کي تنبيهي بڻائيندا آهن.

جملي تنبيهيءَ جا مثال:

خبردار، انهيءَ ڪم ۾ هٿ نه وجهه، اهو سراسر ظلم ٿيندو.

*

ڏس پٽ، جانورن کي نه ستاءِ اهي به الله جا خلقيل آهن ۽ انسان لاءِ ڏاڍا ڪمائتا آهن.

*

زندگي هڪ وڏي نعمت آهي، ان جو هڪ لمحو به اجايو نه وڃائجي، ورنه آخر ۾ پڇتائڻو پوندو.

"ڀانسي ڪان ڪمان ۾ ميان مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي."
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

"جي نہ سڄاڻن سچ کي، ويهہ مَ تني وٽ."
(شاهہ: سريراڳ)

"متان گهڙين سهڻي، اڄ درياهہ ۾ دهہ."
(شاهہ: سهڻي)

"سچ سامهون منهن ۾، متان ڪرئين ڪَڇ."
(شاهہ: حسيني)

"ڪلي جو ڪنيو، سو متان ور وسارئين."
(شاهہ: حسيني)

"مالها ڦيرج من ۾، ڏڙ کي ڏوڙ مَ لاءِ."
(شاهہ: رامڪلي)

"چنيسر مين چاڳ، متان ڪا مُنڌ ڪري."
(شاهہ: ليلان چنيسر)

"مَ لنئن ڪونجي، مات ڪر، چور مَ هينئين چاڪ."
(شاهہ: ڏهر)

"طمع جي تنوار، متان ڪرين مڱڻا،
ڏکي ڪندئي ڏار، مالڪ ڏيندي مٽ ۾."
(شاهہ: پرڀاتي)

"مَ ڪي رو، مَ رڙ ڪي، مَ ڪي هنجون هار،
جهڙا اچن ڏينهڙا تهڙا ويهي گهار."
(شاهہ: مارئي)

"مون کي مون پرين، ٻڌي وڏو ٻار ۽،
ايا ايئن چئن، سچن ٻانڌ ٻسائيين."
(شاهه: آسا)

"سو ڪانگ مَ قاصد ڪر، جو سدا ڊونئي ڊونئي ڪي."
(شاهه: پورب)

"مريد ڪرڻ جو خيال نه رکجانءِ، عاشق ٿج نرالو،
مان ۽ تون جي سودي اندر، متان ڪيئين ڏيوالو."
(سچل: گجري)

"ووءِ ووءِ تا مَ وسار، متان مٺي مات ڪرين."
(سچل: ڪوهياري)

"ڏاهيا ڪيئا ڏينهڙا، متان تون لائين."
(سچل: مالڪوس)

"زاغ نه ٿيءُ زبون، وڻون اڏامي اوڏهين،
نه ته خاصو منهنجو خون، ڳچيءَ ٻندءِ ڪانگڙا."
(سچل: مالڪوس)

١٠. جملو ندائي - جملو ندائي انهيءَ جملي کي چئبو آهي جنهن ۾ حرف ندا استعمال ٿيل هجي.

جملي ندائيءَ جا مثال:

"خوف تنهنجو، يا خدا، منجهه آدمن آهي اليٰ."
(ديوان قاسم)

"فخر دولت تي نه ڪر، اي دل، خدا جي واسطي."
(مرزا قليچ)

"ساهڙ ڄام ستار، سگهو رسج سير ۾."
(شاهه: سهڻي)

"چنڊ، تنهنجي ذات پاڙيان نه پرينءَ سان."
(شاهه: ڪنڀات)

”آهي آر اکين ۾، ناڪنا، ڪج نگاهه،
ملاحظو ملاح، ڪج ڪو انهيءَ ڪُنَ جو.“
(شاهه: سريراڳ)

”جاجڪَ، تو مٿانءِ، ملڪ مڙيوئي گهوريان.“
(شاهه: سورٺ)

”ميان مينڌرا، موٽَ، بخش ڪر ٻچائيون.“
(شاهه: مومل راڻو)

”تو در آيس، داسڙا، اوگڻ ڪري اپار.“
(شاهه: ليلان چنيسر)

”سهج سوري ڀانئيان، سومرا، منڊوهَ.“
(شاهه: مارئي)

”پرين جي پرديس ۾، تن جي، ڪانگا، ڪج خبر.“
(شاهه: پورب)

”ڪر، ٻاروچا، ٻاجهه، هن نڌر نمائيءَ تي.“
(سچل: ڪوهياري)

”مون تان مهٽا لاهه، مولا ڪارڻ، مينڌرا.“
(سچل: راڻو)

”وڃي وجهه گرنار ۾، بيجَل، ٻانيتال.“
(سچل: سورٺ)

”آهيان سوالي سر جو، گهوٽَ نہ گهرجي راڄ.“
(سچل: سورٺ)

”عمرَ، مون ڏي آيا، ابائون عتاب.“
(سچل: ڪنيات)

”مون ڪان، امان، پڇ، جو آءٌ بہ ويندس تن سين.“
(سچل: جوڳ)

”پـريـن، تنهنجي پار جي، محبت مون ماري.“
(سچل، مالڪوس)
”ڏاهيون، سڀ ڏسو، جو آيو ڪانگ قريب جو.“
(سچل، مالڪوس)

١١. جملو قسمي- جملو قسمي انهيءَ جملي کي چئجي ٿو، جنهن ۾ ڪنهن ڳالهه جي تصديق خاطر يا ان کي زورائتو بڻائڻ واسطي قسم جو لفظ استعمال ٿيل هجي. اهي لفظ جي عام طرح قسم طور ڪم ايندا آهن، سي آهن:

الله جو سنهن، الله چاڻي، الله سان، الله جو قسم، بالله، والله وغيره.

جملي قسميءَ جا مثال:

الله جو سنهن، تہ مون ڪڏهن بہ توسان برائي نہ ڪئي آهي.

*

والله، انهيءَ ڳالهہ جي مون کي ڪا خبر ڪانهي.

”بالله، ري پرينءَ سڀ اونداهي پانئيان.“
(شاهہ، ڪنڀات)
”موٽ مـران ٿي ميندرا، راڻا، ڪارڻ رب.“
(شاهہ، مومل راڻو)
”الله ڪـارڻ، اولـيـا، ڪـرهـا مَ ڪاهيو.“
(شاهہ، ديسي)
”مـيـڻ ور وسـارئـيـن، آري، لـڳـ الله.“
(شاهہ، مسئي)
”اڏر، لـڳـ الله، ويـلـو ڪر مَ وڃ ۾.“
(شاهہ، پورب)

"سانئينءَ جو سوڳنڌ، ساڄن ميڻاان مٺو."
(شاهه: ٻروو)

"ڪارڻ ربّ رحمان، سر وڃي سلطان ڏي."
(شاهه: سورٺ)

"لاهج لوئيڙن تان، الله لڳ، اولاڪ،
ڪارڻ، پرور پاڪ، مون کي ميڙئين مارئين."
(سچل: ڪنيات)

١٢. جملو اظهاري. جملو اظهاري انهيءَ جملي کي چئجي ٿو، جنهن ۾ عجب، افسوس، خوشيءَ يا ڏک جو اظهار ٿيل هجي. جي لفظ جملي کي اظهاري بڻائن ٿا، سي آهن: حرف تعجّب، حرف تاسف، حرف تحسين ۽ حرف نفرين وغيره.

جملي اظهاريءَ جا مثال:

"مديون پسي منهنجون شرمايا شيطان،
هن منهنجي حال تي، هئي هئي، ڪن حيوان."
(شاهه: سريراڳ)

"ور اونداهي راتڙي، ڪوه چانڊوڻي چانڊاڻ."
(شاهه: سهڻي)

"اٺي ائين چياءِ، ته گهوڙا! گهر نه سهرين."
(شاهه: ديسي)

"ور لڪن جي لوڏ، گهوريا مڪ ڄڻهور جا."
(شاهه: حسيني)

"ڪوه ٻولي، ٻڌن ٻروچ، گهوري ذات جتن جي."
(شاهه: حسيني)

"ور سا سڄي ويڙهه، جنهن ۾ سڄڻ هيڪڙو."
(شاهه: ڪاهوڙي)

"هئي هئي، هن هڏي، همه ڪي حيران ڪيو."
(شاهه، رامڪلي)
"ڪوهه لڄائين پاڻ، نــاحــق ويئو نيهه ۾."
(سچل، رائو)
"گهوڙا ڙي گهوڙا، ڪري مـن مستان ويـا."
(سچل، جوڳ)
"هئي هئي، منهنجي حال جي، ناهي ڪل اوهان."
(سچل، ڪنيات)
"روئن ساري رات، هئي هئي، سوڪانڪو ڪيون."
(سچل، مالڪوس)
"ڏاهـي چڙهي ڏار تـي، ڪا جـا لـتـي لات،
پـيـون ۾ هـيـهـات، آتـڻ واريون اتهين."
(سچل: مالڪوس)

١٣. جملو دعائي- جملو دعائي انهيءَ جملي کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪنهن آرزو اميد، دعا يا پٽ پاراتي جو اظهار ٿيل هجي يا ان ۾ حرف تمنا استعمال ٿيل هجي.

جملي دعائيءَ جا مثال:

"شال مَ ڇڄي نينهن، گهڙان گهوريو جند ڙو."
(شاهه، سهڻي)
"واهڙ وهين مَ شال، سڪي پيلانيون ٿئين."
(شاهه، سهڻي)
"الله، سيئي آڻ، جن ساهه چڪايم سڪ جو."
(شاهه، سسئي)

نوٽ: پٽن وغيره اهڙا لفظ آهن، جي نفرت ظاهر ڪرڻ لاءِ ۽ ڪم ايندا آهن ته بددعا يا پٽ پاراتي لاءِ ۽.

"ڪوءِ ڪتن، ٻن ڪپاھ، ڪوءِ آتڻ، ٻن جيڏيون."
(شاھ: حسيني)

"پيچل سندو ٻنگ، خالق خالي م ڪرين."
(شاھ: سورٺ)

"قادر شال ڪندوءِ، ميڙو ھن مسڪين سين."
(شاھ: برو و)

"ڌيم ڪر م ڌار، پاڙو تن پرينءَ جو."
(شاھ: برو و)

"الله ائين م ھوءِ، جيئن آءٌ مران بند ۾،
ٻورين وڃان لوءِ، پوءِ مٽ پڃنم ڏينھڙا."
(شاھ: مارئي)

"آري اچين شال، نمائيءَ جي نجھري."
(سچل: ڪوھياري)

"جيڏيون جت جين، جي سونھي سور سڄي ويا."
(سچل: ڪوھياري)

"ڪاھل تي ڪھل، ڪندين شال ڪريم تون."
(سچل: ڪوھياري)

"سونٽي شال اچن، ماروئڙا مليرَ ۾."
(سچل: ڪنيات)

"ايندي مارئي مارئين، پکين شل پيھي."
(سچل: ڪنيات)

"ماجھر سنگھارن ڪي، الله شل آڻي."
(سچل: ڪنيات)

"سنگھارن سوپل، ملان شال ملير ۾."
(سچل: ڪنيات)

”عمر، ربّ رکي، ٻڌي سان پناهه ۾،
هنان شال ٻکي، عمر ابانئن حي.“
(سچل ۽ کنيات)

”ايندا مارو مون ڪٽين، ويندم شال ولي.“
(سچل: کنيات)

”الله ابانئن سان مون کي گڏ ڪرين،
جي ويڙا تر ٻرين، سي موني آڻ ملير ۾.“
(سچل ۽ کنيات)

۱۴. جملو تشبيهي- جنهن جملي ۾ ٻن شين جي پاڻ ۾ ڀيٽ يا تشبيهه ڏنل هجي، تنهن کي جملو تشبيهي چئبو آهي، مثلاً:

’چيا مهانڱي ۽ چيا سندس سونهن، چوڏهينءَ جو چنڊ پيو ڀکي.‘

مٿين جملي ۾ ’مهانڱيءَ‘ جي ’چوڏهينءَ جي چنڊ‘ سان مشابهت ڏيکاري ويئي آهي. هتي ’مهانڱي‘ آهي مشبّه (جنهن جي ڀيٽ ڪيل هجي) ۽ ’چوڏهينءَ جو چنڊ‘ آهي مشبّه به (جنهن سان ڀيٽ ڪيل هجي).

جملي تشبيهيءَ جا مثال:

”عشق آهي نانگ، خبر کاڌن کي پوي.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

”تارا ترار ٻون، نيزا نيڻ ٻرين جا،
هڻن منهن پار ٻون، سانگو ڪن نه سر جو.“
(شاهه: کنيات)

”جر ۾ ڦرڻو جيئن، لهريون لڳندي اڌ ٿئي،
تون پڻ آهين تيئن، دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.“
(شاهه ۽ سريراڳ)

"جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين."
(شاهه: سهڻي)
"جيڪو جبل لنگهيان، سو هيبت جو هاڃي."
(شاهه: ديسي)
"پرتوو پنهونءَ جو، جهڙو جيئن جهالا ڏني."
(شاهه: ڪوهياري)
"هنڙو ڪچيءَ تند جئن، ڇڄيو ڇڄيو پوءِ."
(شاهه: حسيني)
"مومل ڪي مجاز جا اکين ۾ الماس."
(شاهه: مومل راڻو)
"جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٿن ويس."
(شاهه: مومل راڻو)
"جهڙا پاڻ پڻ، تهڙيون شالون مٿن سائيون."
(شاهه: مومل راڻو)
"نهائينءَ کان نينهن، سک منهنجا سيرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ڀاڦ نه نڪري."
(شاهه: رپ)
"تو جو ڀانيو هار، سو سورن جو سگڙو."
(شاهه: ليلان چنيسر)
"جيئن گنڍيون منجهه گنڍ پر، تيئن مون من ماروئڙن سين."
(شاهه: مارئي)
"جر ۾ سهڻون جيئن، آهن ابر آسري،
جيئن ڪونجون سارين روهه کي، مون تن اندر تيئن."
(شاهه: مارئي)
"جئن سڀو وڇ سرندڙي، تئن رائين ۾ راڳي،
سي سڄالي، ٻيڙو ٻڌس ڀانهن ۾."
(شاهه: ڪاموڏ)

”لڳي اتر واءُ، ڪينجهر هندورو ٿئي.“
(شاھ ۽ ڪاموڏ)

١٥. جملو تمثيلي - جنهن جملي ۾ ڪنهن حقيقت کي واضح ڪرڻ لاءِ ڪو مثال يا تمثيل ڏنل هجي، تنهن کي جملو تمثيلي يا مثالي چئبو آهي، مثلاً:

’جهنگ جو جهانگي، شهر ۾ اهڙو اچي ڦاٿو جهڙو پکي پڃري ۾.‘

مٿين جملي ۾ ’جهڙو پکي پڃري ۾.‘ تمثيل آهي، جا انهيءَ لاءِ پيش ڪئي وئي آهي، ته جيئن پهرين بيان ڪيل حقيقت جو پورو پورو اندازو لڳي سگهي. هتي ’جهنگ جو جهانگي‘ آهي مُمَثَّل (جنهن جو مثال ڏنل هجي) ۽ پکي پڃري ۾‘ آهي مُمَثَّل بِه (جنهن سان مثال ڏنل هجي).

جنهن جملي ۾ ڪو پهاڪو يا چوڻي ڏنل هجي ۽ پاڪاڻ ته اها به حقيقت کي واضح ڪري ٿي، تنهنڪري ان کي به جملو تمثيلي چئبو آهي، مثلاً:

’ڀُليي ڀُليي ڀاڻ آئي سا به نه چئجي ڀُلي.‘

هن جملي ۾ هڪ عام چوڻي يا پهاڪو ڏنل آهي، جنهن جو مطلب آهي ته جيڪڏهن ڪو انسان يا جانور ڪجهه وقت گمراهه ٿي وڃڻ کانپوءِ پنهنجي صحيح منزل يا مقام تي پهچي وڃي، ته ان کي ڀليل نه چئبو.

جملي تمثيليءَ جا مثال:

”اوديا رلائي ٿي جڳ ۾ هن جيءَ کي،
جيئن بازيگر باندر کي در در پنائي.“
(سامي)

”فصل جي خواهش ۾ وسري اصل ويو،
سنگ چوندي پندي نه ڪانا ياد پيا.“
(سانگي)

"ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهه، ڳڻ وڍيندڙ هٿ ۾."

(شاهه: ڪياڻ)

"اکر پڙهه الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر تون اجار، پنا پڙهندين ڪيترا."

(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"ڪوڙ ڪتابن ۾، حرف مڙيوئي هيڪ،
جي تو نظر نيڪ، ته بسم الله ئي بس ٿي."

(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"جي رهڻيءَ رهيو نه سهيرين، ته ڪٿيءَ ڪبو ڪوهه."

(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي، ڪيني وارو ڪينڪي."

(شاهه، يمن ڪلياڻ)

"مفتي منجهه وهار، ته قاضيءَ ڪنيارو نه ٿئين."

(شاهه، يمن ڪياڻ)

"اکر ڇتي هيڪڙي، ٻهون جي نه پڄن،
ڪوهه ڪبو ڪي تن، سچي سٽائي ڳالهڙي."

(شاهه، يمن ڪلياڻ)

"عدل ڇٽان آءٌ نه، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو."

(شاهه: سريراڳ)

"وکر سو وهاءِ، جو پسي پراٹو نه ٿئي."

(شاهه: سريراڳ)

"جي وڙ جڙن جنسين، سي وڙ ميئي ڪن."

(شاهه، سريراڳ)

”سمنڊ جي سيوين، تنين مانڪ ميڙيا،
چلر جي چوٽين، تن مانڪونا ۽ متيون.“
(شاهه ۽ سريراڳ)

”ڪپر ڏو ڪُنُ ڪري، جئين مانيءَ منجهه مَتهي،
ايڏو سور سهي، تند م ڪريو ناڪنا.“
(شاهه: سريراڳ)

”ٻچن جي ميهار ڪي، ٻچي سي ميهار.“
(شاهه: سهڻي)

”جن ڪي سڪ ساهڙ جي، سي گهير نه ٻچن گهاٽ،
جن کي عشق جي آسات، سي واهڙ پاڻين وڪڙي.“
(شاهه: سهڻي)

”لکيو جو نراڙ، سو انگ ڪياڙيءَ نه ٽني.“
(شاهه: سهڻي)

”گهوڙن ۽ گهوٽن حسن ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪرڻن، ڪڏهن واهي رڻ جا.
(شاهه: ڪيڏارو)

”ٻاليءَ متي جهوپڙا، مورک اچ مرن.“
(شاهه: مستي)

”مري جيءَ تم مائين، جانب جو جمال.“
(شاهه: معذوري)

”مرڻان اڳي جي مئا، سي مري ٿين نه مات،
هوندا سي حيات، جيئان اڳي جي جيا.“
(شاهه: معذوري)

”منهنجو وس واڪا، ٻڏڻ ڪم ٻروچ جو.“
(شاهه: ديسي)

"هتان تو ٻيئي، ٿي ڪڇو ڪيچين ڪي ڪرين."
(شاهہ: ڪوهياري)
"تتيءَ ٿڌيءَ هل، ڪانهي ويل وهڻ جي."
(شاهہ: حسيني)
"ٻڌڻ واريون ٻڌريون، ڳاڙها ڳل مندن،
ٻيون هنئينين هٿ هڻن، رُئنديون رڻ واريون."
(شاهہ: حسيني)
"ڏُک تنهين کي ڏِک، حب جنهين کي هوت جي."
(شاهہ: حسيني)
"ٻاٿهي ايندئي هوت، تون ٻڻ ٿيج اڳيري."
(شاهہ: حسيني)
ڏک سکن جي سونهن، کهوريا سک ڏکن ري."
(شاهہ: حسيني)
"سهکو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين."
(شاهہ: بروو)
"ڪوڏر ۽ ڪاني، آهي سر سڱنهين."
(شاهہ: بروو)
"سي چلولا چئجن، جي در در لائين دوستي."
(شاهہ: بروو)
"ڳنڍي ۽ ڳراهہ جن مناسين ٻانڌيو،
انهن ڪان الله، اچا آڳاهون ٿيو."
(شاهہ: رامڪلي)
"جڻ سي ڪوهيءَ نارَ، وهن واريءَ ڳاڏئان،
هنڙو پريان ڏار، نيبريانس نہ نبري."
(شاهہ: رپ)

"ڪڏهن ٻاڙهو ڪهوٽ، ڪڏهن مڙهه مقام ۾،
سندو واريءَ ڪوٽ، اڏي اڏيندين ڪيترو."
(شاهه: ڏهر)

"ذات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي."
(شاهه: پرڀاتي)

"پرين نه اکڙين ۾، ڏيٺون نه حاضر جن،
سي هٿين جاڙ جين، للها لالا سڪنا."
(شاهه: آسا)

"ڪر جا ڪڏ ڪنئي، ڀون ڪارڻ پرينءَ جي،
تنهن ۾ پاڻ پسني، غيبتي غار ٿيو."
(شاهه: آسا)

"جو حسن سند وحق، سو ڪور پروڙي ڪينڪي."
(شاهه: آسا)

"منهن ۾ مسلمان، اندر آزر آهنين."
(شاهه: آسا)

"هوءَ جي حق ڀڃن، سي ڪين سٽيون سوسرا."
(شاهه: مارئي)

"ويا سور سري، هنجهه نه رهيو هيڪڙو،
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانيرن جو."
(شاهه: ڪارايل)

"سنها پاڻهه مٿ سپ، ويساءَ واسينگن جا،
جنهين جي جهڙپ، هاتي هنڌان ئي نه چري."
(شاهه: ڪارايل)

"سور ۽ مارو ابر ۾ لولين ڪين لڏو،
انڌي ساڻ انڌو، پسي پيا ڏڏ ۾."
(سچل: آسا)

"سون ۽ آهين تون، تو ۾ آهيان مان،
بجلي بادل سان، آهي جئن سهرين."

(سچل: سارنگ)

"پانياريءَ سر پڙو، جر تي پکي جيئن،
اسان پرين تيئن، رهيو آهي روح ۾."

(شاهه ڪريم)

١٦. جملو تضميني. جملو تضميني انهيءَ جملي کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪنهن ٻئي جي قول يا ڪلام کي تائيد، سَنَد يا حوالي طور شامل ڪيو ويو هجي، مثلاً:

'تصوف کي دنيا ۾ غلط رنگ ڏنو ويو آهي، حالانڪ "هر صوفي فقيه آهي، مگر هر فقيه صوفي ناهي."'

مٿئين جملي ۾ "هر صوفي فقيه آهي، مگر هر فقيه صوفي ناهي" سچل سرمست جو قول آهي، جو جملي ۾ حوالي طور شامل ڪيو ويو آهي.

جملي جي تضميني صورت گهڻو ڪري شعر ۾ نظر ايندي آهي.

جملي تضمينيءَ جا مثال:

"عاشقن الله جي، سدا وائي وات،
"فاذڪروني اذڪرڪم" تن ۾ اها تات."

(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"گهڙو ڀڳو ته گهوريو، آسرو -م- لاهيج،
"لاتقنطوا من رحمة الله" ترهي ان تريج."

(شاهه، سهڻي)

"ساهڙ جا سينگار، مون اڻ ڏٺا اکين سان،
نه ڪا "ڪُن فيڪون" هئي، نه ڪا ٻي ٻچار."

(شاهه، سهڻي)

”واذ ڪر ربڪ في نفسڪ“، اندر آگ جلاءِ.“
(شاهه: رامڪلي)
”الانسان سري و انا سره“، ٻروڙج ٻچار،
ڪندا ويا تنوار، عالم عارف اهڙي.“
(شاهه، آسا)
”ڪل شيءِ يرجع الي اصله“، تي جوڇان جهانگين ڪاڻ.“
(شاهه، مارئي)

١٧. جملو تلميحي - جملو تلميحي انهيءَ جملي کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪنهن خاص ڳالهه، قصي يا تاريخي واقعي ڏانهن اشارو ڏنل هجي، مثلاً:

ابتدا کان ولي مٺي ۽ ٻاهه جو ٻاڻ ۾ جهيڙو هلندو رهيو آهي.

*

حضرت يوسف عليه‌السلام نه کوهه ۾ پيو ها نه مصر جو عزيز بڻجي ها.

*

ميرن کي گهران نه لڳي ها ته سنڌ غلام نه ٿئي ها.
مٿين مثالن ۾ گذريل واقعن ڏانهن اشارو ڪيل آهي.
جملي تلميحيءَ جا مثال:
”اکيون منهن ميهار ڏي، جن رکيون جوڙي،
ريءَ سنڌ سيد چئي، تار گهرن توڙي،
تنهن کي ٻوڙي، سانر سگهي ڪينڪي.“
(شاهه، سهڻي)
”ڪامل ڪربلا ۾، آيا جنگ جوان،
ڏرتي ڏٻي، ٿرٿليا لرزيا آسمان،
ڪرهه هئي ڪانهه، هو نظارو نينهن جو.“
(شاهه، ڪيڏارو)

"وڃين ڇو ونڪار، هت نه ڳولئين هوت کي،
لڪو ڪين لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار،
لانئي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو."
(شاهه: سسئي)

"سانيڻن سوير، آئي اٺ جهڪائيا،
هئن نه ڀانيم جيڏيون، ته ڏاڍي ڪندا ڏير،
ائيس آءُ اوير، ڪري سج سنجهي ويا."
(شاهه: ديسي)

"ڪهوڙن هنئي سڪا، آلن هنئي آنءُ،
جا نينهن ڳنهندي نانءُ، سا مون جئن ٻوندي ماسري."
(شاهه: حسيني)

"پرديسان پنڌ ڪري، هاڻي آهو هيءُ،
سال نه مڳي مڱڻو، جاچڪ ڳهري جيءُ."
(شاهه: سورٺ)

"ايءُ نه مارن ريت، جئن سيڻ مٽائن سون تي،
اچي عمرڪوٽ ۾ ڪندس ڪانه ڪُريت،
ڀڪن جي پريت، ماڙيءَ سين نه مٽيان."
(شاهه: مارئي)

"ڪند جن جي ڪوڏ ۾ پاپوڙا پوشاڪ،
انهن جي اوطاق، راجا ريجهي آئيو."
(شاهه: ڪاموڏ)

"ٻانهن جو ٻروچ سان، اصل آهي ٻول،
'قالوا' سندو قول، ٻيئر ڪين ٻلايان."
(سچل: ڪوهياري)

"ويم نڪري قافلو، آءُ پٺ ڪٽان پير،
ڏک ڏني ويا ڏير، من ٻاروچل ٻاجهه ڪري."
(سچل: ڪوهياري)

”پارس لڳي سون ٿيون، لوهائيون لوڙيون،
ڪوجهن منجهان سهڻيون، ٿيون جهٽ پٽ جهيڙيون،
تماچيءَ تيريون، ڪينجهر جون ڪنيون ڪٿي.“
(سچل: ڪليان)

”سٺن هن سائل جي، ڪيو هاتڪ کي حيران،
هيرا موتي موتيا، ڏاهو وڌي نه دان،
مڱتو مهمان، سدا سوالي سر جو.“
(سچل: سورٺ)

”ابائن جا ڏنـي، سا اوني ڏنڌ نه لاهيان،
ڪندس ڪين ڪني، ڪٿي ويندس ويڙهه ڏي.“
(سچل: ڪنيات)

١٨٠ جملو مدلل- اهو جملو، جنهن ۾ بيان ڪيل ڳالهه جي تائيد ۾ ڪو اثرائتو دليل ڏنل هجي، تنهن کي جملو مدلل يا مصدق چئبو آهي، مثلاً:

علم واري ماڻهوءَ کي نئون ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ميويدار ڏاري هميشه نميل هوندي آهي.

مٿين جملي جي پوئين ڀاڱي ۾ اڳين ڳالهه جي تائيد ۾ دليل ڏنو ويو آهي.

جملي مدلل جا مثال:

دوستي ڇني سا ڇني، ڀڳو شيشو وري سڄو نه ٿئي.

*

تون هرو ڀرو ٿو پڌائين، لياقت هوندس ته پاڻيهي ظاهر ٿيندي، سچ ترڪيءَ هيٺان نه لڪندو.

*

جو دنيا ۾ حاصل ڪرڻ گهري ٿو ۽ دين ۾، ته ڪمس نه هيءَ هٿ ايندي نه هوءَ پيٺي گدرا مٺ ۾ نه ايندا.

”تــهِ جنين جي تــات، تن ٻــڻ آهــي تنهنجي،
فاذڪروني اذڪرڪم، ايءُ پــروڙج ٻــات.“
(شاهه: ڪلياڻ)

”ڪين مــائيــنــدا مــن ۾ خــودي ۽ خـــداءِ،
ٻــن ترارين جـــاءِ، ڪا آهــي هيڪ ميـــاڻ ۾؟
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

”هـــوت تنهنجي هنج ۾، ٻچين ڪوهه ٻـــهـــي،
و في انفسڪم افــلا تبصرون، سوجهي ڪر سهي.“
(شاهه: سسئي)

”ڪتو ڪرني هــڏيــون، جوانمرد جگر کاءِ،
الدنيا جيفة و طالبها ڪلاب، ايءُ هنئين ســن لاءِ.“
(شاهه: معذوري)

”عمر اچــا ڪــپــڙا ڪاڻيار ٻون ڪيئن ڪن،
هنوءِ جي حق پچن، سي ڪيئن ستيون سومرا.“
(شاهه: مارئي)

١٩. جملو معترضه - اهــو جملو، جنهن ۾ ڪو ٻــيــو زائد جملو، جو وچ ۾ شامل ڪيو ويو هجي ۽ بيان جي سلسلي کي قطع ڪندڙ هجي يا ان ۾ خلل پيدا ڪندڙ هجي، تنهن کي جملو معترضه چئبو آهي، مثلاً:

شاهه عبداللطيف ڀٽائي، الله مٿس رحمت ڪري، هڪ اعليٰ درجي جو شاعر ۽ صوفي ٿي گذريو آهي.

*

پنهنجو، ڏٺي شل ڏينهن ڏيس، هڪ سليڙو ۽ سدورو ٻار آهي.

*

الله جي عذاب جا ڪيئي مختلف قسم آهن، نعوذ بالله منها، جي انسان جي ڪڏن ڪرتوتن جي ڪري مٿس نازل ٿين ٿا.

مٿين جملن ۾ 'الله مٿس رحمت ڪري'، ڏاڍي ڏکيا ڏينهن ڏٺيس، ۽ 'نعوذ بالله منها' زائد جملا آهن، جي مکيه جملن جي وچ ۾ بيان کي وڌ ئڻ خاطر آندا ويا آهن، تنهنڪري اهڙي قسم جي جملن کي جملو معترضه چئبو آهي. معترضه جي معنيٰ آهي روڪيندڙ يا خلل پيدا ڪندڙ.

۱۸- جملي ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ انهن جي اهميت.

جملي ۾ جي لفظ استعمال ٿي سگهن ٿا، تن جي الڳ الڳ تعريف ۽ ترڪيب اڳ ۾ بيان ڪيل آهي، هتي انهن جي بيهڪ ۽ باهمي لاڳاپو بيان ڪجي ٿو.

اسم جملي جو هڪ اهم جزو آهي، جنهن کانسواءِ جملو اڪثر اڻپورو هوندو آهي، مثلاً:

ٻيڙي پاڻيءَ تي ترندي آهي.

*

سج زمين ۾ گرمي پهچائي ٿو.

*

اتاهن جبلن تي برف پوندي آهي.

مٿين جملن ۾ ٻيڙي، پاڻي، سج، زمين، گرمي، جبلن ۽ برف اسم آهن، جي مختلف صورتن ۾ بيٺل آهن، انهن کي جيڪڏهن جملن مان ڪڍي ڇڏبو ته باقي لفظن کي نه جملو چئي سگهبو ۽ نه انهن مان ڪو مطلب نڪري سگهندو.

نوٽ: عربيءَ ۾ جملي کي ٻن قسمن ۾ ورهايو ويندو آهي،

۱. **جملو خبريه** - جنهن ۾ عام بياني، اثباتي ۽ سلبي (انڪاري) جملا اچي وڃن ٿا.

۲. **جملو انشائيه** - جنهن جا جدا جدا قسم آهن، جهڙوڪ امر ۽ نهيءَ وارا جملا، استفهاميه، دعائيه، تمنائيه، ندائيه، تنبيهه وغيره، جن جو بيان مٿي ڏنو ويو آهي.

اسم جي صورت معرفه يعني خاص هوندي آهي يا نڪره يعني عام. سنڌيءَ ۾ سنسڪرت وانگر معرفه جي ڪا خاص علامت استعمال نہ ٿيندي آهي، جنھنڪري اسم مان ٻئي معنائون ولي سگھجن ٿيون، مثلاً 'گھر' اسم آهي، جنھن مان مراد آهي ڪو گھر. عام طرح اسم خاص يا عام جي سڃاڻپ جملي ۾ ڏنل حوالي مان معلوم ٿيندي آهي، جنھن ڪي هيٺين ٽن نمونن ۾ پروڙي سگھجي ٿو:

١. ڪن اسمن جي صورت ازخود معرفه واري هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن جو اشارو ڪنهن هڪ خاص اسم ڏانهن هوندو آهي، جن جو ثاني نہ هوندو آهي، مثلاً:

سج، چنڊ، آب، ڌرتي وغيره.

٢. ڪو اسم، جيڪڏهن ٻئي اسم سان منسوب ٿي جملي ۾ واقع ٿيندو، تہ ان مان معرفه جي معني نڪرندي، مثلاً:

شام ولايت، هماليه جبل، سنڌو ندي، يورپ کنڊ، ڪينجهر ڍنڍ، مسلمان قوم، عربي ٻولي وغيره.

٣. اسم کي نڪره يا عام بڻائڻ لاءِ ان جي اڳيان صفت عدديءَ جو لفظ 'هڪڙو' يا ضميري صفت جو لفظ 'ڪو' آڻبو آهي، مثلاً:

هڪڙو ماڻهو، ڪو ملڪ وغيره.

استعمال:

سج تـوڙي **چنڊ** پنهنجي پنهنجي دائري ۾ هميشه گردش ۾ هوندو آهي.

آسمان ۽ **زمين** جي تخليق الله جي قدرت جو هڪ عظيم ۽ بي‌مثال ڪارنامو آهي.

هڪڙو(١) سيلاني فقير پنڌ ڪندي ڪندي ڪنهن ڏورانهين ڏيهه تي وڃي نڪتو.

اسم جي جنس.

عام طرح جنس جي تخصيص فقط جاندار شين ۾ هوندي آهي، جنس مذڪر جو اطلاق مذڪر يا نر شين سان ۽ جنس مؤنث جو اطلاق مؤنث يا مادي شين سان ٿيندو آهي، پر ڇاڪاڻ ته جملي ۾ اسم جي جنس جي سڃاڻپ سندس واسطيدار فعل مان پوندي آهي ۽ فعل جو صيغو يا مذڪر وارو هوندو آهي يا مؤنث وارو، بهرحال فعل جو اطلاق هر قسم جي اسم مان هوندو آهي، اگرچه ان ۾ جنسي فرق هجي يا نه، تنهنڪري لازمي طرح بي جان شين ۾ به مذڪر ۽ مؤنث جي تفريق ڪئي ويندي آهي، جيئن هيٺين مثالن مان ظاهر آهي، حالانڪ انهن شين جي جنس کي جنس بي جان يا غير ذي روح به سڏيو وڃي ٿو.

	جنس مذڪر	جنس مؤنث
جاندار:	ڇوڪرو، مڙد، گهوڙو	ڇوڪري، عورت، گهوڙي
ٻنهي جنسن واريون يا جنس عام واريون جاندار شيون:	ٻار، آدمي، جانور	ٻلا، پتَر، قوم
بي جان يا غير ذي روح شيون:	پٿر، جبل، وڻ	سيرُ، ٻيٽ، جاءِ
اسم ذات واريون يا صفاتي شيون:	خيال، رايو، عقل	راهه، ڳالهه، وائي

(١) 'هڪڙو' اگرچه واحد جو صيغو آهي، پر بعضي ان جي جمع واري صورت به استعمال ٿيندي آهي، مثلاً: هڪڙا اهڙا به ماڻهو هوندا آهن، جي پاڻ کي ڏکيو رکي ٻين کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

مٿين بي جان يا صفاتي شين جي مثالن ۾ ڏسبو ته انهن ۾ جنسي وصف موجود ڪانهي، تنهن هوندي به چاڪاڻ ته انهن سان لازمي طرح فعل مذڪر يا مؤنث وارو لڳي ٿو، تنهنڪري انهن سان به جنس جو قانون لاڳو ٿئي ٿو.

ڪي اسم اهڙا آهن، جن سان فقط جنس مؤنث لڳي سگهندي آهي، انهن جو مذڪر صيغو استعمال نه ٿيندو آهي، مثلاً:

پَتَرَ، سَندِي، سٿا، وَڏوَرَ وغيره.

ساڳي طرح ڪي اسم اهڙا هوندا آهن، جن سان فقط جنس مذڪر لڳندي آهي، انهن جو مؤنث جو صيغو استعمال نه ٿيندو آهي، مثلاً:

خدا، نبي، رسول، فرشتو، شيطان، آدم، آدمي، ڪدڙو وغيره.

اسم جو عدد.

اڳ بيان ڪيو ويو آهي، ته سنڌيءَ ۾ اسم جو عدد ٻن قسمن جو ٿيندو آهي: واحد ۽ جمع، البت عربيءَ سان گهري نسبت جي ڪري بعضي تثنيه جو استعمال به ٿيندو آهي. عدد بابت ڪي خاص ڳالهيون هيٺ ڏجن ٿيون:

١. اسم جو عدد جيڪڏهن واحد هوندو ته ان سان فعل به واحد جو لڳندو ۽ جي ان جو عدد تثنيه يا جمع هوندو ته ان سان فعل جمع وارو لڳندو، مثلاً:

بادشاهه جي سر تي ته سلطاني تاج هوندو آهي، پر هن جي دل ۽ دماغ تي فڪر ۽ ڳڻتين جا ڪڪر ڇانيل هوندا آهن.

*

جنهن انسان ڪان سندس والدين خوش آهن، ته انهيءَ تي الله به راضي هوندو آهي.

مٿين جملن ۾ 'سلطاني تاج' ۽ 'الله' ٻنهي اسمن جو عدد واحد آهي، تنهنڪري انهن جي فعل 'هوندو آهي' جو

صيغو ٻه واحد آهي ۽ 'ڪڪر' ۽ 'والدين'، جن جو عدد، جدا جدا، جمع ۽ تثنيه آهي، انهن سان لاڳاپو رکندڙ فعل 'هوندا آهن' ۽ 'آهن' به جمع ۾ استعمال ٿيل آهن.

ب- جملي ۾ جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ اسم، فاعل يا مفعول جي صورت ۾ موجود هوندا ۽ اهي حرف عطف '۽' سان پاڻ ۾ ڳنڍيل هوندا، ته انهن جو واسطيدار فعل جمع ۾ رهندو ۽ پر جي اهي حرف عطف استدراڪي 'يا' يا 'ڪِ' وغيره جي ڪري هڪ ٻئي کان جدا ٿيل هوندا، ته جملي ۾ فعل واحد جو استعمال ٿيندو، مثلاً:

ڏڳي گاڏي، موٽرڪار، ريل ۽ جهاز، اهي سڀ سفر جا وسيلا آهن.

*

انسان هجي يا جانور، پکي هجي يا جيت، هرهڪ الله جي عبادت جو پابند آهي.

ت- عربي ٻوليءَ جا غير قياسي يا بي قاعدي جمع جا صيغا سنڌيءَ ۾ گهڻو ڪري اسم جمع ٿي ڪم ايندا آهن، جن سان فعل واحد جو لڳندو آهي، مثلاً:

احوال، اخلاق، ارواح، اسرار، اشراف، اصول، اولاد وغيره.

استعمال:

ڪيترا ڏينهن گذري ويا آهن، مگر اڃا تائين ڪو احوال ڪونه آيو آهي.

*

سٺو اخلاق ئي انسان جو سرمايو آهي.

*

منهنجو ارواح ٺٺو ڪيئي، ته ٻيهر هن جي در تي ويهان.

*

خبر ناهي ته هن جاءِ ۾ ڪهڙو اسرار آهي، جو ايامن کان منجهس ڪوبه نٿو رهي.

*

اشراف، چاهي، دنيا جي ڏکن ۽ تڪليفن ۾ مبتلا ڇو نه هجي، تڏهن به هر عقلمند ماڻهو سندس قدر ڪندو آهي.

*

جنهن ماڻهوءَ جو اصول صحيح ۽ عمل جوڳو هوندو آهي، سو ضمير جي ملامت کان آجو هوندو آهي.

*

بعضي ڇگن جو اولاد به ڪري پوندو آهي.

*

مٿي ڄاڻايل اسم جمع جا لفظ ڪڏهن جمع جو فعل به اختيار ڪندا آهن، مثلاً:

ٻي گهر ۽ دربدر ٿيل ماڻهن جا احوال ڪهڙا نه ڏکوئيندڙ هوندا آهن.

*

استاد جا اخلاق ڇگا هوندا، ته شاگردن تي پڻ ڇگو اثر پوندو.

*

دنيا ۾ انسانن کان اڳ ارواح پيدا ڪيا ويا هئا.

*

قدرت جا اسرار انسانن کي معلوم نه هوندا آهن، اهي فقط قدرت ئي ڄاڻندي آهي.

*

دنيا ۾ اشراف ٿورا هوندا آهن.

*

صحت کي قائم رکڻ لاءِ به اصول هوندا آهن.

*

تونگر هجن يا مسڪين، ڏاڍا هجن يا هيڻا، سهڻا هجن يا ڪوجها، سڀ هڪ ئي آدم جو اولاد آهن.

ث- ڪن اسمن جي اڳيان، اگرچه جمع جو عدد استعمال ٿيندو آهي، تڏهن به انهن جو صيغو واحد جو رهندو آهي، مثلاً:

اٺ سؤ، پنج آب، چار ديوار، ست ماڙ، صد بار وغيره.

ج- سنڌيءَ ۾ ادب ۽ احترام خاطر واحد اسم سان جمع جو فعل استعمال ڪبو آهي، يا وري واحد اسم کي خود جمع جي صورت ۾ آڻي استعمال ڪبو آهي، مثلاً:

پرين اگهه اچن، ته منهنجي لاءِ عيد ٿئي.

*

شاهه صاحب جن اڪثر سفر ۾ رهندا هئا.

*

سائينجن، جيئن فرمائيندا، تيئن حڪم جي تعميل ٿيندي.

اهڙي طرح، ضمير حاضر ۾ به جمع جو فعل استعمال ڪبو آهي، اگرچه مخاطب شخص خود واحد ۾ هوندو آهي، مثلاً:

اوهان ڀلي ڪري آيا، اوهان اچو ٿا، ته اسان جي دل بهار ٿئي ٿي.

ح- ڪي اسم جڏهن جمع جي صورت ۾ استعمال ٿيندا آهن، ته انهن جي معنيٰ ۽ اطلاق ۾ ڦيرو اچي ويندو آهي، مثلاً:

واحد اسم	جمع اسم
انگ=عضوو، بدن، قسمت، لکيو	انگ=عدد
ڀاڻ=چوپائي مال جو فضلو يا خارج ڪيل مادو، جو کيتن ۽ ٻنين ۾ استعمال ٿيندو آهي.	ڀاڻ=وٿاڻ، جايون، گهر

داڻو=ڪڻو، رزق، آنُ — داڻا=ڪجهہ انداز يا تعداد

سببُ=ڪارڻ — اسباب=ساز سامان

لوھَہ=ھڪ ڌاتوءَ جو قسم، قابو، مضبوط — لوھَہ=ٻيڙيون، زنجيرون، ٻيڙ

موڙُ=وَرُ، وراڪو — موڙَ=ڳانا

استعمال:

جمع اسم	واحد اسم
گھڻي وقت گذرڻ ڪري يادگار ٻڌرن تان انڪ اکر ڊھي ويا آھن.	جن جو انڱ اگھاڙو ۽ پيٽ بکيو ھجي، تن جي مدد ڪرڻ گھرجي.
	*
	انسان جي انگ ۾ جو ھوندو اوس ٿيندو.
	*
”اڳھين منھنجي انگ، جڙيو ھو زنجير“ (شاھہ: مارئي)	
ٻاڳوندن جا ٻاڻَ سدائين ٻرپل ھوندا آھن.	وٽاڻ جو ٻاڻُ پوک لاءِ نھايت ڪمائتو آھي.
*	
مينھون ٻتاريون ۽ ڍور ڍڳا سڄو ڏينھن چري شام جو پنھنجن ٻاڻن تي موٽي ايندا آھن.	
گھڻو سال تہ نيڪال ٿي ويو آھي، بس ڪي داڻا ڪڻا پيا ھوندا.	جيستائين انسان جو داڻو پاڻي دنيا ۾ آھي، تيستائين پيو جيئندو.
*	*
”دارونءَ جا داڻا، ڏنم ھوت ھٿن سين.“ (شاھہ: ڪوھياري)	پوک چڱي ٿي آھي، تيلن ھاڻي ٿي داڻو جھليو آھي.

پيٽ جي بيماريءَ جو سبب بد پرهيزي آهي.

*

”جڏهن سانئينءَ سبب ڪيو، تڏهن سٽ ٿيا سيد چئي.“ (شاهه: سامونڊي)

دنيا جو مال اسباب انسان کي مغرور بڻائي ٿو.

*

”ٻر ۾ ٻچيائون، عشق جي اسباب ڪي. (شاهه: ڪلياڻ)

لوهه هڪ قيمتي ڌاتو آهي، جو ڪنهن به ملڪ کي طاقتور بڻائي سگهي ٿو.

*

پٿر پوڻ جي ڪري رستو لوهه ٿي ويو آهي.

”ڳچيءَ ڳانا لوهه جا، زيرون ۽ زنجير.“ (شاهه: مارئي)

”تيي ڪندين ڪوهه، ڏونگر ڏکوين کي، تون جي ٻهڻ ٻپ جا، ته لڳ منهنجا لوهه.
(شاهه: ڪوهياري)

جنهن انسان کي آزاد رهڻ جي خواهش ۽ قوت آهي، تنهن کي لوهه نه جهليندا.

*

”ويندس ويڙيچن ڏي، لوهه ٻڇي لوہي.“ (شاهه: مارئي)

”لهي لوهه پيام، لطف سان لطيف چئي. (شاهه: مارئي)

رستي ۾ موڙ اچي، ته گاڏيءَ جي رفتار جهڪي ڪجي.

شاديءَ ۾ گهوٽ کي ۽ ميلي ۾ گهوڙن ۽ اٺن کي موڙ ٻڌندا آهن.

خ- ڪي اسم فقط جمع جي صيغي ۾ استعمال ٿيندا آهن، انهن جو واحد جو صيغو استعمال نه ٿيندو آهي، مثلاً:

ٽريون، پٽون، ڇڻسا، ڏائيون، ڪتيون، ڪنهر، ستڻون وغيره.

استعمال:

گدلائيءَ کان **جَهَڙن** ۾ جيئون پونديون آهن.

*

ڪي مسافر سفر ۾ پاڻ سان **سَتَرُون** کڻندا آهن.

*

"تارا **ڪتيون** تائب ٿيا، ڏيکيندي دلبر."
(شاهه: ڪنڀات)

"**ڪتيُن** ڪر موڙيا، نيڙو آيا نيٺ."
(شاهه: مومل راڻو)

"ڏونگر ڏوراپو، ڀڃين چونديس ڀرهڻ ڪي،
تہ ڀهڻ ڀر **ڀلُون** ڪيا، تريون چنيون تو."
(شاهه: ڪوهياري)

"وهائينديون سي آهون، ٿڻن مان **ٽريون**."
(سچل: سارنگ)

اسم جو مقام- جملي ۾ اسم جي مقام يا بيهڪ جون پنج صورتون آهن:

١. فاعلي صورت
٢. مفعولي صورت
٣. جري صورت
٤. اضافي صورت
٥. ندائي صورت

١. فاعلي صورت- اسم جي حيثيت جڏهن فاعل واري هوندي آهي، تہ جملي جي شروعات ڪندو آهي، پر نزاڪت ۽ موقعي جي لحاظ کان جملي ۾ ڪٿي بہ پنهنجو مقام اختيار ڪري سگهي ٿو. البت پنهنجي فعل کي هميشه اڳيان ايندو آهي. شعر ۾ تہ سندس ڪا جاءِ مقرر ڪانهي، ايتري قدر جو، ڪڏهن سندس فعل بہ کانئس اڳ اچي ويندو آهي.

هيٺين جملن ۽ مثالن ۾ اسم جا، فاعل جي حيثيت ۾، اختيار ڪيل مختلف مقام يا ٻيهڻ جا هنڌ ڏيکاريا ويا آهن:

آٿ رڻپٽن، بيابانن ۽ پهاڙي علائقن ۾ ڪم ايندو آهي.

*

شڪار ڪندي ڪندي، **باد شاهه** ڪنهن ڏارئي ملڪ ۾ وڃي نڪتو.

*

سنڌ جي شاعرن جو سرتاج، **شاهه عبداللطيف ڀٽائي** آهي.

*

پاتار ۾ سپون سوجهڻ وارا هوندا آهن **غواص يا ٽوٻا.**

*

"ڏائي چڙهي ڏار تي تو **زاغ** ڪري زاريون."
(شاهه: پورب)

"انهن جي اوطاق، **راجا** ريجهي آئيو."
(شاهه: ڪاموڏ)

"سرهو سر وڃائيو ڪوڙن **ڪانئرن**،
رٺا روهه وڃن، ڪنهن هيٺائيءَ ڪان **هنجهڙا**."
(شاهه: ڪارايل)

"پورب پنڌ نه ڪن ڪنهن ويلي **ڪاپڙي**."
(سچل: جوڳ)

فاعل سان گڏ جيڪڏهن ٻيو اسم يا ضمير صفاتي يا اضافي حيثيت ۾ استعمال ٿيندو، تہ اهو بہ فاعل جو حصو سمجهيو ويندو ۽ ان جي صورت بہ فاعلي ٿيندي، مثلاً:

ڪراچي بندر، اڪبر باد شاهه، رمضان مهينو، ونجهه وٽي راند وغيره.

استعمال:

ڪراچي بندر هڪ ڏيهان ڏيهي واپار جو مرڪز آهي.

*

اڪبر بادشاهه عمرڪوٽ ۾ ڄائو هو.

*

رمضان مهينو مسلمانن جي لاءِ نهايت مبارڪ ۽ مقدس آهي.

*

ونجهه وليءَ راند گهوڙن ۾ مقبول آهي.

"پنڌي پرڏيهه ۾، تن سوڍين ٿئي شرم."

(شاهه: سارنگ)

"ڏاڍو محرم ماهه، سونڪو شهزادن ٿيو."

(شاهه: ڪيڏارو)

"سدا ساڻوڻ ڏيهڙا، هنئين نه هوندا."

(شاهه: سهڻي)

"تان جي ملير ڄائيون، توسين سگ نه ڪن."

(شاهه: مارئي)

"مون ڪي ڪيو ماهه، ڄوڇڪ ڏيءَ چريو."

(سچل: ڪاريهر)

"آسروند آهين، روحهون رائهون رڻ ۾."

(سچل: پهاڙي)

"ڪاهڙي ڪن ڦاڙ، آيل، اڄ لنگهي ويا."

(سچل: جوڳ)

تعداد ظاهر ڪندڙ يا پيا صفت وارا لفظ پڻ فاعل سان گڏ فاعلي صورت ۾ بيهي سگهن ٿا، مثلاً:

هزارَ ماڻهو، ڍير مڇيون، ڪوڙ شيون وغيره.

استعمال:

تلاءَ ۾ **ڍير مڇيون** ميون پيون هيون.

*

حج جي موقعي تي **لک ماڻهو** جمع ٿيندا آهن.

*

ٻنهي ڌرين جو **ڪوڙ لشڪر** اچي گڏ ٿيو.

سنڌيءَ ۾ جملي ۾ هڪ کان وڌيڪ اسم، فاعل جي حيثيت ۾ استعمال ٿي سگهن ٿا، پر اهي جملي کي هرو ڀرو ڊگهو ڪندا آهن، تنهنڪري ان کي مختصر ڪرڻ لاءِ هڪ کانسواءِ ٻين اسمن کي ضمير يا ضميري صفت جي صورت ۾ آندو آهي، مثلاً:

ٻاهر ۾ گهر جو **ان پاڻي، هلڪ ٽپڙ، ڍور ڍڳا، ڳهڻا ۽ پيسا ڏوڪڙ** سڀ خاڪ ٿي ويا.

مٿين جملي ۾ هڪ کان وڌيڪ فاعل استعمال ٿيل آهن، جن کي گهٽائڻ ۽ جملي کي مختصر ڪرڻ لاءِ ان جي ترتيب هن طرح ڪري سگهجي ٿي.

باهه ۾ **ان پاڻي ۽ ٻيو سڀڪجهه** سڙي خاڪ ٿي ويو.

ٻوليءَ جي خوبي انهيءَ ۾ آهي، ته لکڻ ۾ جملن کي اجايو ڊگهو نه ڪجي. سٺو ڪلام اهو ليکبو آهي، جو مختصر يا مجمل هجي.

مختصر جملن جا ٻيا مثال:

گندگيءَ جي ڪري **ڊسينٽري ۽ ٻيون بيماريون** پيدا ٿين ٿيون.

*

ڏڪار ۽ بيماريءَ ۾ **ماڻهو ۽ ڪيترا جانور** مري ويا.

*

زلزلي ۾ شهرن جا شهر ناس ٿي ويا.

٢. **مفعولي صورت**- جملي ۾ مفعول، اصول مطابق، فاعل کانپوءِ ۽ فعل کان اڳ واقع ٿيندو آهي. البت معنيٰ جي مناسبت سان يا تاڪيد خاطر فاعل کان اڳي به اچي سگهي ٿو، پر شعر ۾ فاعل وانگر ڪٿي به مقام حاصل ڪري سگهي ٿو.

مفعول جو استعمال هيٺ ڏجي ٿو.

هاري **هر** ڪاهيندو آهي ۽ ٻنيءَ ۾ **ٻج** ڇٽيندو آهي.

*

ڪچ ٺاهڻ لاءِ **واري** ۽ **چُن** ملائيندا آهن.

*

تاج محل شاهجهان جوڙايو هو.

*

"**مالها** ڦيرج من ۾، ڏڄ ڪي **ڏوڙ** مَ لاءِ."

(شاهه، رامڪلي)

"کاهوڙين خفيءَ کان سوجهي لڌو **سبحان**."

(شاهه، کاهوڙي)

"**مڙيو** وڃهان مڇ ۾، هانيءَ هڻان **هار**."

(شاهه، ليلان چنيسر)

فاعلي صورت وانگر مفعولي صورت ۾ به جملي ۾ مفعولن جي تعداد گهٽائڻ لاءِ اختصار کان ڪم وٺي سگهجي ٿو.

جملي ۾ ڪڏهن مفعول لفظ جي پٺيان حرف جر 'کي' به استعمال ٿيندو آهي. ان حالت ۾ جملي جو مفهوم ته ساڳيو رهندو آهي، پر ان جو ٻربرڪ مٿجي پاوي ٿي پوندو آهي، مثلاً:

جوڳيءَ مرليءَ جي آواز تي ڪاريهر نانگ کي ڦاسايو.

مفعول سان حرف جر 'کي' هيٺين سببن جي ڪري لڳائبو آهي.

١. جڏهن ڪنهن فعل يا ڪم جي ڪرڻ ۾ احتياط، ارادي يا ڪوشش جو دخل هوندو آهي.

مثال طور ڪي ساڳي قسم جا جملا هيٺ ڏجن ٿا، جن مان هڪ ۾ مفعول جي پٺيان 'کي' حرف جر استعمال ڪيو ويو آهي:

مالهيءَ نانگ ماريو.	مالهيءَ نانگ کي ماريو.
چوڪيدار چور ڀڄائي ڇڏيو.	چوڪيدار چور کي ڀڄائي ڇڏيو.
ڇوڪري ڪرسي ڀڃي ڇڏي.	ڇوڪري ڪرسيءَ کي ڀڃي ڇڏيو.
اٺ ماڻهو ماري ڇڏيو.	اٺ ماڻهوءَ کي ماري ڇڏيو.
نوڪر طوطو اڏائي ڇڏيو.	نوڪر طوطي کي اڏائي ڇڏيو.

مٿين جملن بابت غور ڪبو ته محسوس ٿيندو، ته پهرئين قسم جي جملن ۾ جنهن ڪم جو ٿيڻ ڏيکاريو ويو آهي، ممڪن آهي ته اهو ڪنهن اتفاق سبب ٿيو هجي، پر ٻئي قسم جي جملن ۾ يقيناً ارادي يا ڪوشش جو عمل دخل ڏسجي ٿو.

٢. جملي ۾ فعل جو واسطو، جيڪڏهن هڪ ئي وقت لازمي طرح ٻن مفعولن سان هوندو آهي، ته هڪ جي پٺيان 'کي' حرف جر استعمال ڪبو آهي، مثلاً:

منهنجي دوست مهمانن کي ماني کارائي.

*

شاديءَ جي دعوت ۾ آيل مهمانن گهوٽ کي هار وڌا.

*

استاد ٻارن کي سبق پاڙهي ٿو.

مٿين جملن ۾ 'مهمان' ۽ 'ماني'، 'گهوڙ' ۽ 'هار' ۽ 'ٻار' ۽ 'سبق' ٻه ٻه مفعول آهن، جي لازمي طرح هڪ ئي فعل سان واسطو رکن ٿا، تنهنڪري هڪڙن سان 'کي' حرف جر لڳايو ويو آهي ته جيئن جملي جي ترڪيب کي سولو ۽ سهڻو بڻائي سگهجي.

وڌيڪ مثال:

"هاڙهو هيٺيءَ کي، لنگهائج لطيف چئي."
(شاهه: ديسي)

"ڪانگل نيئي ڪانگ، منهنجي ڏي محبوب کي."
(شاهه: پورب)

"سڀيئي ساري، منهنجا چئو محبوب کي."
(سچل: مالڪوس)

"وڃين ڏيج ڏوڏڻ کي، پاڇيءَ جا پيغام."
(سچل: مالڪوس)

٣. جري صورت- نحوي قاعدي مطابق حرف جر جا لفظ مجرور اسمن جي پويان ايندا آهن، مثلاً:

حرف جر	مجرور اسم	جملو
مان	ڪتابن	ڪتابن مان گهڻوئي علم پرائي سگهجي ٿو.
		*
۾	درياهه	درياهه ۾ ڪُنن ۽ واڳن جو خطرو هوندو آهي.
		*
سان	قلم	جنگ يا جهاد قلم سان به ڪري سگهجي ٿو.
		*
تان	جبلن	نديون جبلن تان وهي هيٺ مائرين ۽ ترائين کي سيراب ڪن ٿيون.
کي	مائرين، ترائين	
		*

شام جو ٻکي وٽن تي واهيرو ڪندا آهن. وٽن تي

*

شعر ۾ حرف جر جا لفظ اڳي پوءِ به واقع ٿيندا آهن. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

"حبين هيڪار، مون جهان مهر سڌ ڪيو."

(شاهه: ڪلياڻ)

"تون حبيب، تون طبيب، تون دارون ڪي دردن."

(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"سانئيا پنهنجا ڏيرا، ڪڏ ڪنئي ۾ هون."

(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"جيڪس مونجهه قطار، ڪا ول چيناٺين وهم جي."

(شاهه: ڪنڀات)

"لاٿي وڃان لوڪ، تو ڪهڙي اڪر آئڙي."

(شاهه: ڪنڀات)

"قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري حاج تو."

(شاهه: سريراڳ)

"سرج وٽ مهار، مٽان مونئين سوئي."

(شاهه: سهڻي)

"جٽ جهجها ۾ جڳ، منهنجي پرت پنهونءَ سين."

(شاهه: ديسي)

"مڻان جيءَ جتن، گهوريو گهوري مسئي."

(شاهه: حسيني)

"ڏيا تيل قليل جا، ياريم ٽاڱين بانگ."

(شاهه: مومل راڻو)

"هنيا لڳي حورن، عاشق عقبيٰ جا ٿيا."

(سچل: آسا)

"نهاري ڏي ننگ، ڪر وهر ويهاريءَ جي."

(سچل: ڪوهياري)

"مٺي رام رٺان گهٽو، ڪارڻ ڪيچيڙن."

(سچل: ڪوهياري)

"پينز ڪان برسات، اکين اوتڻ مکيو."

(سچل: سارنگ)

"راتو ڏيهان ڪاڻ ٿي، جهچان جهانگيڙن."

(سچل: ڪنڀات)

"ڏاهو مٺي ڏار، عجب اڄ لاتيون لنوين."

(سچل: مالڪوس)

هڪ ئي جملي ۾ حرف جر هڪ کان وڌيڪ لفظن سان لڳي سگهي ٿو، مثلاً:

هن دنيا ۾ انسانن، جانورن، پکين، جيتن ۽ جيوڙن کي مقرر مدت تائين زنده رکيو وڃي ٿو.

*

ڪاٺ، لوهه، پٿر، مٽي ۽ پاڻيءَ تي انسان جي معيشت جو وڏو دارومدار آهي.

*

اٺ ئي هڪ اهڙو جانور آهي، جو لڏائيءَ، سواريءَ، بار کڻڻ ۽ گاڏي ۾ ڪم اچي ٿو.

*

آبهوا جو اثر ساهوارن، فصلن توڙي بي جان شين تي به ٿيندو آهي.

*

وڻن ۽ ٻوٽن مان به انسان کي خوراڪ ملي ٿي.

*

ڏرتي جبلن، ماٿرين، ندين، وڻن ٽڻن ۽ ساوڪ **سان** سهڻي لڳي ٿي.

*

سنڌيءَ ۾ حرف جر جي ادغام جي صورت عام آهي، جنهن جو تفصيلي بيان اڳيين حالت جري ۽ حرف جر جي بابن ۾ ڏنو ويو آهي.

۴. **اضافي صورت**- اضافي صورت ۾ حرف اضافت جو جملي ۾ ٻڌو لاڳاپو هوندو آهي: هڪڙو مضاف اليه سان ۽ ٻيو مضاف سان. عام طرح مضاف، مضاف اليه جي تصرف ۾ هوندو آهي، يعني ان جي ملڪيت، ان جو حصو يا ان جي خاصيت ڏيکاريندو آهي.

حرف اضافت جي لاڳاپي جون مختلف صورتون:

(الف) نحوي قاعدي موجب مضاف، مضاف اليه جي پٺيان ايندو آهي، مثلاً،

مضاف اليه	حرف اضافت	مضاف
بهار	جي	مند
تاريخ	جا	ورق
چنڊ	جي	روشني
درياهه	جو	ڪُنُ
راجا	جو	محلات
سج	جي	گرمي
سمنڊ	جون	لهرون
سياري	جي	رات
قدرت	جا	نظارا
ڪوهه	جو	پاڻي

گلاب	جو	گل
چڻ	وارو	ڦڙ
ماڻوءَ	منڊا	ميهن

(ب) تاڪيد جي صورت ۾ مضاف، مضاف اليه جي اڳيان به ايندو آهي ۽ اها صورت شعر ۾ عام نظر ايندي آهي، مثلاً؛ ڏينهن قيام جو، گل گلاب جو، منڊ بهار جي، فرض حڪومت جو، مال يتيم جو وغيره.

استعمال:

”ڏينهن قيام جو نهايت سخت ۽ طويل ترين ٿيندو.

*

گل گلاب جو نيٺ ڪي پسند هوندو آهي.

*

مڙني منڊن ۾ منڊ بهار جي چڱي هوندي آهي.

*

اهو فرض حڪومت جو آهي، ته رعيت کي خوش رکي.

*

مال يتيم جو امانت هوندي آهي، جنهن ۾ خيانت ڪرڻ وڏو گناهه آهي.

*

”دارون مــن درد جو، ڏاڍو ڏسيانــون.“
(شاهه، ڪلياڻ)
”ويچ ويچائي چڏ، توکي سڌ نه سور جي.“
(شاهه، يمن ڪلياڻ)
”صوفيءَ صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو.“
(شاهه، يمن ڪلياڻ)

"پڙهيا پڙهيجا، سبق انهيءَ سور جو."
(شاهه ؛ يمن ڪلياڻ)

"لڳيس ناڳ نيڻهن جي، نهوڙيو نانگو."
(شاهه ؛ ڪنڀات)

"موٽي معرفت جا، سچا سوڊ ياٿون."
(شاهه ؛ سريراڳ)

"هيءَ جو ڏنيپ ڏهاڳ جو، سگهان ڪين سهي."
(شاهه ؛ ليلان چنيسر)

"تو ۾ ٻوءِ بهار جي، مشڪ ڪٿوري سڻ."
(شاهه ؛ پورب)

"ڪشتي ڪميڻيءَ جي، الله لڳ اڪار."
(شاهه ؛ بروو)

"مالڪ مون ميڪار، ڪو ڏِٺَم انهيءَ پاند جو."
(شاهه ؛ آسا)

"قدر هدايت جو، منجهه آهي ضلالت."
(سچل ؛ آسا)

"تاڏي ڪَنَ نه ڪن، جو فرمودو فائق جو."
(سچل : آسا)

"سٺون سيپارن جون، پڙهڻ ٿيون ثواب."
(سچل ؛ پيروي)

"آهي ڪو جو جهلي، تڪو تاب حسن جو."
(سچل ؛ پيروي)

"چڪو انهيءَ چاش جو، چکي ٿيا چرڀا."
(سچل ؛ پيروي)

”مصحف پاڪ چوان، مُهڙو محبوبن جو.“
(سچل: پيروي)

”هن ڀانيو نامو، پر شعلو هيڙو شوق جو.“
(سچل: پيروي)

”ڏيهه ڏکيءَ جو ڏور، رهبر رس تون رَڃ ۾.“
(سچل: ڪوهياري)

”طعنا ڏڪا اوڪ جا، سر چگا چايام،
ٻليءَ پت پانيام، سهرا سور سڄڻ جا.“
(سچل: ڪوهياري)

”اندر آڳ عشق جي، وڃو پاروچل پاري.“
(سچل: ڪوهياري)

”هردي اندر هيڙو جي، آهي ڪونه پيو.“
(سچل: ڪارپهر)

ت- جملي ۾ 'ڪي' يا 'وٽ' حرف جر جو واسطو جيڪڏهن هڪ يا ٻئي مصدر جي ڪنهن فعل سان هوندو ته انهيءَ حرف جر سان حرف اضافت واري معني نڪرندي، مثلاً:

مون کي گهر ۾ ڪابه رقم رکيل ڪانهي.

*

مون وٽ رات مهمان آيا هئا.

مٿين جملن ۾ 'مون کي' ۽ 'مون وٽ' جو جدا جدا مطلب ٿيندو 'منهنجي' ۽ 'منهنجا'.

ث- جملي ۾ حرف جر جي ترڪيب ۾، جيڪڏهن انداز يا مقدار جو مفهوم سمايل هوندو، ته ان جي صورت ۾ اضافت واري ٿي پوندي، مثلاً:

سمهڻ وقت گهر وارن کير مان ٻه ونا ڀري ڏنا.

*

دانهن تي شهر منجهان ڪوبه ماڻهو ٻاهر نه نڪتو.
مٿين مثال ۾ 'مان' ۽ 'منجهان' مان ڏار مراد آهي 'جا' ۽ 'جو'.

ج- اسم فاعل يا اسم مفعول، جڏهن ڪنهن ٻئي اسم سان گڏ استعمال ٿيندو آهي، تہ ان جي صورت بہ اضافت واري ٿيندي آهي، حالانڪ اهڙيون ترڪيبون صفت طور بہ ڪم اينديون آهن، مثلاً:

باهہ سڙيل يعني باهہ جو سڙيل
ٻانيءَ ٻڏل يعني ٻانيءَ جو ٻڏل
زهر پياڪ يعني زهر جو پياڪ
کير ڏنڪ يعني کير جو ڏانڪ.

"عاشق زهر پياڪ، وهہ ڏسي وسن گهڻو."
(شاهہ ڪلياڻ)

"جهانگي جهڻ پياڪ، ناهن شربت هيروان،"
(سچلءَ ڪنيات)

ح- حرف اضافت، جڏهن اسم ظرف سان استعمال ٿيندو آهي، تہ ان مان وقت جي معنيٰ نڪرندي آهي، مثلاً،

ڏينهن جو يعني ڏينهن جي وقت ۾
شام جو يعني شام جي وقت.

خ- ڪڏهن ظرف جي لفظن جي اڳيان يا مصدر جي پويان حرف اضافت جي عام صورت 'جي' استعمال ٿيندي آهي، مثلاً:

گهر جي آڏو	گهمڻ جي لاءِ
شهر جي ويجهو	کائڻ جي لاءِ
دڪان جي سامهون	پڙهڻ جي واسطي

استعمال:
ڀنڊ ڪندي ڪندي، آخر وڃي هڪ ٻُرٽ جي
ويجهو پهتس.

*

منهنجي گهر جي ساهمون هڪ وڏو وڻ آهي، جو
نهايت پراڻو آهي.

"آڏو عجيبن جي، ڪجاڻ سڀ خبر."

(سچل ۽ پيروي)

د- حرف اضافت ڪڏهن ڪڏهن حذف ڪيو ويندو آهي.
خاص طرح ان حالت ۾، جڏهن هڪڙي اسم سان گڏ ٻيو
اسم يا ضمير تخصيص خاطر استعمال ڪبو آهي، مثلاً:

ڪراچي شهر يعني ڪراچيءَ جو شهر
لٽو بندر يعني لٽي جو بندر
خيبرلڪ يعني خيبر جو لڪ

حرف اضافت جي هيءَ محذوف صورت شعر ۾ گهڻي نظر
ايندي آهي. ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

"مدي ڏيرن من ۾، ڪليو ڪينڪاريان."

(شاهه ۽ ديسي)

"وطن مون ملير، قضا آنديس ڪوٽ ۾."

(شاهه ۽ مارئي)

"پسي ڪکيءَ ڪوڙ، ستان ساگر مٿيين."

(شاهه: ڪاموڏ)

"روز ازل استاد اسان کي، سٽ پرهت جي پاڙهي."

(سچل ۽ گجري)

"هنڌ هنڌ ٿي هٿڪار، ٻنر شهر ڀنڀور ۾.

(سچل: ڪوهياري)

"پلر سان پسي پيا، ٻهلوارن ٻلال."

(سچل: سارنگ)

"مون تي لڳندو ڪونه ڪو، پيارا پاڻيءَ پاءِ."

(سچل: راڻو)

"اصل آنيراءِ جو سورٺ ور سان وير."

(سچل: سورٺ)

"جت ماڻهن ميڙاڪو ٿئي، سا جوڳي جوڳن جاءِ."

(سچل: جوڳ)

٥. **ندائي صورت**- ندا جا لفظ، جي سڏ يا خطاب ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن، عام طرح جملي جي منڍ ۾ واقع ٿيندا آهن ۽ انهن جو جملي ۾ منادي اسم کانسواءِ ٻئي ڪنهن به لفظ سان لاڳاپو نه هوندو آهي، مثلاً:

او ڪمر وارا، تنهنجي ڪير ۾ ته پاڻي ڳڙهيل ٿو ڏسجي.

*

اي چوڪر، هن ڳوٺ ۾ ڪا سراءِ آهي؟

*

اڙي ڀلي، مون ڪي هن مصيبت کان ڇڏايو.

*

يا الله، منهنجون مدايون معاف ڪر.

مٿين جملن ۾ ڏسبو، ته ندا جا لفظ 'او' 'اي' اڙي ۽ 'يا'، هر هڪ پنهنجي پنهنجي منادي اسم سان گڏ جملي جي شروعات ڪري ٿو. اها ندائي صورت نحوي قاعدي پٽاندر آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن ندا جا لفظ ۽ منادي اسم جملي جي وچ ۾ يا آخر ۾ به استعمال ٿيندا آهن، مثلاً:

منهنجي حال جون، **اڙي ادا**، کهڙيون ٿو ڳالهيون پڇين.

*

دنيا اڻٿي وڻٿي شيءِ آهي، ان تي ڀروسو نہ ڪر اي دوست.

*

مون غريب تي اهڙو ظلم نہ ڪر، سائين.

ڪن ٻن جملن ۾، ڪن ڪن ندا جي لفظ سان، ڪن ڪن وقت منادي لفظ بہ استعمال ڪري سگهجن ٿا، مثلاً:

اڙي چوڪيدار، مالهي، ٻورچي، اڄ کان اوهان جي نوڪري ختم ڪئي وڃي ٿي آهي.

*

سائينداد، صديق، سومر، اوهان جي ڪيتن ۾ ٻوڏ جو پاڻي ڪاهي پيو آهي.

منادي اسم گهڻو ڪري حرف ندا جي مدد کانسواءِ استعمال ٿيندا آهن، البت جڏهن انهن جو خاص ڌيان ڇڪائڻو هوندو آهي، تہ پوءِ ندا جا لفظ ڪم آڻبا آهن.

صفت جيڪڏهن ڪنهن منادي اسم سان گڏ ايندي، تہ ان جي صورت بہ ندائي ٿيندي، پر جي صفت جملي ۾ ظرف ٿي ڪم ايندي، تہ ان جي حالت ندائي نہ رهندي، مثلاً:

منهنجا پيارا مٺڙا ٻارَ، مان هر وقت تنهنجي خيريت جو خيال رکندو آهيان.

*

”دوس، مٺا، دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.“

(شاهه: سارنگ)

”ڏونگر، تون ڏاڍو، ڏاڍا، ڏاڍيون ڪرين.“

(شاهه: ڪوهياري)

پهرين ٻن مثالن ۾ صفت جا لفظ: ’منهنجا‘، ’پيارا‘، ’مٺڙا‘، ۽ ’مٺا‘، ’دلدار‘، منادي صورت ۾ آهن ۽ ٻئين مثال ۾

لفظ 'ڏاڍو' جو درحقيقت صفت آهي، هتي ظرفي صورت ۾ پيل آهي، تنهنڪري اهو منادي صورت ۾ ڪونهي ۽ وري 'ڏاڍا' جو منادي اسم 'ڏونگر' جي صفت آهي، تنهن ڪي منادي شڪل ڏني ويئي آهي.

منادي اسم، جيڪڏهن اسم معرفه هوندو آهي، ته ان سان ندا جو لفظ گهٽ ڪري استعمال نه ڪبو آهي، مثلاً:

سليمان، تنهنجا ڏڳا ڏڪ تي ڪهي ويا آهن.

*

گلڻ، تو شيرل کي واهه جي ملهه دسي.

*

بشير، تون هاڻي ڪيڏو نه وڏو ٿي ويو آهين.

ڪي منادي اسم ندائي حالت ۾ پنهنجي اصلي صورت قائم رکندا آهن، مثلاً:

ابا، ادا، امان امڙ، جيجل وغيره.

"**ادا**، انسانيءَ، ڪو ويو سات سڄڻ جو."
(شاهه: مسئي)

"ستي ڀون چرڪ، **آيل**، پاروچن جا."
(شاهه: ڪوهياري)

"لکيم ڀاڻ ڀروچ جو، **امڙ**، پل م مون."
(شاهه: حسيني)

ضمير متڪلم ۽ حاضر ۾ ندا جا يا منادي لفظ استعمال نه ٿا ڪبا آهن، انهن جي ندائي صورت خود لفظن ۾ سمايل هوندي آهي، مثلاً:

اڇ، ته توکي شاهي باغ گهمايان.

*

اچان، ته ڪڏهن هلون ٿا.

*

ڪير آهين، ڏتي ڪهڙو ڪم اٿيئي؟

*

ڪيڏو نه بي پرواهه آهين، جو توکي پنهنجن جي به خبر ڪانهي.

صفت جي نحوي صورت- صفت، جيئن اڳ صرف واري ڀاڱي ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته فقط پنهنجي موصوف سان واسطو رکندڙ آهي، تنهنڪري هميشه ان سان گڏ ۽ ان جي اڳيان ايندي آهي، پر ڪڏهن تاڪيد خاطر موصوف جي پٺيان به اچي سگهي ٿي ۽ شعر ۾ ته وڌيءَ تي به واقع ٿي سگهي ٿي. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

'**سياڻو** ڪانءُ ٻنگو ڦاسندو آهي.'

*

خود غرض انسان ڪڏهن به ڪنهن جو دوست ٿي نٿو سگهي.

ماڻهو **چڱو** انهيءَ کي سمجهبو آهي، جيڪو ٻين سان چڱائي ڪري.

*

"مينهون پاڻ مراديون ڏڌا چرن ڏر."

(شاهه: سارنگ)

"وچون وسڻ آئيون، ڪري **لعل** لبيس."

(شاهه: سارنگ)

"سڄڻ **سڀاجهو**، ٻيچ پنيءَ گهر آئيو."

(شاهه: سارنگ)

"وسي **ساري** رات، صبح جو ساهه ڪٿي."

(شاهه: سارنگ)

"راڻو ڪا رات ويو، ڪري ڳالهه ڳجهي."
(شاهه: موسل راڻو)
"ٻاروچا ٻيا گهڻا، منهنجو پنهون سـر سين."
(شاهه: حسيني)
"ڪڙوريءَ ۾ ڪنپ، لوہانءِ لاڪيڻا سيڻي."
(سچل: مالڪوس)

اسم يا ضمير جي وصف يا خاصيت هڪ لفظ ۾ بہ بيان ٿي سگهي ٿي، تہ ھڪ کان وڌيڪ لفظن ۾ بہ، تنهنڪري صفت جو لفظ جملي ۾ هڪ بہ ٿي سگهي ٿو تہ وڌيڪ بہ، مثلاً:

جهانگير، **شهنشاهہ اڪبر جو پٽ، هڪ عادل** بادشاهہ ٿي گذريو آهي.

*

چين، **جيڪو هڪ قديم هنر ۽ حرفت وارو ملڪ آهي**، پاڪستان جو مخلص دوست آهي.

*

اهي شيون، **جيڪي وزن ۾ هوا کان هلڪيون آهن**، سي مٿي اڏامي سگهن ٿيون.

*

ڏيل ۽ ڏيک ۾ **سهڻو** ماڻهو هرو ڀرو ليڇڻ جو سهڻو نہ هوندو آهي.

*

ماڻهو، **جيڪو منهن تي ساراهہ ۽ پر پٺ گلا ڪري**، سچو نٿو ٿي سگهي.

مٿين جملن ۾، جي لفظ صفت ٿي ڪم آيا آهن، سي هيٺ ڏيکارجن ٿا:

صفت	موصوف
شهنشاهه اڪبر جو پٽ، عادل	جهانگير
جيڪو ملڪ قديم، هنر ۽ حرفت وارو ملڪ آهي، مخلص	چين
اهي، جيڪي وزن ۾ هوا کان هلڪيون آهن.	شيون
سهڻو	ماڻهو
جيڪو منهن تي ساراهه ۽ پر پٺ گلا ڪري،	ماڻهو

جملي ۾ بعضي موصوف کي حذف ڪري ان جي بجاءِ صفت استعمال ڪبي آهي، مثلاً:

'**ڏاڍي** جي لٺ کي ٻه مٿا هوندا آهن.'

*

مانيءَ جو قدر **بکايل** کي ۽ پاڻيءَ جو قدر **اڃايل** کي هوندو آهي.

هوءَ **ڏسندي** ۾ پير لهندي.

*

"**ڏانگهي** ۾ تالي ٻڌ پنهنجو تڙهو،
اونهي ۾ آئي ڪونه ڏيندني کو ٻيو."
(شاهه: سريراڳ)
"ڏونگر **ڏکوئين** کي، دلاسا ڏجن."
(شاهه: ڪوهياري)
"سهسين سورت **جهڙيون**، ٻئيو ڪين پار."
(شاهه: سورٺ)
"الله **ڏاهي** مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن."
(شاهه: ليلان چنيسر)

"اڏيا سڀئي نه ڪري، سونهن وڃائس سور."
(شاهه : مارئي)
"سهڻي ٻسي سومرو، ڏکي ويو ڏيهي."
(شاهه: مارئي)
"پورو انهن نه پاڻي، ته لوڪ لاڏائو ساعت جو."
(شاهه: مارئي)
"ڪاريون ٿيون ڪُڏن، سڀ جي سهاڳ تي."
(سچل: ڪلياڻ)
"اڳلا ۽ سڳلا، سڀئي ناءَ سڄڻا."
(سچل: ڪلياڻ)
"سڀ جي سهج، ٻرائين ڪي ٻڪهه پيا."
(سچل: ڪلياڻ)
"هام هڻي هوشيار، هايو ساز سرود سان."
(سچل: سورٺ)

صفت جڏهن جملي ۾ موصوف جي بجاءِ ڪم ايندي آهي، ته اها به اسم يا ضمير وانگر فاعل توڙي مفعول جي جاءِ والندي آهي ۽ ان سان به اهي ئي حالتون لاڳو ٿي سگهن ٿيون، جيڪي اسم يا ضمير سان ٿينديون آهن جيئن مٿي ڏنل مثالن مان ظاهر آهي.

ضمير جي نحوي صورت- ضمير، ڇاڪاڻ ته اسم جو قائم مقام يا بدل هوندو آهي، تنهنڪري جملي ۾ ان جو مقام به اهوئي هوندو آهي، جيڪو اسم جو آهي جيئن اڳ بيان ڪيو ويو آهي. ضمير جا مختلف قسم به اڳ تفصيل سان بيان ٿي چڪا آهن.

۱. ضمير شخصيءَ جون به صورتون هونديون آهن: منفصل ۽ متصل. ضمير منفصل ته عام طرح اسم وانگر جملي جي

شروعات ڪندو آهي، مگر ضمير متصل ڪڏهن ٻه جملي جي ابتدا نه ڪندو آهي، مثلاً:

آءٌ اڳتي اهڙو قدم هرگز نه کڻندس.

*

مان محنت ڪري پنهنجي روزي ڪمائيندو آهيان.

*

تون محتاجن جي مدد ڪندين ته ڀلو پائيندين.

*

تو ڪڏهن ٻاهرين ملڪن جو سير ڪيو آهي؟

*

هُو هڪ سمجهو ماڻهو آهي، ڪڏهن به غلط ڪم نه ڪندو.

*

هُن ڪيترن ئي تڪليفون ڏٺيون آهن، پر ڪڏهن به ڏُک ٻاهر نه ڪڍي اٿين.

مٿين جملن ۾ ڀريل ٽلها يا جلي لفظ ضمير منفصل جا مثال آهن.

ضمير متصل، جاڪان ته پنهنجي سر الڳ نه بيهي سگهندو آهي، تنهنڪري هميشه ٻن لفظن جهڙوڪ اسم، حرف جر يا فعل جي منصرف پڇاڙين سان شامل ٿيندو آهي، مثلاً:

پٽم هڪ ذهين ڇوڪرو آهي.

*

ايندڙ سومر تي ملڪ کان ٻاهر ويندس.

*

ڪيس انهيءَ ڳالهه جي پرواهه ڪانهي، ته ماڻهو سندس لاءِ ڇا ٿا چوندا وتن.

*

ولم ڪجهه ٻه ڪونهي جو ڪانئس لڪائي رکان.

جملي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ۽ شعر ۾ عام طرح ضمير شخشي حذف ڪيو ويندو آهي ۽ ان جو مفهوم سندس واسطيدار فعل ۾ سمايل هوندو آهي، مثلاً:

جڏهن اها خبر ظاهر ٿيندي، تہ منهن مٿو **ڀڃيندا.**

*

انتظار ڪندي ڪندي رات **گذاري ڇڏيائون.**

*

شعر جا ڪجهه مثال:

"**ڇڏ** جهوري **ڏي** جهات، تہ هونديءَ رات هت **مڙون.**

(شاهہ: ڪنڀات)

"چندن چڪي **آئهو**، ٻيءَ رل **وجهي** نہ وات."

(شاهہ: ڪنڀات)

"السي ٻهر **اٿن**، سعيو ڪنهن سفر جو."

(شاهہ: ساموندي)

"**ستيئن** پير ڏکيا ڪري، وڏي جاڙ ڪياءِ."

(شاهہ: ڪوهياري)

"**رهو رات ڀنڀور ۾**، ڪا ڳوڙي هت ڳهاريو."

(شاهہ: ڪوهياري)

"**وهين** ۽ ويلا ڪرين، **ڇڙين** ٿي پانڌي،
هاري هيڪاندي، ڪنهن پر **ٿيندين**ءَ هوت سين."

(شاهہ: حسيني)

"ڪيندي ڪاتي **وڍائين** ڪرت ڪهار ۾."

(شاهہ: سورٺ)

”هنيـر اٿيٺي هيءَ، صبـح سوايو ڏيانءِ.“
(شاهه: سورٺ)
”ٻڪ مرندي ٻڪيا ڪنهن ڪان ڪين گھون.“
(شاهه: رامڪلي)
”نہ ڪيان نہ ڪيين ڪي، نڪي ڳالهائين.“
(شاهه: رامڪلي)
”وڳـر وساري ويٺينءِ ڪين مـاٺ ڪري.“
(شاهه: ڏهر)
”وڳـر ڪيو وڻن، پـرت نہ ڇـڏن پـاڻ ۾.“
(شاهه: ڏهر)
”ڍڪي اکهاڙن ڪـي، ڪين ڍڪهائين پاڻ.“
(شاهه: مارئي)
”نيـڻـن سـان نـاز ڪري ريجهايائين راهه.“
(شاهه: ڪاموڏ)
”پـرزو پـاڻ پڙهان، پڙايان نہ ٻـين ڪي.“
(سچل: پيروي)
”هڪ ست پڙهيائين، ٻي ست سڏ ڪن ۾ پيو.“
(سچل: پيروي)
”ڪريان ڪوهه پـنـهـور ۾، ور بنا ويـهـي،
جيـهـي جـا تيـهـي، وڃان ڪيچيون ڏي.“
(سچل: ڪوهياري)
”عيب ڏسـي عـاسـن جا ڪياڻين ڪانہ اپٽ.“
(سچل: سارنگ)
”راتـو ڏيـهـان ڏپ، ڏين وٺن پـاڻ ۾.“
(سچل: ڪليان)

”رڙيون ڪري رڻ ۾ ٿيون ٻوندون ٻرساٽين.“

(سچل: پهاڙي)

”سر تن سان روئي، سڪون لاهيلد س لوءِ ۾.“

(سچل: ڪنڀات)

”وينو آهه وڳوڙ جي، ڪنهن ڪسي ڪوڙي،
پر پنهنجا نوڙي، چڪيو ڏڱي ٿو چهنب سان.“

(سچل: مالڪوس)

ب- ضمير اشارو ضمير غائب جو ٻه ڪم ڏيندو آهي ۽ جيڪڏهن اسم سان گڏ واقع ٿيندو، ته ان جي صفت ٿي ڪم ايندو آهي، مثلاً:

هيءَ ڪتاب مون هڪ گند جي ڍير مان لڌو هو.

*

اهي ماڻهو ڳالهائڻ ڳالهائڻ تا ڏسجن.

مٿين جملن ۾ ’هيءَ‘ ۽ اهي ضمير اشاري جا لفظ آهن، جي صفت ٿي ڪم آيا آهن.

تاڪيد طور ضمير اشاري جا ڪي لفظ، جهڙوڪ: اهو، اجهو، آهو ۽ اوجهو وغيره، استعمال ٿيندا آهن، مثلاً:

اهو ته منهنجو پراڻو دوست آهي.

*

مان جنهن شيءِ ڳوليان پيو اجها هيت پيئي آهي.

*

هتي جيڪو چوڪرو بيٺو هو، سو ڪيڏانهن ويو؟
اوجهو، پريان پيو اچي.

ت- ضمير موصول نحوي لحاظ کان ضمير جواب موصول کان اڳ ايندو آهي، پر خاص توجه خاطر ان جي پويان به ايندو آهي ۽ شعر ۾ ته اها صورت عام هوندي آهي، مثلاً:

جيڪي چوين ٿو، **تنهن** تي توکي ٻڌل رهڻو پوندو.

*

جنهن ايترو ڪجهہ ڪيو آهي، **سو** وڏيڪ بہ ڪري سگهي ٿو.

*

جو توکي ڏيڻو آهي، **اهو** ٿي ڏي.

مٿين جملن ۾ 'جيڪي'، 'جنهن' ۽ 'جو' ضمير موصول جا لفظ ۽ 'تنهن'، 'سو' ۽ 'اهو' ضمير جواب موصول جا لفظ آهن.

ضمير موصول ۽ جواب موصول جو مٽيل مقام هيٺين مثالن ۾ ظاهر آهي:

تنهن کي ٿي ڏي، **جنهن** کي تون ڏيڻ گهرين ٿو.

*

سا ٿي مون کي ميلي، **جا** منهنجي نظر ۾ هئي.

شعر مان مثال:

"وهہ **تنهن** جي ووڙ، **جنهن** سانگ نہ ساهہ جو."
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

"**سو** نہ ڪنهن شيءِ ۾، **جيڪي** منجهہ تراب."
(شاهہ: سهڻي)

"**تن** ري سال پيام، **جن** ري ساعت نہ سهان."
(شاهہ: سهڻي)

"**سو** تان توئي ساڻ، **جنهن** لاءِ جفائون ڪرين."
(شاهہ: سسئي)

"**سي** اڳ نہ ڏٺم ڪڏهين، **هي جي** ڏٺم هير."
(شاهہ: سسئي)

”سا اوري ڪيڻ انڪي، جنهن جو جانب
جت وڃي ويا.“
(شاهه: حسيني)
”سي موني مس اچن، جي آتڻ آرامي ٿيا.“
(شاهه: مومل راڻو)
”سو ڪانگ مَ قاصد ڪر، جو سدا
ڏوڙي ڏونڊ ڪي.“
(شاهه: پورب)

ضمير موصول ۽ جواب موصول ڪي وقت زوردار بڻائڻ لاءِ ٻٽو ڪري استعمال ڪبو آهي، مثلاً: جوجو، سوسو، ڪوڪو، وغيره.

استعمال:

جو جو ايندو تو وٽ، سو سو پنهنجو ڏک درد بيان ڪندو تو وٽ.

*

جيڪي جيڪي اثر وارا آهن، سي سي پنهنجو ڪم ڪڍيون ٿا وڃن.

*

جنهن جنهن جا نالا اخبار ۾ آيا آهن، تنهن تنهن کان پڇا ڪئي ٿي وڃي.

*

جهڙو جهڙو واءُ ٿو لڳي، تهڙو تهڙو منهن ڏيڻو ٿو پوي.
ڪوڪو ڏيڻ ڪلال جو، پٽي تي پيون.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

ضمير موصول ۽ جواب موصول، ٻئي گڏيل صورت ۾ به ڪم ايندا آهن، مثلاً: جنهن تنهن، جهڙو تهڙو، جيڪو سو، سو جو، ساڪا، ڪاجا، ڪوجو، ڪي جو وغيره.

استعمال:

"ساڪا مـڙ ھـلاءِ، آڳھ جنھن جي اپھين."

(شاھ و سريراڳ ـ)

"ڪوڙو تھر ڪُنِّن ۾، ويا ڪين ورن."

(شاھ: سھڻي)

"سوڪو ڏيارينم ڏان، جو طمع ڪي ترڪ ڪري.

(شاھ: سورٺ)

"ڪي جو پيچل ٻوليو، پنيءَ ويھي پان."

(شاھ: سورٺ)

"ڪنھن جنھن پور پچائيون، اکيون آب نہ ڪن."

(شاھ: مومل راڻو)

"سوڍي ستي لوءِ، ڪا ڇا مونسين ڳالھ ڪيي،
سا جي پڌر پوءِ، تہ سرتيون ڪانہ سمھي."

(شاھ: مومل راڻو)

"ڪي جو محب لکيو، سو ملا واچڻ نہ آيو."

(سچل: پيروي)

ضمير موصول جي بجاءِ جواب موصول بہ استعمال ٿيندو آھي، مثلاً،

"سا ئي تال تـنـدن جي، سا ئي ڇارڻ چت."

(شاھ: سورٺ)

ضمير موصول يا جواب موصول، خاص طرح صفت ٿي ڪم اچڻ جي حالت ۾، هميشه اسم جي اڳيان استعمال ٿيندو آهي، پر اسم سان جيڪڏھن ٻي ڪا صفت لاڳو نہ ھوندي تہ موصول اسم جي پٺيان بہ اچي سگھي ٿو، مثلاً،

جو زمانو گذري ويو، **سو** ڏيو چڱو هو.

*

انسان، **جو** خطاڪار آهي، **سو** ضرور خطا ڪندو.

*

هيءَ شئي، **جا** مون ٻڌي تان لڌي آهي، **سا** ضرور ڪنهن جي ڪِريل ٿي ڏسجي.

"**سو** سودو ئي ڇڏ، **جنهن** جو اهر ناهه ڪو."

(شاهه: سريراڳ)

"**هي جو** ٿيئو هو، **سو** اڪر مٽيندو ڪونه ڪو."

(سچل: رائو)

"**هو جي** وڏا وير ورهام، سي سڪتا ويا سنسار مان."

(سامي)

ٿ- ضمير استفهام جا لفظ گهڻو ڪري اڪيلي سر جملي ۾ استعمال ٿيندا آهن، مثلاً:

رات تو وٽ **ڪير** آيو هو؟

*

هيءَ ڳالهه توکي **ڪنهن** ٻڌائي؟

*

توکي **ڇا** ٿيو آهي، جو ڪنهن سان ٺٺو ڳالهائين نه ٻولائين؟

هونئن ته ضمير جا مختلف لفظ اسم سان گڏ صفت جي صورت ۾ عام استعمال ٿيندا آهن، جيئن اڳ ذنل مثالن مان ظاهر آهي، پر ضمير استفهام جا لفظ به ڪڏهن ڪڏهن اها صورت اختيار ڪندا آهن، مثلاً:

تون **ڪير** شخص آهين؟ شايد ڪو مسافر ٿو ڏسجين.

*

توکي **ڪهڙن** شيءِ جي ضرورت ته ڪانهي؟

البت ضمير استفهام جا ڪي لفظ اهڙا آهن، جي عام صفت طور به ڪم ايندا آهن، مثلاً، ڪيڙو، ڪيهو وغيره.

"ڪاري رات ڪُنن ۾، **ڪهڙو** اڪشي ڪم."

(شاهه: سهڻي)

"**ڪيهي** ڪمي ڪانگڙو، ٿو ويڙهي منجهه وتي."

(سچل: مالڪوس)

ضمير استفهام سڌي طرح سوال پڇڻ کانسواءِ بياني جملن ۾ به ڪم آڻي سگهبو آهي، مثلاً:

خبر نه پنجي سگهي ته پليان **ڪنهن** پٿر اڇلايو.

*

گهر ۾ نشان ته موجود آهن، الاجي **ڪير** اندر آيو آهي.

*

ڇا ٿيندو، ڪجهه نٿو چئي سگهجي.

ج- ضمير مبهم ۽ ان جي مثالن جو ذڪر اڳ اچي چڪو آهي ۽ هت فقط اهو ڏسڻو آهي، ته جملي ۾ ضمير مبهم جي حيثيت ڇا آهي. ضمير مبهم به ٻين ضميرن وانگر جملي ۾ فاعل توڙي مفعول، مضاف يا مضاف اليه يا مجرور جي صورت وٺي سگهي ٿو، مثلاً:

فاعل جي صورت: اسان کان اڳ هتي **ڪو** رهي ويو آهي.

مفعول جي صورت: **ڪجهه** نه **ڪجهه** ڏيندو رهندو آهيان.

مضاف جي صورت: حشر ۾ ڪير نه هوندو ڪنهن جو **ڪوئي**.

مضاف اليه جي صورت: گهر جي ٻاهران **ڪنهن** جا پير بيٺا آهن.

مجرور جي صورت: جهيڙي ۾ **ڪيترن** کي ڌڪ لڳا آهن، **ڪن** کي ته سڃاڻي ئي نٿو سگهجي.

ضمير استفهام وانگر ضمير مبهم به صفت ٿي ڪم ايندو آهي ۽ ان جي صفت واري صورت قدري عام هوندي آهي. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

"ڪا مٽ قيمت جهڙي، روز ڏمر ڪي ڏيج."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"سي ڪي مجاز جو ڪڙهه اندر ڪو سور،
سوڪو پراپائين پور، سڪي جيئن ساٿو ٿيو."
(شاهه: ڪنيات)

"مستان ڪا منڌ ڪري، مونن جي مزاڪ."
(شاهه: مسئي)

"اتي آريءَ چام جو، قاصد آيس ڪوهه."
(شاهه: ديسي)

"رهو رات ٻنهور ۾، ڪا ڳوڙي هٿ ڳهاريو."
(شاهه: ڪوهياري)

"ڪنهين ڏاهه مَ ڏج، ڪريون ويهي ڏي خبرون."
(شاهه: مومل راڻو)

"ڪو در ناهه جهوءِ، مون پيا در ڳهٽا نهاريا."
(شاهه: ڏهر)

"لڏي ڪنهن لوءِ ويا، سارو منجهه ملير."
(شاهه: مارئي)

"ويندينءَ ات وري، ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾."
(شاهه: مارئي)

"وهندو شال وصال جو، ڪو ٻن وارُ وري."
(سچل: ڪنيات)

”ڪاڻي پلڪ پري، عمر ابالُون نہ ٿيان.“
(سچل، ڪنيات)
”پورب پنڌ نہ ڪن، ڪلهين ويلي ڪاڙي.“
(سچل، جوڳ)
”ڪي دم آڏو دوست جي، ٻلي ڪري ٻڳاءِ.“
(سچل، مالڪوس)
”لِڪن منجهہ لهي ڪا سورائتي سور مان.“
(سچل: مالڪوس)

ضمير مبهم جا لفظ 'ڪو'، 'ڪا' يا 'ڪي' جملي ۾ بعضي نفيءَ يا گمان جي معنيٰ ڏيندا آهن، مثلاً،

هيٺين جملن مان نفيءَ جي معنيٰ ٿي نڪري،

پڙهڻ ۾ ڪو وقت ضايع ٿيندو آهي، اها تنهنجي ڀل آهي.

*

ٻين جي خدمت ڪرڻ ۾ انسان ڪو لهي ويندو آهي، پاڻ وڌندو آهي.

*

آءٌ ڪي تنهنجو دشمن آهيان، جو مونکان پري ٿو ڀڄين.

*

”روئي ڪندينءَ ڪوهہ، هاڻي ڪو هوت وري.“
(شاهہ، حسيني)
”هاڻيءَ ڪاڻ هيڪڙي، آءٌ ڪا تند هڻان.“
(شاهہ، سورٺ)
”واڳ ڏٺيس وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيڻي.“
”جي تو جاتو پاڻ، تہ آءٌ ڪو ٻيو آهيان.“
(سچل: آسا)

هيٺين جملن مان گمان جي معنيٰ ٿي نڪري:
تون اچاڻو ٿو هن ڪان ٻڙڪين، هو ڪوڏنگو ته ڪونهي.

*

تون مون سان ايتري چالاڪي ڇو ٿو ڪرين، مان ڪو اهڙو ٻالو ٻولو ته ناهيان.

*

”هوت نه ٻانبر هيٺن، ڇڏي تون ڪو ڇهرين ويندين.“
(شاهه: ديسي)

ح- ضمير مشترڪ، جهڙوڪ: پاڻ، سر، خود جو واسطو گهڻو ڪري فاعل سان هوندو آهي، پوءِ اهو فاعل ظاهر هجي يا ڳجهو، ڪڏهن مفعول سان به شامل ٿيندو آهي، پر جري صورت ۾ يا مجهولي حالت ۾، مثلاً:

چوڪيدار پاڻ پنهنجي حفاظت نه ڪري سگهيو.

*

گهر جي مالڪ خود چور کي پڪڙي ورتو.

*

هو سر ته چڱو ماڻهو آهي، پر سندس اولاد سڌريل ڪونهي.

*

پاڻ اچي ته چڱو، ٻئي تي اعتبار ناهي.

مٿين جملن ۾ ضمير مشترڪ جو لاڳاپو فاعل سان آهي، جو پهرين ٽن جملن ۾ ظاهر آهي ۽ چوٿين ۾ ڳجهو آهي.

هيٺين جملن ۾ ضمير مشترڪ جو تعلق مفعول سان ڏيکاريو ويو آهي، جو جري ۽ مجهولي حالت ۾ آهي:

مون پيسا پاڻ کي ڏنا اٿيمانس.

*

لڙائيءَ ۾ بادشاهه **خود** مارجي ويو.

ضمير مشترڪ جو اطلاق فاعل سان سڌو سنئون هوندو آهي، پر اضافي ترڪيب ۾ بعضي ٻطرفو ۽ منجهانئيندڙ هوندو آهي، مثلاً:

سڌي سنئين اطلاق جا مثال:

اخبار ۾ اهو بيان مون **خود** ڏنو آهي.

سمورو سامان **پاڻ** کڻي پهچايم.

*

پنهنجو سفر ڏاڍو آرام سان گذريو.

ٻطرفي اطلاق جا مثال:

اوهان کي **پنهنجي** تصوير ڏيکاريانٿو.

*

هي اوهان جو **پنهنجو** گهر آهي.

هنن جملن ۾ 'پنهنجي تصوير' ۽ 'پنهنجو گهر' سان هڪ ئي وقت ٻه معنائون نڪرن ٿيون، يعني:

اوهان کي اوهان جي تصوير ڏيکاريان ٿو يا اوهان کي مان پنهنجي تصوير ڏيکاريان ٿو.

هي اوهان جو گهر آهي يا هي گهر ته منهنجو آهي پر ان کي پنهنجو گهر ڪري سمجهو.

ضمير مشترڪ، صفت ٿي ڪم اچڻ جي حالت ۾، مفعول سان به لاڳاپو رکندو آهي، مثلاً:

سيٺ **پنهنجو** ڪارخانو وڪڻي ڇڏيو.

*

هو ته خود غرض ٿي پيو آهي، **پنهنجا** دوست ئي وساري ڇڏيا اٿس.

*

چوندا آهن، ته 'پنهنجي گهوٽ ته نشو ٿيئي.'

جيڪڏهن جملي ۾ فاعل يا مفعول اسم هجي ۽ اضافي حالت ۾ هجي، ته ان سان ضمير شخصي استعمال ڪجي ۽ نه مشترڪ، ورنه ان جي سمجهڻ ۾ مونجهارو پيدا ٿي سگهي ٿو، مثلاً:

اسان جي فوج جنگ ۾ فتحياب ٿي آهي.

*

منهنجو ڪتاب مون کي موٽائي ڏي.

*

"مون ۾ آهين تون، مٿان **تنهنجو** ئي توکي لڳي."

(شاهه: يمن ڪلياڻ)

مٿين مثالن ۾ جيڪڏهن ضمير مشترڪ 'پنهن' ڪم آڻبو ته مطلب صاف نه نڪرندو.

مرڪب جملي جي هڪڙي ڀاڱي ۾ يا مخلوط جملي جي مکيه ڀاڱي ۾ جيڪڏهن فاعل استعمال ٿيل هوندو، ته ٻئي يا ضمني ڀاڱي ۾ ان جي نمائندگي ضمير شخصي ڪندو ۽ نه مشترڪ، مثلاً!

هو هڪ چالاڪ ماڻهو آهي، **سندس** حرڪتن جي ڪنهن کي خبر ڪانه ٿي پوي.

*

هر ماڻهوءَ کي علم پرائڻ گهرجي، انهيءَ لاءِ ته **هو** زندگي چڱي نموني گذاري سگهي.

*

ڇوڪري امتحان پاس ڪيو آهي ۽ هاڻي **هو** نوڪريءَ جي جاچ ۾ آهي.

مٿين جملن ۾ 'سندس' ۽ 'هو' جي بجاءِ 'پنهنجي' ۽ 'پاڻ' يا 'خود' استعمال ڪبو ته مناسب نه ٿيندو.

جهڙي طرح صفت بعضي اسم جي جاءِ وٺندي آهي، جيئن اڳ بيان ڪيو ويو آهي، تهڙي طرح ضمير مشترڪ به اسم جي عيوض استعمال ٿيندو آهي، مثلاً

پراون جو ڏنل ڏک ايترو محسوس نه ٿيندو آهي جيترو پنهنجن جو.

*

گهر جو احساس جيترو پاڻ کي ٿيندو، اوترو ٻين کي نه ٿيندو.

*

توهان ٻيا پيا ڪريو، اجهو ڪون اچي ويو آهي.

فعل جي نحوي حيثيت. فعل ڇاڪاڻ ته جملي جي بناوت ۽ معنيٰ کي پورو ڪندو آهي، تنهنڪري اصولاً جملي جي پڇاڙيءَ ۾ واقع ٿيندو آهي، جيئن هيٺين مثالن ۾ ڏيکاريل آهي.

سمنڊ جو پاڻي کارو هوندو آهي.

*

سج ۽ چنڊ پنهنجي پنهنجي دائري ۾ ڦرندا آهن.

*

ائٽمي جنگ ۾ دنيا تباهه ٿي ويندي.

البت عبارت کي ٻي تڪ ٽڪ ۽ سهڻو ۽ معنيٰ کي اثرائتي بنائڻ خاطر فعل کي اڳي پوءِ به استعمال ڪيو آهي ۽ شعر ۾ ٻين لفظن وانگر ان کي ڪٿي به ٻيهاري سگهجي ٿو، مثلاً:

آهين ته منهنجو دوست، پر اميد گهٽ اٿم.

*

پڙهيو ته گهڻو ڪجهه اٿين، پر نه جهڙو.

*

زندگيءَ جو دارومدار آهي ٿي پاڻيءَ تي.

شعر مان مثال:

"ڏيندءِ ڪي ڀاڄهه جي، ويندءِ لب لڙي."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"وسي ٿو وڏ ڦڙو، ٿڪن ٿيون ناريون."
(شاهه: سارنگ)

"ڀورين ڏيندا پاهه، پوءِ رڱيندا رڱ ۾."
(شاهه: ڪوهياري)

"چڱ ڏيندس پنهور، هينئون هت نه وندري."
(شاهه: حسيني)

"وڃان ٿي ولڪار، ڏاڻم پير پنهونءَ جو."
(شاهه: حسيني)

"ڀن ٻوڙين پاتار ۾، ڀڻ تارين تون."
(شاهه: ڏهر)

"جا ماروءَ ڏنم سرتي، سا لاهيان ڪئن لوئي."
(شاهه: مارئي)

"پڙهي ۾ پيغام، امڪي هڪا سڄڻين،
سي نه سمجهن عام، جي آهن منجهه اشارتين."
(سچل: پيروي)

"ويم نڪري قافلو، ڪائي نه پئي ڪل،
سهني اندر سل، نسلي ويم سهرين."
(سچل: ڪوهياري)

"ساريم سي سنگهار، جنم لڏگهائم جن سان."
(سچل: ڪنهات)

"ويٺا ڳالهيون ڪن، مارو مون ملير ۾،
اجها ايندي مارني، وري هن وطن."
(سچل: ڪنيات)

جملي ۾ فعل جي هجڻ ڪانسواءِ به مطلب ڪڍي سگهبو آهي ۽ اهڙا جملا ڳالهه ٻول، پهاڪن ۽ شعر ۾ استعمال ٿيندا آهن، مثال هيٺ ڏجن ٿا:

ڳفتگو يا ڳالهه ٻول جو مثال:

ڊاڪٽر مريض کي: اوهان کي هاڻ ڪو بخار، ذڪام يا مٿي جو سور؟
مريض: بالڪل نه.
ڊاڪٽر: دوا؟
مريض: بس باقي هڪڙو وزن ٿيندو.

*

ميزبان مهمان کي: ڪو حال احوال؟
مهمان: ياڻ ڏ ن ۽ مٿن مائٽن ڏي ڪل خير.
ميزبان: ڪا ٻوڪ راهي، اٽي ويٺي، ڪو ڏنڊو ڏاڙي؟
مهمان: الله جون ٻلايون، بس مڇي ماني ٿي ملي.

پهاڪن جو مثال:

'ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ.'

*

'چورن مٿان مور'

*

'جهڙا ڪانو تهڙا ٻچا'

*

'ڏاڍي جي لٺ کي ٻه مٿا'

*

'جهڙي نيت تهڙي مراد'

*

'ڪٿي ڏور سڱا ڪٿي چور سڱا'

*

'نٿو ٻار مڇ جو وار'

شعرن مان مثال:

"بندر بازاريون ميا ساموندين ري."
(شاهه: ساموندي)

"دائم جا درياهه ۾ ماڇي ڪني ڪوهه."
(شاهه: سهڻي)

"اڄ نه اوطاقن ۾ سنڌي جوڳين ذات."
(شاهه: رامڪلي)

"وڻڪر ۾ وائي ڪالهه تنهنجي ڪونجڙي."
(شاهه: ڏهر)

"ڏاتار تو تون، ٻيا سڀ سوالي سڀ مڱتا."
(شاهه: پرڀاتي)

"منهن تہ موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس."
(شاهه: آسا)

"نڪا ٻيو بازار ۾، نڪا چيلهه چٽ."
(شاهه: گهاتو)

"سر ۾ پسڪي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاهه."
(شاهه: ڪارايل)

"نڪو تارو آپ ۾، نڪو شمس شعاع.
(شاهه: ڪاموڏ)

”نڪا صحبت عراهيءَ سان، نڪي ميناسان مطلب،
ساقي سڀ سبب، سڄل سڪ وارن جو.“
(سچل: پيروي)
”سکن وار ٻون سو، ڏکن واري ڪا.“
(سچل: ڪوهياري)
”پورب سندي پار جا، ڪڪر ڪارونيارا“
(سچل: مارنگ)
”ڪريون ۽ ڪونڻيون، تہ بہ آخر ننگ تماچ تي.“
(سچل: ڪلياڻ)
”مڱڻو نہ محتاج، ماڻڪ موتي مال جو.“
(سچل: سورٺ)

بعضي فعل ۾ خود فاعل ۽ مفعول، ٻنهي جو مفهوم سمايل هوندو آهي، يعني جملي ۾ فاعل ۽ مفعول نہ بہ هجن، پر فعل ٻنهي جو پورائو ڪندو آهي، مثلاً:

ڏيئي ڇڏيندو سانس، چوندو هوم، آندا اٿنين وغيره.
استعمال:

مونکي ڪٿي ڳڌيو تہ **چوندو سانس.**

*

بس حال ڪهڙو ٿو ٻڇين، **آڻيون ۽ چاڙهيون.**

*

پڌنديون تہ ماٺ لڳي ويندءِ.

”سارو ڪالهہ ملير ۾، پر پري اڄ **ٻيام.**“
(سچل: ڪنيات)
”هيئن نہ ٻانئڻ ڪا هيم، تاڪي هيئن **ڪندام.**“
(سچل: ڪنيات)

”مــاروءَ جــي مقــام ڪـــان دور مَ ڏ ريجاهه.“

(شاهه: مارئي)

”مـــيـــرا لاڻا مارو ئين، سپ اوڏيائون صـــاف.“

(شاهه: مارئي)

”رهـبـر تـــي ريڙهيانس، سونهاري ساڻيهه ڏي.“

(شاهه: مارئي)

مصدر، اسم مفعول، اسم حاليه ۽ اسم استقبال جا صيغا فعل سان لاڳاپو رکندڙ آهن. مصدر تہ فعل جو بنياد آهي، جنهن مان ٻيا صيغا جڙندا آهن. جملي ۾ مذڪور صيغا اسم جي جاءِ وٺندا آهن ۽ فاعل، مفعول، مجرور، مضاف يا مضاف اليہ جي حيثيت سان استعمال ٿي سگهندا آهن.

مصدر جا مثال:

لکڻ پڙهڻ انسان لاءِ لازمي آهي.

*

نابين بہ لکڻ پڙهڻ سکندا آهن.

*

ڪريل جهاز کي ڏسڻ لاءِ ڪيترائي ماڻهو اچي مڙيا.

*

معذور ماڻهن لاءِ مختلف هنرن سکڻ جا ادارا کوليا ويا آهن.

”تـــڙ تڪڻ، تـــار گهڙڻ، ايءَ ڪانيارن ڪم.

(شاهه: سهڻي)

”ڏورڻ ملبهان ڏس، پونده هوت پنهونءَ جو.“

(شاهه: سسئي)

”ڏونـگر نہ ڏوري سگڻ جون سڏون ڪري.“

(شاهه: سسئي)

"موٽڻ جي مصلحت، مونکي ڏيوم جيڏيون."
(شاهه: مسئي)
"ڏنا ڄڻڻ لئي جيڏيون، ڏيرن مونکي ڏک."
(شاهه: مسئي)
"ٻُوڙ چڙ پيرن سين، وهڻ وساريج."
(شاهه: مسئي)
"سڏ م ڪر سڏڻ ريءَ، هلڻ ريءَ م هل،
جلڻ ريءَ م جل، روئڻ ريءَ متان روئين."
(شاهه: مسئي)
"توڙي لهين نه پير، توءِ راحت آهه رڙهڻ ۾."
(شاهه: معذوري)
"ميڪي جان ستياس، تان سيڪ سهڻ نه ڏني."
(شاهه: ديسي)
"وڃڻ تت پيوم، جت هلڻ ناهه حسن ريءَ."
(شاهه: مارئي)
"روڄن وڪر وڌائي، وَسڻ وَسُ ڪو."
(سچل: سارنگ)
"اجهاپي ڪا اڄ وسڻ ڪان اڳي وجي."
(سچل: سارنگ)
"آريءَ جي اچڻ جو، روز نهاريان راهه."
(سچل: ڪوهياري)
"مشڪل موٽڻ تن جو، جي مي لڪ لنگهن."
(سچل: ڪنياٽ)
"ٻڌڻ سان روئي ڪري، چولي ڪيائين چڪ."
(سچل: مانڪوس)

اسم مفعول جا مثال و
قيامت ڏينهن هٿا جيئرا ٿي اٿندا.
*
حساب ويل هر ڪنهن کي پنهنجو ڇيو ۽ ڪيو آڏو ايندو.
*
هو پنهنجو لکيو پڙهي نٿو سگهي.
*
ڏٺي تي اعتبار ڪجي ۽ ٻڌي تي نه.
شعر مان مثال:
”اٽ نه ڏيهي وڳ سين، ٻڌو چري نه ٻور.“
(شاهه: ڪنڀات)
”هڪ لڪڻي ٻئي نينهن، آئي اوليس اڀ ۾.“
(شاهه: سهڻي)
”وڍي تي وايون ڪري، ڪُٺل کو ڪاري.“
(شاهه: معذوري)
”ويا ات ووڙين، جت نهايت نام ڪا.“
(شاهه: ڪاهوڙي)
”پنهنجن سان پورو رهه، آيا ٿيهه مَ ٽار.“
(شاهه: رامڪلي)
”ڦريا پسي ڦيڻ، ڪٺرين ڪير نه ڇڪيو.“
(شاهه: ڏهر)
”چريو ڪريو لوڪ چوي، آهن ڪين چريا.“
(سچل: پيروي)
”پٺاريون پريون، آيون وسائي وڏا ڦڙا.“
(سچل: سارنگ)

”ٽانڊا ٽر ٽـيــان، ٽٽيون ٽوڙيون گڏيون.“
(سچل: پهاڙي)

”مولا وڇڙيون سـيـڙيـون، اولانـگي اوسر.“
(سچل: پهاڙي)

”قسمت قيد ڪٽي ڪيو، ڪٽان جي جائي.“
(سچل: ڪنيات)

”وَسُ نـہ وڃڻ جو، ٽو لـڪيو لوڙائي.“
(سچل: ڪنيات)

اسم مفعول ظرفي صورت ۾ بہ ڪم ايندو آهي، مثلاً:

”ويـچـن ويٺي نـي، دوس پيهي در آئيو.“
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

”ڏٺي ڏينهن ٿيام، ڪُهہ جاٺان ڪهڙا پرين.“
(شاهہ: سسئي)

”ويٺي ور نہ پون، سُتي ملن نـہ سهرين.“
(شاهہ: سسئي)

”ويٺي سـون ويـو، لڙي سج لڪن تان.“
(شاهہ: حسيني)

”جيڪي هُٿي ڪندا، سو جانب ڪريو جيئري.“
(شاهہ: حسيني)

”اهڙ يہ انـگـور سُتي سـيـريـن جـا.“
(شاهہ: رپ)

”وهـن ڏول وڃـان، آئي اچي گـڏيـون.“
(سچل: پهاڙي)

”اٿِي ويٺي تـن جا، اٿم خـواب خيال.“
(سچل: ڪنيات)

اسم حاليه جا مثال:

چٽهندا وسري ويِن، ڳاليندا ياد رهن.

*

ايندا سدائين سار، نہ ويندا ٿي ڪڏهن وسار.

*

ايندن جو آدر ڀاءُ ڪجي ۽ ويندن سان اڳيرو ٿجي.

*

مُئن جي ميراث تي نہ ڀاڙجي.

'جو چڙهندي تاءُ نہ ڪري، سو لهندي ڇا ڪندو.'

*

"اڻ چوندن ڪيم چؤ، چوندن ڇيو وسار."

(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

ايندن ٻيي خـبـرون، ويندن پيرين پـوءِ."

(شاهہ: حسيني)

اسم حاليه جي ظرفي صورت جا مثال:

"هلندي حبيبن ڏي، ڪرها مـوڙ مَ ڪنڌ."

(شاهہ: ڪنڀات)

"جهاڳيندي جر پٽيون، متان ڪرين ڪٽ."

(شاهہ: ڪنڀات)

"ٿيا پـيـر فقيرن جـا، چڙهندي جـڙهـاڪا."

(شاهہ: ديسي)

"ويندي وير ڇانگن جو، ڇريو ڪين ڇـڙو."

(سچل: ڪوهياري)

"ڪڍندي ڪاتـي، وڍائين ڪرت ڪهـار ٻه."

(شاهہ: سورٺ)

"مٺي ڪاٺ ڏيــاچ جي، **سڪندي** ٿيڙم سال."
(سچل: سورٺ)

"ست پڙهندي سرتيون، منهنجو ساهه سنڪو."
(سچل: پيروي)

اسم حاليه حي پڻيان تاڪيد خاطر 'ٿيي' يا 'هيي' پچاڙي شامل ٿيندي آهي، مثلاً: ڀڄنديئي، اُٿنديهي وغيره.

"لاتيون **ڪندي ٿي**، ڪانگــو هيٺ ڪري پيو."
(سچل: مالڪوس)

"ڪاڪيون **ڪتيندينئي**، پيم پنّور پريان سندو."
(سچل: مالڪوس)

اسم استقبال جا مثال:

مايا **اچڻي وڃڻي** آهي، ماڻهو ڪڏهن امير آهي، ته ڪڏهن فقير.

*

هڪ ڏينهن هر ڪنهن کي هي جهان **ڇڏڻو** آهي.

*

مون کي جو ڪجهه **چوڻو** هو، چئي ڇڏيم.

*

"هو ٻــي ڪين **اچڻو**، هــي ٻــي ڪين ويــو."
(سچل: آسا)

فعل معطوفي-

سنڌيءَ ۾ فعل معطوفي، جاڪاڻ ته گهڻو مرڪب ۽ مخلوط جملن جي ترڪيب ۾ ڪم ايندو آهي، تنهنڪري عبارت ۾ اهو ڪثرت سان استعمال ٿيندو آهي.

فعل معطوفيءَ جو لاڳاپو گهڻو ڪري مکيه فعل جي فاعل سان هوندو آهي، پر مفعول سان به ان جو جوڙ رهندو آهي، جيڪڏهن اهو جري يا عام صورت ۾ هوندو آهي.

فاعل سان لاڳاپي جا مثال:

سج اڀري مٿي ٿيو ته ٻوڏ جو پاڻي به **اڃي ڪڙڪيو.**

*

مسافر **ٻڪي وچي** گاڏيءَ ۾ چڙهيو.

*

ٿو ٻي ڪوهه ۾ لڳو **ڏيئي**، ٻڌل ٻار کي ٻاهر ڪڍيو.

مفعول سان لاڳاپي جا مثال:

انسان ماضيءَ جا ڪنڊر **ڏسي**، عبرت وٺي سگهي ٿو.

*

ٻار قيمتي شيشي کي **ڀڃي** پرزا پرزا ڪري ڇڏيو.

*

پرديس ۾ وطن کي ياد **ڪندي**، اڪثر اکين ۾ پاڻي تري ايندو هو.

*

فعل مجهول جي حالت ۾ فعل معطوفيءَ جو لاڳاپو نه فاعل سان ۽ نڪي مفعول سان رهندو آهي، مثلاً:

بي حس ماڻهن کي ذميداريءَ جو احساس **ڏياري** ڪجهه به حاصل نه ڪري سگهبو.

*

ٻنيءَ ۾ **ريج ڪري** روئبو ڪبو آهي.

*

هميشه چڱين ڳالهين تي **عمل ڪري** نيڪي حاصل ڪجي.

ڪڏهن فعل معطوفيءَ جو فاعل مکيه فعل جي فاعل کان مختلف هوندو آهي، مثلاً:

ڌرتي **ڏهندي**، سوين جانيون ڪري پيئون.

*

برسات پوندي، ميدانن ۽ رستن ۾ پاڻي بيٺي ويندو آهي.

*

جنگ لڳندي، گولن جا گهڻ ويران ٿي ويندا آهن.

استعمال:

”سک نہ آهي سڙي، کڻ پروڙي پيو.

(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

”ٻاڏيو منهن مونن ۾، غربت ساڻ گذار.“

(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

”چئج حال حبيب کي، نمي نوڙائي ڪنڌ.“

(شاهہ: ڪنڀات)

”ساٿي سفر هليا، پري جنگ جهاز.“

(شاهہ: سراڳ)

”ٻلئي ٻاڏيو سچ، آچيندي لڄ مران.“

(شاهہ: سراڳ)

”ساريو سهڙين کي، لڙڪ گهان سين پون.“

(شاهہ: سارنگ)

”سڪان ٿي سڪرات ۾، روبو ٻچان راهہ.“

(شاهہ: معذوري)

”ڏيئي ڏيکاري، ڦٽي دل فقير ويو.“

(شاهہ: مومل راڻو)

”ساري سناسين کي، رنڌم ساري رات.“

(شاهہ: رامڪلي)

”پکين ۾ ٻيهي، محلن جي متڙ لاهيان.“

(شاهہ: مارئي)

”آٿيو وجهن آهرين، روڙيو رتا ڳل.“

(شاهہ: مارئي)

"**گهڙي** مٿان گهر، ڏج پارانڀا پرينءَ کي."
(شاهه؛ پورب)

"سميون **ڪري** سينگار، راهه ريجهائڻ آئيون."
(شاهه؛ ڪاموڏ)

"**پڙهي ٻُجهي** علم تي، عمل نه آڻن."
(سچل؛ آسا)

"سُڃي **ڪري** سنڌڙي، واڇوڙو ويندو."
(سچل؛ آسا)

"**روئي** زاروزار، پرزو پرينءَ ڏي لکيوم."
(سچل؛ پرڀاتي)

"**وٺي** هليو خط، پانڌي پار پرينءَ جي،
روئي **روئي** رت، تنهن **هلندي** حال ونجايو."
(سچل؛ پرڀاتي)

"جبل سڀ **جهاڳي وڃي**، جيڏ ٻون ڏسان جت."
(سچل: ڪوهياري)

"**ڪريان ڪوهه** پنهور ٻ ور بنا **ويهي**."
(سچل؛ ڪوهياري)

"ڪيچان آيو قافلو، ڪنهوري **ڪٽي**."
(سچل؛ ڪوهياري)

"**سلهاڙي** ساٿ سان، ڪنهي هوت ويام.
(سچل؛ ڪوهياري)

"**ٻُتسي** مينهن مهر جا، مينهون اچ موٽيون."
(سچل؛ سارنگ)

"**ٻر چڙهي** باهر ٿيا، نيلا **نڪري** نڙ."
(سچل؛ ڪاريهر)

”چڙهيو سا چوڏول ۾، تي حڪم هلائي حور.“
(سچل؛ ڪليات)

”مٿي پڌي مـوڙ، ڪهريو تماجي تن ۾.“
(سچل؛ ڪليات)

”رڙيون سڻي رُليئن جون، سايو ڪيو ستار.“
(سچل: پهاڙي)

”آندءِ آڏائي، پڪـن مـان پنهوار جـي.“
(سچل: ڪنڀات)

”پڙهي پروانو، مونکي جلد جواب ڏي.“
(سچل: مالڪوس)

”ڪري قدمن تي پيئي، سَوَ لـک ڏج سلام.“
(سچل؛ مالڪوس)

فعل معاون جي نحوي صورت. جملي ۾ فعل معاون هميشه مکيہ فـعل سان گڏ ۽ ان جي پويان ايندو آهي؛ پر تاڪيد خاطر ان جي اڳيان به ايندو آهي ۽ شعر ۾ تہ ٻين لفظن وانگر اڳي پوءِ اچي سگهي ٿو، مثلاً؛

ميينهن پوي ٿو تہ ساوڪ ٿئي ٿي.

*

دل ٿي چوي تہ بوند پيئي وسي ۽ ملهار لڳو پيو هجي.

*

اڄ ڪلهہ نابين بہ لکي پڙهي ۽ راندين ۾ مقابلو ڪري سگهن ٿا.

*

مان ٿو چوانس، ڏسان تہ ڪيئن نہ ٿو مڃي.

شعر مان مثال:

”سون کي ڏا ماريِن، لونهان لهارن جا.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

”اچن ڏا آواز، سڻائي سمنڊ جا.“
(شاهه: سراڳ)

”ڪارون ڏي ڪرهان، تو در ايسي ناڪئا.“
(شاهه: سامونڊي)

”جن مهانگو لهي ميڙيو، سي ڏا هٽ هڻن.“
(شاهه: سارنگ)

”سڪن ڏيون سهاڳڻيون، سوڍا تنهنجي سٽ.“
(شاهه: مومل راڻو)

”اجهي ڏا اچن، ڪاڪ ڪڪوريا ڪاڙي.“
(شاهه: مومل راڻو)

”ڪري نه سگهان ڪاه، انهن سندي ڳالهڙي.“
(شاهه: ڪاهوڙي)

”آهيان عيب دار، سڪان ڏي سهاڳڻ ڪي.“
(شاهه: ليلان چنيسر)

”ڪونجون ڏيون ڪنڪن، جيڪس هلڻ هاريون.“
(شاهه: ڏهر)

”سهم پسان ڏي سومرا، پرينءَ ريءَ پيئي.“
(شاهه: مارئي)

”اڄ ڪر سنجهه صباح، ڏو ڏيئي ۽ ڏيهه ڏئين.“
(شاهه: ڪارايل)

”ليون لاٿا لاسيون، ڏو ليوڙ لوڙي.“
(سچل: ڪوهياري)

”توکي ڪري درد مان ٿي دردمندي دانهون.“
(سچل ۽ ڪوهياري)

”ڇپيءَ سندي چٽ، ٿي آئي عام خلق کي.“
(سچل، ڪيان)

”ناد وچن ٿا ناطقا، پيا پڇي رود رباب.“
(سچل ۽ ڪليان)

”جو ٿو ڪانگ چوي، سو سڄڻ سرتيون.“
(سچل ۽ مالڪوس)

شعر ۾ فعل معاون ڪڏهن ڪڏهن حذف ٿيل هوندو آهي، مثلاً؛

”جانب جدائيءَ جا ڀلڀل ڀون ڀور.“
(شاهه ۽ مومل راڻو)

”سڄڻ راهه رڳان ڪيئو، ڪارڻ ڪيچيڙن.“
(سچل ۽ ڪوهياري)

ڪن حالتن ۾ جملي ۾ فعل جي اڳيان ڪو ضمير استفهام يا ظرف ايندو آهي، ته فعل معاون ڪري پوندو آهي، مثلاً؛

ڇا ڏسي، ته سارو گهر ٻينگ ٿيو پيو آهي.

*

جان ڪٿي جاڳي نهاري، ته ڪاريءَ وارا ڪڪ.

*

جي اچي، ته سڄو گهر مٿي تي ٿو کڻي.

*

جيئن چوي، تيئن اسان ڪريون ٿا.

مٿين جملن ۾ ’ڏسي‘، ’نهاري‘، ’اچي‘ ۽ ’چوي‘ اصل فعل حال صيغا آهن، جن ۾ فعل معاون استعمال ٿيڻ گهرجي، پر سندن اڳيان ضمير استفهام ’ڇا‘ ۽ ظرف جا لفظ ’جان‘، ’جي‘ ۽ ’جيئن‘ آيل آهن، جن جي ڪري فعل معاون ’ٿو‘ ڪيرايو ويو آهي.

١٩- جملي ۾ لفظن جي ٻاڻ ۾ ربط يا لاڳاپو:

هن کان اڳ جملي جي تعريف ۽ ترڪيب ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ته جملو انهيءَ ڪلام کي چئبو آهي، جو لفظن جو مجموعو هجي، جنهن مان پورو مطلب نڪرندو هجي. ان مان ظاهر آهي ته معنيٰ يا مطلب پورو تڏهن نڪرندو، جڏهن جملي ۾ استعمال ٿيل لفظن جو ٻاڻ ۾ صحيح ربط يا لاڳاپو هوندو. هڪڙي لفظ جو ٻئي لفظ سان ڪهڙو لاڳاپو ٿي سگهي ٿو، تنهن جو حال جملي جي تجزيہ يا ورهاست مان معلوم ٿي سگهندو ۽ اهڙي تجزيہ کي **تفريق، تحليل يا ڇيد** چئجي ٿو.

اڳي ڄاڻايل بيان مطابق جملي ۾ ڇهن قسمن جا لفظ استعمال ٿي سگهن ٿا، اهي آهن:

اسم، ضمير، صفت، فعل، ظرف ۽ حرف.

هر ٻوليءَ کي لفظن جي ترتيب ۽ جوڙجڪ جو پنهنجو نظام آهي. سنڌيءَ کي به اهڙي نہ قاعدي تي ٻڌل مستند نظام آهي، جنهن موجب اصل محرڪ اسم هوندو آهي ۽ ضمير ان جو عيوضي يا قائم مقام ٿي ڪم ڪندو آهي، تنهنڪري اسم يا ضمير جو فاعل يا مفعول جي حيثيت ۾ سڌو سنئون فعل سان واسطو رهندو آهي. صفت، جو خاصيت جو پيو نالو آهي، ان جو اسم يا ضمير سان طبعي لاڳاپو هوندو آهي. ظرف جو تعلق به اڪثر ڪري فعل سان رهندو آهي، ڇاڪاڻ ته ظرف جو لفظ ئي فعل بابت مڪان، زمان ۽ طور طريقي جو تعين ڪندو آهي ۽ حرف اسم يا ضميري جي حالت ظاهر ڪندو آهي.

جملي کي مکيہ ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

١- هڪڙي ڀاڱي ۾ ڪم جو ڪندڙ ڄاڻايل هوندو آهي، جو جملي جي ابتدا ڪندو آهي، جنهن کي فاعل يا **مبتدا** چئبو آهي.

٢- ٻئي ڀاڱي ۾ ڪم ۽ ان جي نوعيت بيان ڪيل هوندي آهي، جنهن کي خبر چئبو آهي.

جملي جو فاعل، ڪو اسم، ضمير يا صفت جو لفظ ٿي سگهي ٿو، يعني 'مبتدا' ۾ فاعل پنهنجي صفت يا اضافت سان گڏ شامل هوندو آهي ۽ 'خبر' ۾ فعل ۽ ان سان واسطو رکندڙ لفظ، جهڙوڪ ظرف، حرف، اسم مفعول، اسم حاليه، ۽ انداز يا مقدار ظاهر ڪندڙ لفظ شامل هوندا آهن. صفت سان لاڳو ظرف کي صفت سان شامل ڪبو آهي.

'خبر' جو 'مبتدا' سان ٽن نمونن ۾ لاڳاپو هوندو آهي:

١- فاعل جي تعريف يا ان بابت ڳالهه ڪرڻ سان، مثلاً:

انسان مٽيءَ مان ٺهيل آهي.

*

سج روشني ۽ گرمي پيدا ڪندو آهي.

*

فقير کي دنيا جي لالچ نه هئڻ گهرجي.

٢- فاعل بابت سوال ڪرڻ سان:

در ڪنهن کوڙڪايو؟

*

جنگ ڪنهن کٽي؟

*

هن گهوڙي جو مالڪ ڪير آهي؟

٣- فاعل کي امر يا حڪم ڪرڻ سان:

ڪاش ٻيءَ ۾ الله جو شڪر بجا آڻ.

*

اٿ ۽ سفر جي تياري ڪر.

*

ڪتابن مان علم حاصل ڪريو.

اسم يا ضمير، فاعل يا مفعول جي حيثيت ۾، ڪڏهن مجرّد ٿي ڪم ايندو آهي ۽ ڪڏهن موصوف. مجرّد جي معنيٰ آهي ڇڙو يا اڪيلو ۽ موصوف جي معنيٰ آهي، صفت وارو. جيئن ته صفت جو لاڳاپو فقط پنهنجي موصوف سان هوندو آهي، تنهنڪري تفريق ۾ به صفت هميشه موصوف سان گڏ ڏيکاربي آهي ۽ ان کي فاعل يا مفعول جو لنگهه ڪرڻو آهي.

سادي جملي جي تفريق، جنهن ۾ فاعل مجرّد ۽ فعل لازمي استعمال ٿيل آهن:

جملا:

١. هيرو سخت ڏاڍو آهي.
٢. مڇي پاڻيءَ ۾ رهندي آهي.
٣. پکي هوا ۾ اڏامندا آهن.

تفريق:

مبتدا	خبر
هيرو	سخت ڏاڍو آهي.
مڇي	پاڻيءَ ۾ رهندي آهي.
پکي	هوا ۾ اڏامندا آهن.

فاعل موصوف ۽ فعل لازميءَ وارا جملا:

١. هوائي جهاز رفتار ۾ تيز هوندو آهي.
٢. عادل ۽ سخي حاڪم رعيت ۾ مقبول هوندو آهي.
٣. اونهاري جو ڏينهن وڏو ٿيندو آهي.

تفريق:

مبتدا		خبر
فاعل	فاعل جو نڳ	
جهاز	هوائي	رفتار ۾ تيز هوندو آهي.
حاڪم	عادل ۽ سخي	رعيت ۾ مقبول هوندو آهي.
ڏينهن	اونهاري جو	وڏو ٿيندو آهي.

فاعل مجرد ۽ مفعول مجرد وارا جملا:

١. طبيب بيمار کي دوا ڏني ٿو.
٢. هاري زمين ۾ ٻج ڇٽيندا آهن.
٣. قاضيءَ جوابدار کي سزا ڏني.

تفريق:

مبتدا	خبر		
فاعل	فعل	مفعول	
طبيب	ڏني ٿو	دوا	بيمار کي
هاري	ڇٽيندا آهن	ٻج	زمين ۾
قاضيءَ	ڏني	سزا	جوابدار کي

فاعل موصوف ۽ مفعول موصوف وارا جملا:

١. پوڙهو مالهي سهڻا گل ٻوٽا کيندو آهي.
٢. چوپايو مال خالص ۽ لذيذ کير ڏيندو آهي.
٣. عيالدار ماڻهو پورو پنو خرچ ڪندو آهي.

تفريق :

مبتدا		خبر		
فاعل	فاعل جو لڳاڙ	فعل	مفعول	مفعول جو لڳاڙ
مالهي	پوڙهو	پوکيندو آهي	گل	مٺا
مال	چوپايو	ڏيندو آهي	کير	خالص ۽ لذيذ
ماڻهو	عيالدار	ڪندو آهي	خرچ	پورو پنو

خبر واري ڀاڱي ۾، جيئن ته فاعل کانسواءِ باقي لفظ شامل ٿين ٿا، تنهنڪري انهن لفظن کي وڌيڪ ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. عام طرح ظرف ۽ حرف وارا لفظ، جي جملي جي معنيٰ کي واضح ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا آهن، تن کي وڌاءُ يا اضافو ڪري ليکيو آهي، ڇو جو جملي ۾ فاعل، فعل ۽ مفعول کانسواءِ ٻيا لفظ زائد هوندا آهن، جن کي ڪڍي ڇڏڻ سان جملي جي معنيٰ ۾ ڪو خلل پيدا نه ٿيندو، البت جملي جي احاطي، وسعت ۽ اهميت ۾ ڪمي ضرور واقع ٿيندي.

فعل ناقص واري جملي ۾ مطلق فعل کانسواءِ ٻيا ڪي اهڙا لفظ به استعمال ٿيندا آهن، جن تي خود فعل جو مدار هوندو آهي ۽ جن کانسواءِ فعل اڌورو ليکيو ويندو آهي، اهڙن لفظن کي فعل جو پورائو ڪندڙ يا متمم يا مدار سڏبو آهي.

جو ظرف فعل سان لاڳاپو رکندڙ هوندو، تنهن کي تفريق ۾ فعل جو لڳاڙ ڪري شمار ڪبو آهي. فعل معطوفيءَ جو صيغو، جو جملي ۾ ظرفي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي، سو بہ فعل جو لڳاڙ ڪري ليکبو آهي.

مثال خاطر ڪي جملا هيٺ ڏجن ٿا:

١. ڳوٺاڻا ماڻهو پري کان پاڻي آڻيندا آهن.
٢. جهنگلي جانور شڪار لاءِ رات جو ٻاهر نڪرندا آهن.
٣. ميربحر سڄي زندگي پاڻيءَ ۾ گذاريندا آهن.

تفريق:

مبتدا		خبر			
فاعل	فاعل جو لڳاءُ	فعل	مفعول	مفعول جو لڳاءُ	وڌاءُ
ماڻهو	ڳوٺاڻا	آڻيندا آهن	پاڻي	—	پري کان
جانور	جهنگلي	نڪرندا آهن	—	—	شڪار لاءِ رات جو ٻاهر
ميربحر	—	گذاريندا آهن	زندگي	سڄي	پاڻيءَ ۾

فعل جي مدار وارا جملا:

١- رات اونداهي آهي.
٢- ڏڪر ۾ هر شيءِ مهانگي ٿيندي آهي.
٣- خود غرض ماڻهو دوست نه ٿيندو آهي.

تفريق:

مبتدا		خبر				
فاعل	فاعل جو لڳاءُ	فعل	فعل جو مدار	مفعول	مفعول جو لڳاءُ	وڌاءُ
رات	—	آهي	اونداهي	—	—	—
شيءِ	هر	ٿيندي آهي	مهانگي	—	—	ڏڪر ۾
ماڻهو	خود غرض	ٿيندو آهي	دوست	—	—	نه

فعل جي لڳاءَ وارا جملا:

١- اٺ واريءَ تي ٽڪڙو هلندو آهي.

٢- زمين ۾ پوريل ٻه زور سان ڦاٽي پيو.

٣- ڪٽنيءَ ۾ مون ساري رات جاڳندي گذاري.

مبتدا		خبر					
فاعل	فاعل جو لڳاءُ	فعل	فعل جو لڳاءُ	فعل جو مدار	مفعول	مفعول جو لڳاءُ	وڌاءُ
اٺ	—	هلندو آهي	ٽڪڙو	—	—	—	واريءَ تي
ٻه	زمين ۾ پوريل	ڦاٽي پيو	زور سان	—	—	—	—
مون	—	گذاري	جاڳندي	—	رات	ساري	ڪٽنيءَ ۾

اضافت وارن جملن ۾ مضاف اليہ، مضاف جي تشريح ڪندو آهي، تنهنڪري تفريق ۾ ان جي حيثيت ٻہ صفت واري هوندي آهي، مضاف جيڪڏهن جملي ۾ فاعل يا مفعول ٿي استعمال ٿيندو تہ مضاف اليہ انہ جو لڳاءُ ڪري ليکبو.

مثال طور ڪي جملا هيٺ ڏجن ٿا:

١- ميينهن جو پاڻي پوک لاءِ فائديمند هوندو آهي.

۲- ڪريل جهاز جا نڪرا هڪ وڏي ايراضيءَ ۾ پڪڙيا پيا هئا.
۳- ”ڏيا تيل ٿليل جا پاريم تائين پانگ.“ (شاهه: موسل راڻو)
۴- ”ڪنگرا ڪونن جا پريان ڏٺا پاڻ.“ (سچل: سورٺ)

تفريق:

مبتدا		خبر					
فاعل	فاعل جو لڳاءُ	فعل	فعل جو لڳاءُ	فعل جو مدار	مفعول	مفعول جو لڳاءُ	وڌاءُ
پاڻي	سينهن جو	هوندو آهي	–	فائدي مند	–	–	پوک لاءِ
نڪرا	ڪريل جهاز جا	پيا هئا	پڪڙيا	–	–	–	هڪ وڏي ايراضيءَ ۾
(م)	–	پاريم ۱			ڏيا	تيل ٿليل جا	تائين پانگ
پاڻ	–	ڏٺا	–	–	ڪنگرا	ڪونن جا	پريان

۱- ’پاريم‘ فعل ۾ متڪلم واحد جي صيغي وارو متصل ’م‘ شامل آهي جو جملي ۾ فاعل آهي.

فعل معطوفي يا اسم حاليه جا صيغا، جي جملي ۾ ظرفي حيثيت رکندا آهن، سي پڻ تفريق ۾ فعل جو لڳاءُ ڪري شمار ڪبا آهن، مثلاً

١. بادشاهہ وزير جي ڳالهہ ٻڌي ڪلي ڏنو.
٢. يتيم ڇوڪر سڏڪا ڀريندو منهنجي اڳيان اچي بيٺو.
٣. هن ڪلندي ڳالهائيندي منهنجي ڳچيءَ مان سونو هار لاهي ورتو.
مٿين جملن ۾ 'ٻڌي' ماضي معطوفيءَ جو صيغو ۽ 'سڏڪا ڀريندو' ۽ 'ڪلندي ڳالهائيندي' اسم حاليہ جا صيغا آهن.

تفريق:

مبتدا		خبر						
فاعل	فاعل جو لڳاءُ	فعل	فعل جو لڳاءُ	فعل جو مدار	مفعول	مفعول جو لڳاءُ	وڌاءُ
بادشاهہ	—	ڪلي ڏنو	ٻڌي	—	ڳالهہ	وزير جي	—
ڇوڪر	يتيم	اچي بيٺو	سڏڪا ڀريندو	—	—	—	منهنجي اڳيان
هن	—	لاهي ورتو	ڪلندي ڳالهائيندي	—	هار	سونو	منهنجي ڳچيءَ مان

وڌاءَ ۾ عام طرح اهي لفظ آيا آهن، جي ظرفي يا جري صورت ۾ هوندا آهن ۽ جن جو فاعل، فعل يا مفعول سان لازمي يا سڌو سنئون تعلق نہ هوندو آهي.

ڪي مجرور لفظ جملي ۾ مفعول جي حيثيت رکندا آهن، اگرچہ انهن سان حرف جر لاڳو ٿيل هوندو آهي ۽ اهڙن لفظن کي تفريق ۾ مفعول ڪري لکيو ويندو آهي، جاڪاڻ تہ اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن حرف جر کي حذف ڪري ڇڏبو تڏهن بہ جملي جي معنيٰ ۾ ڪو فرق نہ پوندو، مثلاً:

١. سپاهيءَ چور جي پٺيان گهوڙي کي ڀڄايو.
٢. هنن لاوارث لاش کي دفن ڪري ڇڏيو.
٣. ”منهنجي آہ اها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي.“
(شاهہ: مارئي)
٤. ”ونڊر ۾ ويهان، ڦولن پيون پرينءَ کي.“
(سچل، ڪوهياري)
٥. ”تينهين جي تاثير، واسيو شهر ڀنڀور کي.“
(سچل، ڪوهياري)

مٿين مثالن ۾ 'کي' حرف جر ڪڍي ڇڏبو تہ مجرور لفظ سڌا سنوان مفعول جي صورت وٺي بيهندا، جيئن هيٺ ڏيکاريو ويو آهي:

'گهوڙي کي ڀڄايو'، گهوڙو ڀڄايو.
'لاش کي دفن ڪري ڇڏيو'، لاش دفن ڪري ڇڏيو.
'ڪيرائيندي ڪوٽ کي'، ڪيرائيندي ڪوٽ.
'ڦولن پيون پرينءَ کي'، ڦولن پيون پرين.
'واسيو شهر ڀنڀور کي'، واسيو شهر ڀنڀور.

تفريق :

مبتدا		خبر					
فاعل	فاعل جو لڳاءُ	فعل	فعل جو لڳاءُ	فعل جو مدار	مفعول	مفعول جو لڳاءُ	وڌاءُ
سپاهيءَ	—	ڀڄايو	—	—	گهوڙي کي	—	چور جي پٺيان
هنن	—	دفن ڪري ڇڏيو	—	—	لاش کي	لا وارث	—
آءٌ	منهنجي، اها	ڪيرائيندي	—	—	ڪوٽ کي	—	ڪڏهن
ويهان	—	ڦولن پيون	—	—	ٻرينءَ کي	—	وندر ۾
تاثير	تينهين جي	واسيو	—	—	پنيور کي	شهر	—

فعل مجهول ۽ اڪرترڪ وارن جملن جي تفريق :

فعل مجهول جي جملي ۾ اصل فاعل ڏنل نہ هوندو آهي، پر مفعول ان جو قائممقام هوندو آهي ۽ انهيءَ قائم مقام مفعول کي فاعل جي حيثيت ملندي آهي ۽ سندس لڳاءُ کي فاعل جو لڳاءُ ڪري ليکبو آهي، مثلاً :

١. نالائق شاگرد امتحان ۾ ناپاس ڪيا ويندا آهن. ٢. خيرات مسڪينن ۽ محتاجن کي ڏبي آهي. ٣. ڪالهه رات چنڊ ڪونه ڏٺو ويو. ٤. هھڙين حالتن جي ڪري سفر نه ڪري سگهبو. ٥. الله جي تعريف کي حمد چيو ويندو آهي.

تفريق:

مبتدا		خبر					
فاعل	فاعل جو لڳاءُ	فعل	فعل جو لڳاءُ	فعل جو مدار	مفعول	مفعول جو لڳاءُ	وڌاءُ
شاگرد	نالائق	ناپاس ڪيا ويندا آهن	—	—	—	—	امتحان ۾
خيرات	—	ڏبي آهي	—	—	—	—	مسڪينن ۽ محتاجن کي
چنڊ	—	ڏٺو ويو	ڪونه	—	—	—	ڪالهه رات
سفر	—	ڪري سگهبو	نه	—	—	—	هھڙين حالتن جي ڪري
حمد	—	چيو ويندو آهي	—	—	—	—	الله جي تعريف کي

فعل اڪرترڪ واري جملي جو ڇيدءُ ِ م طرح نه ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ فاعل توڙي مفعول موجود

نہ هوندا آهن، فقط فعل ئي ظاهر هوندو آهي، اگرچہ اهڙي فعل ۾ هڪ مڪمل جملي جي معنيٰ سمايل هوندي آهي. البت اهڙو جملو، جيڪڏهن مخلوط جملي جو ڀاڱو يا تابع جملو ٿي استعمال ٿيندو، تہ ان کي جدا جملو شمار ڪري، ان جو ڇيد ڪري سگهجي ٿو. اهڙا مثال هيٺ مخلوط جملي جي ڇيد ۾ ڏنا ويا آهن.

مرڪب ۽ ملتف يا مخلوط جملن جي تفريق:

مرڪب ۽ مخلوط جملن ۾، جاڪاڻ تہ هڪ کان وڌيڪ جملا حرف عطف جي ذريعي ڳنڍيل هوندا آهن، تنهنڪري ڇيد ڪرڻ لاءِ حرف عطف کي ڪڍي، هر هڪ جملي کي هڪ جدا جملو شمار ڪبو آهي، مثلاً:

مرڪب جملا:

١. سياڻو ماڻهو گهرج کان وڌيڪ خرچ نہ ڪندو آهي، نہ وري قرض ڪٺندو آهي.
٢. الله جو خوف انسان کي بي نياز ڪري ٿو ۽ دنيا جو خوف کيس بزدل بڻائي ٿو.
٣. گهڻا ماڻهو هر ڳالهہ ۾ پنهنجو فائدو سوچيندا آهن، پر ٻئي جو ڀلو نہ چاهيندا آهن.
٤. ٻار قوم جو نهايت قيمتي سرمايو آهن، تنهنڪري انهن جي حفاظت ۽ صحيح تربيت ضروري آهي.
٥. مون دوست کي پيسا ڏنا آهن، تہ منهنجي لاءِ هڪ سٺي واچ وٺي اچي.
٦. ”سڙيا مڇ هزار، ڀاڱا ٿيندي سهڻي.“
(شاهہ سهڻي)
٧. ”مون کي گهرجين تون، لوڪ رلو ئي گهوريو.“
(سچل: ڪوهياري)
٨. ”لٿا ليڙون ليڙ ٿيا، تي ڀوتي ڀرائي،
تہ بہ راڻي جي راڻي، سرتيون سڏن سانيهہ ۾.“
(سچل: راڻو)

تفريق :

مبتدا		خبر					
فاعل	فاعل جو لاڳاپو	فعل	فعل جو لاڳاپو	فعل جو مدار	مفعول	مفعول جو لاڳاپو	وڌاءُ
ماڻهو	سياڻو	ڪندو آهي	نه	—	خرچ ١	گهرج کان وڌيڪ	—
(هُو) ٢	—	ڪڍندو آهي	نه	—	قرض ٣	—	وري
خوف	الله جو	ڪري ٿو	بي نياز	—	انسان کي	—	—
خوف	دنيا جو	بڻائي ٿو	بزدل	—	ڪيس	—	—
ماڻهو	گهڻا	سوچيندا آهن	—	—	فائدو	پنهنجو	هر ڳالهه ۾
(آهي) ٤		چاهيندا آهن	نه	—	ڀلو	ٻئي جو	

١. 'خرچ ڪندو آهي' هڪو فعل به شمار ڪري سگهجي ٿو.

٢. هن جملي جي ٻئي ڀاڱي جو فاعل به ساڳيو 'ماڻهو' آهي، پر هڪ ئي جملي ۾ ساڳئي اسم کي وري وري استعمال ڪرڻ بدران ضمير استعمال ڪبو آهي، جو هتي ٿيندو 'هو' جو تفريق ۾ ڳجهو ڏيکاريو ويو آهي. ٣. 'قرض ڪڍندو آهي' هڪو فعل به ٿي سگهي ٿو.

٤. پهرئين مثال وانگر هتي به اسم جي بجاءِ ضمير 'آهي' ڳجهو ڏيکاريو ويو آهي.

مبتدا		خبر					
فاعل	فاعل جو لڳاءُ	فعل	فعل جو لڳاءُ	فعل جو مدار	مفعول	مفعول جو لڳاءُ	وڌاءُ
ٻار	—	آهن		نهايت قيمتي	—	--	قوم جو
حفاظت،	انهن جي،	آهي	—	سرمايو			
تربيت	صحيح			ضروري	—	—	—
مون		ڏنا آهن	—	—	دوست کي۴، پيسا		
(هُو)۵		ولي اچي			واڄ	هڪ سڦي	منهنجي لاءِ
[illegible]	هزار۶	سڙيا	—	—	—	--	--
سهڻي	—	ٿيندي	—	ٻاڳا	—	—	—

۵،۴. هن جملي ۾ ٻه مفعول ڪم آيل آهن: هڪ آهي 'پيسا' جو سڌو مفعول آهي ۽ ٻيو آهي 'دوست کي' جو اڻ سڌو مفعول آهي ۽ جملي جي ٻئي ڀاڱي جو فاعل ضمير 'هو' ڳجهو آهي.

۶. هن جملي ۾ لفظ 'هزار' صفت جي حيثيت ۾ فاعل جو لڳاءُ ڏيکاريو ويو آهي، پر اهو لفظ 'انداز' جي معنيٰ ۾ ظرف به ٿي سگهي ٿو، جو فعل جو لڳاءُ ڏيکاري سگهجي ٿو.

مبتدا		خبر					
فاعل	فاعل جو لاڳاپو	فعل	فعل جو لاڳاپو	فعل جو مدار	مفعول	مفعول جو لاڳاپو	وڌاءُ
مونکي	—	گهرجين	—	—	تون	—	—
لوڪ	—	گهوريو	رلوئي	—	—	—	—
لٽا	—	ٿيا	—	ليڙون ليڙ	—	—	—
ٻوتي	—	ٿي	—	پرائي	—	—	—
سرتيون	—	سڏن	—	—	رائي	رائي جي	تہ ٻہ سائيهہ ۾

مخلوط جملا:

١. الله جي مرضي هوندي تہ ڪم ٿيندو. ٢. پاڻکي ايتري تڪليف نہ ڏي، جو سهي نہ سگهين.
٣. هن ڪتي کي ايترو ماريو، جو اڪٽ مري ويو. ٤. جيڪا تون پنهنجي ملڪيت سمجهين ٿو، سا تو وٽ امانت آهي. ٥. جي مان هن کي وڏيڪ ڪجهہ چوندس، تہ نہ فقط هو ناراض ٿيندو، پر مخالف ٿي ڪو قدم کڻي وهندو.
٦. ”اکيون مُنهن ميهار ڏي، جن رکيون جوڙي، ريءَ سنڌ سيد چئي، تار گهرن توڙي،
تني ڪي ٻوڙي، ساهڙ سگهي ڪينڪي.“ (شاهہ: سهڻي)
٧. ”ڪونهي ات ڪوهيار، جت تو پوري پاڻيو.“ (شاهہ: سسئي)
٨. ”عشق جنين سان غمزو لاتو، علم نہ سي ٻيو پڙهندا.“ (سچل: ڪوهياري)

تفريق :

فاعل	فاعل جو لڳاءُ	فعل	فعل جو لڳاءُ	فعل جو مدار	مفعول	مفعول جو لڳاءُ	وڌاءُ
مبتدا		خبر					
مرضي	الله جي	هوندي	—	—	—	—	تہ
ڪم	—	ٿيندو	—	—	—	—	—
(تون)	—	ڏي	نہ	—	تڪليف، ٻاٺڪي	ايتري	—
(تون)	—	سهي سگهين	نہ	—	—	—	جو
هن	—	ماريو	ايترو	—	ڪتي کي	—	—
(اهو)	—	مري ويو	اُٿت	—	—	—	جو
تون	—	سمجهين ٿو	—	—	ملڪيت	جيڪا، پنهنجي	—
سا	—	آهي	—	امانت	—	—	تو وٽ
مان	—	چوندس	—	—	هنکي، ڪجهہ	وڌيڪ	جي
هو	—	ٿيندو	—	ناراض	—	—	تہ، نہ فقط
(هو)	—	کڻي وٺندو	—	—	قدم	ڪو	پر، مخالف ٿي

مبتدا		خبر					
فاعل	فاعل جو لڳاءُ	فعل	فعل جو لڳاءُ	فعل جو مدار	مفعول	مفعول جو لڳاءُ	وڌاءُ
جن	—	جوڙي رکيون	—	—	اکيون	—	منهن ميهار
سيڌ	—	چٺي	—	—	ريءَ سنڌ تارڳهرن	—	ڏي
ساهڙ	—	ٻوڙي سگهي	ڪينڪي	—	تني کي	—	توڙي
							—
ڪوهيار	—	ڪونهي	ات	—	—	—	—
تسو	ٻوري	ٻانيو	جت	—	—	—	—
عشق	—	لاتو	—	—	غمزو	—	جني سان
سي	—	پڙهندا	نم	—	علم	پيو	—

٢٠- وقف يا بيهڪ جون نشانيون:

ڪنهن بہ ٻوليءَ جي عبارت ۾ وقف يا بيهڪ جون نشانيون وڏي اهميت رکن ٿيون، ڇاڪاڻ تہ انهن کانسواءِ لکڻ، پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ مونجهارو پيدا ٿي سگهي ٿو. وقف جي نشانين جو صحيح استعمال اڃا بہ وڌيڪ اهم آهي، ڇو جو انهن جي بيجاءِ يا غلط استعمال جي ڪري جملي جو مطلب هڪ جو ٻيو ٿي ڪرندو آهي، مثلاً:

١. چوريءَ جي تهمت نثار تي، نه رفيق تي آهي.
٢. چوريءَ جي تهمت نثار تي نه، رفيق تي آهي.

مٿيان ٻئي جملا، اگرچه تحرير ۾ ساڳيا آهن، پر هرهڪ جو مطلب نرالو آهي، اهو انهيءَ ڪري جو بيهڪ جي نشاني اڳي پوءِ ڏنل آهي. پهرئين جملي جو مطلب آهي، ته چوريءَ جي تهمت نثار تي آهي ۽ ٻئي جملي ۾ ڏيکاريل آهي ته چوريءَ جي تهمت رفيق تي آهي.

عبارت جي هڪ فقري جو مثال:

'سال ٿيا آهن اوسيڙي ۾ وهڻ ٿئو پڇي آخر ته ڪجهه ڪرڻو آهي پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجن ٻچن جي لاءِ ڪيترو پاڙي پتيءَ جي رحم ڪرم تي پاڙي ائين هٿ ٻڌي ويهي رهجي.'

مٿئين فقري ۾ وقف جون نشانيون ڏنل ڪونهن، تنهنڪري پڙهڻ سان اهو نٿو سمجهي سگهجي، ته ڪهڙا لفظ ڪهڙن لفظن سان لاڳاپو رکن ٿا ۽ عبارت جو صحيح مفهوم ڇاهي. وقف جي نشانين ڏيڻ سان عبارت جي صورت هيٺينءَ ريت ٿيندي:

الف. سال ٿيا آهن، اوسيڙي ۾ وهڻ نٿو پڄي. آخر ته ڪجهه ڪرڻو آهي. پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجن ٻچن جي لاءِ ڪيترو پاڙي پتيءَ جي رحم ڪرم تي پاڙي، ائين هٿ ٻڌي ويهي رهجي.

ب. سال ٿيا آهن اوسيڙي ۾، وهڻ نٿو پڄي. آخر ته ڪجهه ڪرڻو آهي پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجن ٻچن جي لاءِ. ڪيترو پاڙي پتيءَ جي رحم ڪرم تي پاڙي، ائين هٿ ٻڌي ويهي رهجي.

مٿئين فقري جي ٻن صورتن ۾ ڏسجي ٿو ته وقف جي نشانين جي موقف يا جاءِ مٽائڻ سان مطلب ۾ ڪيڏو نه ڦيرو اچي ٿو وڃي. تنهنڪري لکڻ واري تي لازم آهي، ته ڪم آندل جملن يا عبارت ۾ صحيح وقف جي نشانين جو صحيح

جاين تـي استعمال ڪري، جيئن پڙهندڙ ڪـي صحيح مطلب حاصل ٿي سگهي.

اڳئين زماني ۾ ٻولين، جهڙوڪ عربي، فارسي وغيره ۾ وقف جي نشانين جو استعمال هوندو ئي ڪونہ هو، يا وري هو تہ ورلي ۽ ڇڊو ڇاڊو. اهڙي حالت ۾ جملي جـي صحيح معنيٰ دريـافت ڪرڻ پڙهندڙ جي مهارت ۽ ذهنـي فهم ۽ فراست تي ڇڏيل هو. البت ڪي مختصر نشانيون، جهڙوڪ: '-'، '+' ۽ 'O' جملن يا فقرن جي پڇاڙيءَ ۾ استعمال ٿينديون هيون ۽ اڃا تائين بہ ڪنهن حد تائين ٿينديون رهن ٿيون، مگر هاڻـي انـگريزي ٻـوليءَ جي اثر هيٺ عربي ۽ فارسيءَ ۾ بہ وقف جي نشانين جو استعمال ٿيڻ لـڳو آهي، ۽ سنڌي ٻوليءَ تي تہ ڄڻ انگريزي ٻوليءَ جي وقف جي نشانين جي ڇاپ لـڳي ويئي آهي، جو جيڪي نشانيون انـگـريـزيءَ ۾ استعمال ٿين ٿيون، سيئي سنڌيءَ ۾ بہ استعمال ٿيڻ ۾ اچن ٿيون.

وقف جون نشانيون ٻن قسمن جون آهن: هڪڙيون اهي، جي جملي جي وچ ۾ واقع ٿينديون آهن ۽ ٻيون جملي جـي آخر ۾ ايندڀون آهن.

١. جملي جي وچ ۾ واقع ٿيندڙ وقف جون نشانيون:

ڪاما يا هلڪو دم (،)- هـيءَ وقـف جـي نشانـي 'اُبتي واو' جـي شڪل جهڙي هـونـدي آهـي، جا جملي ۾ ڪثرت سان استعمال ٿيندي آهي، ۽ اها سڀني نشانين ۾اهميت واري هوندي آهي. ڪاما يا هلڪي دم استعمال ڪرڻ جو مقصد جملي کي ننڍن ننڍن ڀاڱن ۾ ورهائي، ان جو مطلب ظاهر يا واضح ڪرڻ هوندو آهي.

نـوٽ: عربي ۽ فارسيءَ ۾ وچ واريـون وقـف جـون نشانيون استعمال ڪونہ ٿينديون آهن. سنسڪرت ۾ اڌ دم لاءِ '۱' ۽ سڄي دم لاءِ '۱۱' نشانيون استعمال ٿينديون آهن.

ڪاما يا ھلڪي دم جو استعمال ھيٺين حالتن ۾ ٿيندو آھي:

ا۔ جملي ۾ ھڪ کان وڌيڪ سلسليوار لفظن، اصطلاحن ۽ جملي جي ڀاڱن کي ڪاما يا ھلڪي دم جي ذريعي الڳ ڪبو آھي، ۽ اھڙي سلسلي جي پوئين لفظ يا ڀاڱي جي اڳيان حرف عطف ايندو آھي، مثلاً:

اسان جي ملڪ ۾ ڪڻڪ، چانور، جوئر، سڱئي، ڪپھ ۽ ڪمند جي پوک ٿيندي آھي.

*

عورت جو مکيھ ڪم آھي رڌڻ پچائڻ، سبڻ، ٻارن جي پرورش ڪرڻ، گھر جو انتظام سنڀالڻ ۽ پنھنجي خاوند جي خدمت ڪرڻ.

*

اورنگزيب نيڪ، ايماندار، رحمدل ۽ عادل بادشاھ ٿي گذريو آھي.

*

اسان، توھان ۽ ٻيا سڀ ھڪ ئي خدا جا خلقيل آھيون.

*

صبح شام، ڏينھن رات، ويھي ويٺي ۽ سمھي الله کي ياد ڪرڻ گھرجي.

ب۔ سلسلي وار لفظ يا اصطلاح، جي حرف عطف سان ڳنڍيل ھجن، تن ۾ ڪاما يا ھلڪو دم استعمال نہ ڪجي، مثلاً:

زخمي اٿي پيو ڦيرانيون کائي ۽ ليٽي ۽ رڙي.

ت۔ جملي ۾ افتتاحي لفظ يا اصطلاح ڪاما جي ذريعي باقي لفظن کان الڳ ڪري بيھاريا آھن، مثلاً:

ڏڪار جا ماريل، ڪڪرن جي ڪڙڪاٽ تي ماڻھو خوشيون ڪرڻ لڳا.

*

مت جا موڙها، ڪيترائي ڳوٺاٺا شهرن ۾ لڳن جي ور چڙهي ويندا آهن.

ث- فعل معطوفي يا اسم حاليه جي لفظن جي سلسلي ۾ به ڪاما يا هلڪو دم استعمال ٿيندو آهي، جيئن هيٺ ڪن مثالن ۾ ڏيکاريل آهي:

اقبال هر روز صبح جو وضوءَ ڪري، نماز پڙهي، قرآن مجيد جي تلاوت ڪري ۽ ماني کائي پوءِ اسڪول ويندو آهي.

*

سياري جي ٿڌي خوفناڪ ۽ اونداهي رات ۾، هو ٿڙڪندو، ڇرڪندو، ٿڙندو ٿاٻڙندو ۽ ڏڪا کائيندو وڃي ڪنهن ڳوٺ کي ويجهو ٿيو.

*

معاشري ۾ اٿندي وهندي ۽ ڳالهه ٻولهه ڪندي ادب ۽ اخلاق کي ڌيان ۾ رکجي.

ج- مرڪب جملن جي ڀاڱن کي ڪاما ڏيئي الڳ ڪبو آهي، ۽ اهڙي حالت ۾ ڪاما حرف عطف کان اڳ اچڻ گهرجي، مثلاً:

ڪڪر مڙي آيا آهن، ۽ اجهو ٿو مينهن وسي.

*

لئبرريءَ ۾ ڪتاب ته گهڻائي موجود آهن، پر پڙهڻ وارو ڪو ڪونهي.

اهڙي مرڪب ترڪيب، جنهن ۾ حرف عطف ڪم آيل هجي ۽ اها فاعل يا خبر ٿي ڪم اچي، تنهن ۾ ڪاما استعمال نه ڪجي، مثلاً:

چور دروازو اندران بند ڪيو، ۽ ڪنجون هٿ ڪري کهٽ ڪولڻ لڳو. (هتي ڪاما نه ڏيڻ گهرجي)

صحيح جملو هيئن ٿيندو: چور دروازو بند ڪري ۽ ڪُنجون هٿ ڪري ڪٿ ڪوان لڳو.

ح- بياني جملي جي مختلف ڀاڱن کي هلڪي دم جي ذريعي ورهائبو آهي، مثلاً:

قلعي جي ديوار ويهه هزار فوٽ ڊگهي، پنج فوٽ ويڪري، ۽ چاليهه فوٽ اوچي آهي.

*

مينهن آلي بر وٺا، گاهه آپريا، وڻ ٽڻ ساوا ٿيا، ترايون ۽ تل پريا، ۽ سنگهار سرها ٿيا.

*

حڪومت جيڪڏهن مخلص هوندي، هرهڪ جي حقن جي حفاظت ڪندي، ۽ رعيت کي خوش رکندي، ته اها مستحڪم ۽ مضبوط ٿيندي.

خ- شرطي جملن يا ضمير موصول ۽ جواب موصول وارن جملن جي ڀاڱن کي ڪاما ڏيئي الڳ ڪبو آهي، مثلاً:

جيڪڏهن تون ٻاهر ڀاڳ نه ڪڍين، ته مان توکي پنهنجو راز ٻڌايان.

*

تون ڪئي ڪيتري به ڪوشش ڪندين، ته به پنهنجي ارادي کان نه ڦرندس.

*

جيڪو به سون وٽ آيو پئي، تنهن کان پئي ڏس پنڌ پڇيم.

*

'اهو ڪجهه ڪجي، جو آئيءَ ويل ڪم اچي.'

د- جملي جي انهن لفظن يا ڀاڱن کي ڪاما جي وسيلي الڳ ڪجي، جيڪي ضروري سمجهائي يا وضاحت لاءِ استعمال ڪيا وڃن، مثلاً:

ڪراچي، سنڌ جي گادي، پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو شهر آهي.

*

فرزانه، ثمينه جي ڀيڻ، هڪ نهايت ذهين ڇوڪري آهي.

ذ- معترضه جملي کي هميشه ڪاما سان الڳ ڪبو آهي، مثلاً:

سلطانه رضيه، خدا مٿس رحمت ڪري، ڏاڍي عقلمنديءَ ۽ مردانگيءَ سان حڪومت هلائي.

*

تنهنجو ڇوڪرو، الله ڏينهن ڏئيس، ڏاڍو سلڇڻو آهي.

*

توهان، مان سمجهان ٿو، منهنجي پيءُ جا پراڻا دوست ٿا ڏسجو.

*

هو، خدا نه ڪري، ڪنهن مصيبت ۾ نه پوي.

ر- متضاد جنس يا معنيٰ وارن لفظن کي ڪاما جي ذريعي جدا ڪبو آهي، مثلاً:

عورت هجي يا مرد، پڪو هجي يا جوان، مسڪين هجي يا مالدار ۽ سکيو هجي يا هيڻو، مڙني کي زندگيءَ جي ڏک ڏوڙ ۾ شامل ٿيڻو پوي ٿو.

*

صبح هجي يا شام، ڏينهن هجي يا رات ۽ روشني هجي يا اونداهي، انڌي جي لاءِ مڙئي ساڳي ڳالهه آهي.

*

ڏک توڙي سک ۾، بيماريءَ توڙي توانائيءَ ۾ ۽ مشغوليءَ توڙي واندڪائيءَ ۾ دل کي ذڪر فڪر کان ٻالهو نه رکجي.

ز- ظرفي لفظن ۽ اصطلاحن کي ڪاما سان الڳ ڪبو آهي، مثلاً:

ها، مان تنهنجي مدد ڪندس.

*

نه نه، مان اها ڳالهه ڪنهن کي نه ٻڌائيندس.

*

ويچاري، شرم کان، ڪنڌ ڪٺي هيٺ ڪيو.

مرڪب جملن ۾ ظرفي لفظن کي سيميڪولن يا اڌ دم اچڻ ڪانپوءِ ڪاما ڏبي آهي، جيئن هيٺين مثالن ۾ ڏيکاريو ويو آهي:

وقت اچي پريو آهي، پوءِ، تنهنجي ڇا مرضي آهي؟

*

مون تو سان وعدو ڪيو آهي، البت، اهو ڪم ڏکيو آهي.

ڪي صفتون ظرفي صورت ۾ استعمال ٿينديون آهن، جن جو بيان اڳ اچي چڪو آهي. اهڙا ڪي لفظ، مثلاً: ٻهريون، ٻيو ۽ ٽيون وغيره، جي جملي ۾ سلسلي طور استعمال ٿيندا، ته هرهڪ جي پٺيان ڪاما ايندي، مثلاً:

منهنجي نه اچڻ جا ڪي سبب آهن: پهريون، ته ماڻهو گهٽا هئا، ٻيو، ته ڪنڌڪي ڏاڍي هئي ۽ ٽيون، ته مون کي گهٽن ماڻهن ۾ مونجهه ٿيندي آهي.

جملي ۾ حرف عطف، جهڙوڪ: تہ، تنهنڪري، پر، ڇاڪاڻ ته، ڇوجو، مگر وغيره جي اڳيان ڪاما ايندي آهي، مثلاً:

ماڻهو چون ٿا، پر مون کي اعتبار نٿو اچي.

*

بيماري عام ٿي پيئي آهي، ڇوجو ڪاڏي جون شيون نج نٿيون ملن.

*

امتحان اچي ويجهو پيو آهي، تنهنڪري مان وڌيڪ وقت ترسي نہ سگهندس.

س ـ صفت جا اهي لفظ، جي موصوف جي پويان اچن، تن کي ڪاما ڏيئي الڳ ڪبو آهي، مثلاً:

هاٿي، مست ۽ ڪاوڙ ۾ ڀريل، ماڻهن جي ميڙ ۾ ڪاهي پيو.

*

گلاب جو گل، سهڻو ۽ خوشبوئدار، هرڪنهن کي پسند هوندو آهي.

جملي ۾ فاعل، مفعول يا مجرور اسمن سان لاڳاپو رکندڙ لفظن کي ڪاما جي ضرورت نہ هوندي آهي، مثلاً:

گندي پاڻيءَ جون ناليون ڏکيل هئڻ گهرجن.

*

سياري جي اس وڻندي آهي.

*

ڪڪرن سان ڇانيل آسمان مان سج جا سونهري ڪرڻا جهاتيون پائي رهيا هئا.

ش ـ جملي ۾ احساس ظاهر ڪندڙ لفظن جي پٺيان ڪاما ايندي آهي، مثلاً:

الله ڪري، مان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيان!

*

مار، مون تہ يقين ئي نٿي ڪيو!

*

هاءِ هاءِ، منهنجون سڀ اميدون خاڪ ۾ ملي ويئيون!

*

واهہ واهہ، بيشڪ تون مڙس آهين!

*

آنهن، مان تہ ڪين نهاريندس ني ڪونہ!

ص- جملي ۾ ڪڏهن ڪڏهن لفظن يا عبارت کي حذف ڪري ڇڏبو آهي ۽ انهن ڇڏيل لفظن جي جاءِ تي ڪاما ڏبي آهي، مثلاً:

سياري ۾ ٿڌ گهڻي ٿيندي آهي ۽ اونهاري ۾، گرمي.

*

انسان مٽيءَ مان پيدا ٿيو آهي ۽ شيطان، باهه مان.

*

دنيا ڪافر لاءِ آهي ۽ آخرت، مومن لاءِ.

پهرئين جملي جي ٻئي ڀاڱي ۾ به لفظ 'گهڻي ٿيندي آهي' استعمال ٿيڻ گهرجن، پر فني اعتبار کان، يعني عبارت کي مختصر ڪرڻ ۽ تڪرار کان بچڻ خاطر انهن کي حذف ڪيو ويو آهي ۽ انهن جي بدران هلڪو دم ڏنو ويو آهي، جو مذڪور لفظن جي ترجماني ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح ٻئي جملي ۾ 'پيدا ٿيو آهي' لفظن کي ورجائڻ بدران ڪاما ڏني ويئي آهي. ٽئين جملي ۾ فعل 'آهي' حذف ٿيل آهي، جنهن جي جاءِ تي ڪاما آيل آهي.

ض- ندائي يا خطابي لفظن جي پٺيان هميشه ڪاما ايندي آهي، مثلاً:

ادا، اوهان سان ملي ڏاڍو خوش ٿيا آهيون.

*

اي انسان، تون پنهنجو قدر سڃاڻ.

*

يا الله، اسان کي نيڪ ٿيڻ جي توفيق عطا ڪر.

*

عزيزو ۽ دوستو، اوهان کي هميشه حق جي حمايت ڪرڻ گهرجي.

خط يا درخواست ۾ خطابي يا مرحبائي لفظن جي پٺيان ڪاما ايندي آهي، مثلاً:

پيارا پاڻ، خوش هجو شال.

*

جناب اُستاد صاحب، منهنجي ڏن ڏينهن جي موڪل منظور ڪرڻ فرمائيندا.

ط- مڪالمي يا گفتگوءَ ۾ ڳالهائيندڙ کي ڪاما ڏيئي علحدو ڪبو آهي، مثلاً:

سرور ٻڌايو، ته ٻچاءَ بند ڀڄي پيو آهي.

*

وزير اعظم يقين ڏياريو، ته ملڪ کي خوشحال، مضبوط ۽ طاقتور بڻايو ويندو.

*

خليفي باغائيءَ کان پڇيو، ”تنهنجي سالاني آمدني ڪيتري آهي؟“

باغائي ورائيو، ”حضور، بس ٻچن جو گذران مس ٿئي ٿو.“

ظ- ائڊريس ۾ شهر ۽ ملڪ جو پتو ڏجي ته شهر کي ڪاما جي رستي جدا ڪجي، مثلاً:

حيدرآباد، سنڌ.

تاريخ لکڻ ۾ مهينو ۽ ڏينهن سال کان ڪاما ڏيئي جدا ڪجي، مثلاً:

٧ جنوري، ١٩٨٧

سيميڪولن يا اڌ دم (؛)- سيميڪولن يا اڌ دم جملي جي اُنهن ڀاڱن کي جدا ڪندو آهي، جي ترڪيب ۽ معني جي لحاظ کان مڪمل ۽ هڪٻئي سان ڳنڍيل هوندا آهن. سيميڪولن اهڙي وقفي يا ٻيهڪ جي نشاني هوندي آهي، جا پوري دم کان ڪجهه گهٽ ۽ ڪاما کان وڌيڪ يقين ڪرڻ واري هوندي آهي.

سيميڪولن هيٺين حالتن ۾ استعمال ٿيندو آهي:

ا- سيميڪولن اهڙي مرڪب جملي ۾ ڪم ايندو آهي، جنهن جا ڀاڱا حرف عطف سان ڳنڍيل نه هوندا آهن، مثلاً؛

ميئنهن ڏاڍو ٿو وسيء ڇنا ميٽهن سڀ وهي ڇڙيا آهن.

*

جهنگ ۾ سج لهڻ سان اونده ٿي ويئي، اسان کي رستو هٿ ني نه پيو اچي.

ب- جيڪڏهن مرڪب جملي جا ڀاڱا ڊگها هجن يا وقف جي ٻين نشانين سان جدا ٿيل هجن، ته ان حالت ۾ ڀاڱن کي ڳنڍيندڙ حرف عطف جي اڳيان سيميڪولن ڏيئي سگهجي ٿو، مثلاً؛

ڳالهائيندا ٻولائيندا، ٻئي ڄڻا وچي اسٽيشن تي پهتاسون؛ پر جيسين گاڏي اچي، اخبارون ولي پڙهڻ لڳاسون.

*

رات جو اچا اسان نڪتاسون ني مس، ته اچي ميئنهن ڪڙڪيو؛ سو اسان جا سمورا ڪپڙا ٻڏي پيا.

ت- حرف عطف جي اهڙن لفظن جي اڳيان سيميڪولن ايندو، جي ظرفي معنيٰ ڏيندا هجن ۽ مرڪب جملي جي ڀاڱن کي ڳنڍيندا هجن، جهڙوڪ: تنهنڪري، البت، ته پوءِ، تنهن هوندي به ۽ نيٺ وغيره، مثلاً:

هاڻي سج لهڻ تي آهي؛ تنهنڪري، اسان کي هلڻ گهرجي.

*

هو ته مڃي ني نه پيو؛ نيٺ، ڪجهه ڏئي وٺي جند ڇڏائي آيس.

ث- جملي جي انهن ڀاڱن کي سيميڪولن ڏيئي جدا ڪبو آهي، جنهن ۾ عبارت جي سلسليوار لفظن کي ڪاما ڏنل هجي، مثلاً:

ميٽنگ ۾ سوسائٽيءَ جا هي عهديدار چونڊيا ويا: گل محمد، صدر؛ رحيمداد، نائب صدر؛ الهڏتو، سيڪريٽري؛ ۽ ڪريم بخش، خزانچي.

*

اسان جي انجمن جا خاص مقاصد هي آهن: جي غريب ۽ يتيم هجن، تن جي مالي مدد ڪرڻ؛ جن جو پاڻ ۾ جهڳڙو هجي، تنهن کي نبيرڻ؛ ۽ جن جو جائز ڪم ڪٿي ڦاٿل هجي، تنهن کي سرانجام ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

ڪولن يا ڏم (:). ڪولن يا ڏم جو استعمال هيٺين حالتن ۾ ٿيندو آهي:

۱. جڏهن شين جو تفصيل، انهن جي فهرست يا ياداشت ڏيڻي هوندي آهي، مثلاً:

انسانن تي ٽن قسمن جا حق آهن: الله جا، انسانن جا ۽ نفس جا.

*

پنج وقت نماز فرض آهي: فجر، ٻپهري، ٽيپهري، سانجهي ۽ سومهڻي.

*

هيٺيان شهر ڇا ڪان مشهور آهن؛
ڪشمور، نصرپور، هالا.

*

سوسائٽيءَ جي فنڊ مان هيٺيان ڪم ڪيا ويا آهن؛

غريب شاگردن کي اسڪالرشپ ڏني ويئي آهي؛ يتيمخاني ۾ کاڌو ۽ ڪپڙو ورهايو ويو آهي؛ بيوهه عورتن کي امداد ڏني ويئي آهي؛ ۽ ڪجهه رقم ڏڪاريل ماڻهن لاءِ رکي ويئي آهي.

ب ـ جڏهن ڪنهن جي قول، بيان يا تقرير جو حوالو ڏبو آهي، مثلاً:

شاهه صاحب فرمايو آهي: نيڻهن جي حقيقت نهائينءَ کان سکڻ گهرجي، جيڪا اندر ۾ پيئي پچي ۽ پچري، پر ٻاهر ٻاڦ نه ٿي ڪڍي.

*

ڳالهه ڪندا آهن: هڪڙو بادشاهه ساري عمر تخت تي نه ويٺو، پر زمين تي ويهي حڪمراني ڪندو هو.

*

ملڪ جي صدر تقرير ڪندي چيو ۽ عوام کي گهرجي، ته ٿوري ٿوري ڳالهه تي برهم نه ٿين، صبر کان ڪم وٺن، ۽ همت ۽ حوصلي جو مظاهرو ڪن.

ت ـ جڏهن جملي ۾ ڪنهن عبارت يا بيان جي تصديق ۾ ڪو جامع اصول يا دليل ڏنل هجي، مثلاً:

سنهنجو دوست بازار ۾ هليو، ته حساب ڪرڻ ئي نه اچيس. نيٺ اڍائي روپيه وڌيڪ ڏيئي اچي گهر نڪتو: علم کانسواءِ اوندهه آهي.

*

ٻاهر وڃي نفعو ته چڱو حاصل ڪيائين، پر گهر ٻار سڀ برباد ٿي ويس: اهو سون ئي گهوريو جو ڪن ڇني.

ڊيش يا ننڍي ليڪ (ـ). ڊيش يا ننڍي ليڪ هيٺين حالتن ۾ استعمال ٿيندي آهي:

١ـ جملي جي هلندي بيان ۾ اوچتو پيو ڪو خيال ظاهر ڪيو وڃي يا ان جي سلسلي کي ٽوڙي ڪا ٻي ڳالهه ڪئي وڃي ته ان جي اڳيان ڊيش استعمال ڪجي، مثلاً:

مريم ماءُ سان پئي ڳالهايو ـ آخر ڪهڙو سبب آهي، جو سائهن ۾ سچ چوڻ جي جراَت نٿي ٿئي.

*

مان تہ توکي سهڻي صلاح ڏني-يار، تون تہ کو عجيب شخص آهين.

*

ب- ڪنهن واقعي بابت خيال يا راءِ ظاهر ڪرڻ کان اڳ ڊَيش ڏبي آهي، مثلاً:

هڪڙي جوان هام هڻي، تہ هو اڪيلو دنيا جي چوڌاري چڪر لڳائيندو-۽ هن ائين ڪري ڏيکاريو.

*

دنيا جي گذريل وڏي لڙائيءَ ۾ انتها جي تباهي مچائي ڇڏي- انسان ڪهڙو نہ سخت دل ۽ بيرحم ٿي پيو آهي.

ت-جملي ۾ بيان يا عبارت جي وضاحت ۾ جيڪڏهن ڪي لفظ يا اصطلاح استعمال ٿين، تہ انهن جي اڳيان ڊَيش اينديِ، مثلاً:

بس گهڻو سامان ڪونهي-هڪڙي پيتي، هڪڙو بسترو، ۽ هڪ چٽي.

*

اسان شاديءَ ۾ ٿورا ماڻهو گهرايا آهن-پنهنجا ويجها مائٽ، خاص دوست، ۽ ڪي ڄاڻ سڃاڻ وارا ڪامورا.

*

قرآن-مسلمانن جو ديني ڪتاب-عربي ٻوليءَ ۾ آهي.

*

هماليہ-دنيا جو اُتاهون جبل-سڄو سال برف سان ڇانيو پيو هوندو آهي.

ٿ- جملي ۾ عبارت جي لفظن يا اصطلاحن جي سلسلي کي ڊَيش ڏيئي، پڄاڻان ان جو خلاصو پيش ڪبو آهي، مثلاً:

هو ٽپو ڏيئي ڀت تي چڙهيو، اندر وڃي دروازو کوليائين، ۽ ٻنڌ ٿيل ماڻهن کي ٻاهر ڪڍيائين - اهو سڀ ڪجهه هن اک ڇنڀ ۾ ڪري ورتو، نه ته ڪيترين جانيون ضايع ٿين ها.

*

شين جي گهٽ پيدائش، ذخيره اندوزي، ۽ گهرج ۾ اضافو - اهي مهانگائيءَ جا مکيه ڪارڻ آهن.

ج - جملي ۾ انهن لفظن کي ڏيکارڻ جي ذريعي الڳ ڪبو آهي، جيڪي غير ضروري هوندا آهن، ۽ عبارت ۾ خلل وجهندا آهن، مثلاً:

تون درياهه جي ڪپ تي پهچندين - ڏيان ڏيئي ٻڌ - توکي پار پهچائڻ لاءِ ٻيڙي ملندي.

*

تو ڪافي عرصو ڪم ڪيو آهي - ڪيئن، سمجهين ٿو نه - هاڻي توکي آرام ڪرڻ گهرجي.

ڏنگيون ليڪون (( )) ۽ بياني ليڪون ([ ]) -

الف - جڏهن ڪنهن جملي ۾ معنيٰ يا اشاري طور ڪي لفظ ڪتب آڻبا آهن، ته اهي ڏنگين ليڪن جي وچ ۾ رکبا آهن، مثلاً:

سوڊاني ماڻهو (حبشي) رنگ جا ڪارا ٿيندا آهن.

*

سکر براج (پاڻيءَ جو بند) سنڌ جي زراعت لاءِ هڪ وڏو وسيلو آهي.

ب - جملي ۾ ڏنل وضاحت يا سمجهاڻي، جنهن جو جملي ۾ مکيه عبارت سان گهاٽو تعلق نه هجي، ۽ جنهن کانسواءِ جملو گرامر جي لحاظ کان مڪمل هجي، تنهن کي ڏنگين ليڪن ۾ وجهجي، مثلاً:

منهنجو پٽ (هاڻي خير سان جوان ٿيو آهي) ننڍي هوندي مون کانسواءِ رهي نه سگهندو هو.

*

منهنجو دوست گذريل عيد جي ڏينهن (وچارو ڪيترو عرصو بيمار رهيو) گذاري ويو.

ت ـ جملي ۾ ڪو انگ يا ڪا رقم تصديق خاطر ڄاڻائجي، ته اها ڏنگين ليڪن ۾ وجهجي، مثلاً:

سيٺ پنهنجي منشيءَ کي پنجويهه هزار (٢٥٠٠٠) روپيه بئنڪ ۾ جمع ڪرائڻ لاءِ ڏنا.

*

دستاويز ۾ ڪل رقم ١٧٥٠٠٠ (اکرين هڪ لک پنجهتر هزار) روپيه ڏيکاريل آهي.

*

ث ـ جملي ۾ ڏنگين ليڪن ۾ ڏنل عبارت جي لاءِ وضاحت جي ضرورت هجي، ته اها بياني ليڪن ۾ وجهجي، مثلاً:

مون دڪاندار کي چيو، ته پيسا تمام گهٽا آهن (پنجاهه روپيه [٥٠-/ روپيه] قيمت ٻڌايائين)، ڪجهه نه ورتم ۽ موٽي آيس.

*

دنيا ۾ جيتري قدر آدم وڌي رهيو آهي (انسان جي تخليق [روزمره جو اضافو] ته قدرتي امر آهي)، اوتري قدر موت جي رفتار به تيز ٿي ويئي آهي.

*

اقتباس يا واڪ جي نشانين جي اندر انهي عبارت کي بياني ليڪن ۾ وجهجي، جيڪا ڄاڻايل قول جو حصو نه هجي، مثلاً:

اجلاس ۾ هڪ آزاد ميمبر چيو: ”اسان جو ملڪ تڏهن صحيح معنيٰ ۾ آزاد رهندو ۽ ترقي ڪندو، جڏهن الله جي احڪامن [قراني دستور] موجب عمل ڪيو ويندو.“

*

خليفي پنهنجي خطاب ۾ چيو: ”ماڻهن کي بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي [خوف فقط خدا جو هجي] اخلاص ۽ ايمانداريءَ سان پنهنجو فرض ادا ڪرڻ گهرجي.“

ج - حسابي ڪم ۾ عام طرح ڏنگين ليڪن ۽ بياني ليڪن جو استعمال گهڻو ٿيندو آهي، انهن کي بعضي ضرب جي نشانيءَ طور ۾ استعمال ڪبو آهي، مثلاً:

$$۲\left(\frac{۱}{۳}+\frac{۱}{۴}\right) \cdots\cdots ۱$$

$$\left(\frac{۱}{۳}+\frac{۱}{۵}\right)\left(\frac{۱}{۳}+\frac{۳}{۴}\right) \cdots\cdots ۲$$

$$\frac{۹}{۲۲}\left[\frac{۵}{۹}+\frac{۴}{۹}\left(\frac{۳}{۴}-\frac{۵}{۲۳}\right)\right] \cdots\cdots ۳$$

۲- جملي جي آخر ۾ ايندڙ نشانيون:

پورو دم: (.)

سوال جي نشاني: (؟)

احساس جي نشاني: (!)

پورو دم (.) - جملي ۾ ڪا عبارت يا ڪو بيان ختم ٿيندو آهي، ته پڇاڙيءَ ۾ پورو دم ڏبو آهي، مثلاً:

اسان جو ملڪ معدني شين جي خزانن سان ڀرپور آهي.

*

سيالڪوٽ ۾ راندين جو بهترين سامان ٺهندو آهي.

انگريزيءَ ۾ خاص طرح، لفظن جون مقصر يا مختصر صورتون استعمال ٿينديون آهن، جن جي پٺيان پورو دم ڏنو ويندو آهي. اهڙو رواج ٻي ڪنهن عام ٻوليءَ ۾ نہ آهي، البت سنڌيءَ ۾ بعضي، ماڻهن جا نالا يا انهن جون علمي لياقتون انگريزيءَ جي طرز تي لکيون وينديون آهن، مثلاً:

ايم . ڪي . عباسي،

ايم . اي .، پي . ايڇ . ڊي

*

مملڪتي وزير يو. اين . او . ۾ ملڪ جي نمايندگي ڪرڻ لاءِ ويل آهي.

سوال يا استفهام جي نشاني (؟)- جنهن جملي ۾ ڪا ڳالهه پڇيل هوندي آهي، تنهن جي آخر ۾ استفهام يا سوال جي نشاني ڏبي آهي، مثلاً:

انسان جي جسم ۾ رت ڪيئن ٺهي ٿو؟

*

شيشو ڇا جو ٺهيل آهي ۽ ڪهڙي ڪم ايندو آهي؟

*

آبهوا جو مدار ڪهڙين ڳالهين تي هوندو آهي؟

احساس جي نشاني (!)- جنهن جملي ۾ آرزو، عجب افسوس، ساراهه يا نفرت جو اظهار ٿيل هجي، تنهن جي آخر ۾ احساس جي نشاني ايندي آهي. ان کي تاثر جي نشاني به چئبو آهي، مثلاً:

الله ڪري، شل منهنجي ٻهاڙي سرهي ٿئي!

*

سمنڊ ڪيترو نه اونهو آهي، جو ان ۾ جبل جيڏا جهاز ٿا ترن!

*

جو پار نديءَ پئي ٻتيم ٿو ٿئي، سو ڪيڏن نه ڏکن ۾ ٿو پلجي!

*

آهه، هڪ نيڪ ۽ معتبر عالم جو موت دنيا لاءِ ڪيڏو نه نقصان آهي!

*

واهه، حياتي ڪهڙي نه وڻندڙ ۽ پياري آهي!

*

ڪڏ ۾ پوي، ٻيڙي بلا نري ڇڳي آهي!

اقتباس يا واڪ جون نشانيون (" ")- اصطلاح ۽ اقوال، پهاڪا ۽ چوڻيون، يا ڪنهن جو چيل قول يا الفاظ، هوبهو تضمين طور، جڏهن ڪنهن جملي يا عبارت ۾ ڪم آڻبا آهن، ته

انهن کي اقتباس يا واڪ جون نشانيون ڏيئي پڌرو ڪبو آهي، مثلاً:

شاهه صاحب فرمائي ٿو: ”ذات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي.“

*

سچل سائين جو قول آهي: ”ٻيون سڀ ڪوڙيون ڳالهيون سچا، سچو عشق الستي.“

*

سائن چيو آهي: ”وت ڪان وڏيڪ وڪ نه ڪٽجي.“

*

هڪ بزرگ تقرير ڪندي چيو: ”نالي ۽ نسل تي ناز ڪرڻ، سونا ۽ مايا تي مغرور ٿيڻ، اڻ هوندي اسباب تي آسرو ڪرڻ، بي بنياد ڳالهين تي اعتبار ڪرڻ ۽ الله کي ڇڏي انسانن تي ڀروسو ڪرڻ نادانن جو ڪم آهي.“

٢١- تقويم يا جنتري يا ڪئليڊر

قدرت جي ڪارخاني ۾ وقت جو تعين يا حدبندي انسان جي زندگيءَ لاءِ نهايت ضروري آهي، جنهن کانسواءِ زندگي هوند بي معنيٰ ٿي پوي ها. انسان کي هر قدم تي وقت جي ضرورت پوي ٿي، ۽ انهيءَ ڪري خداوند تعاليٰ خود وقت جي تجديد ڪئي آهي، جهڙوڪ: سال جو مدو، مهينن جو تعداد ۽ ڏينهن جي ڦيرڦار وغيره. سج ۽ چنڊ خود انهيءَ وقت جي تعين لاءِ بنا تبديل ۽ تعطل جي هميشه گردش ۾ رهن ٿا.

هرهڪ سال، بلا استثنيٰ، ٻارنهن مهينن جو ٿيندو آهي. تاريخ جي لحاظ کان سال کي سن چيو ويندو آهي. اسان جي ملڪ ۾ ٻه سن استعمال ٿيندا آهن:

١. اسلامي يا هجري سن.

٢. عيسوي سن.

اسلامي يا هجري سن **هجرت** کان شمار ڪيو ويندو آهي. هجري سن عيسوي سن مطابق ١٨ جولاءِ ٦٢٢ کان شروع ٿي ٿو. هجري سال جي هر مهيني جي شروعات چنڊ ڏسڻ سان ٿيندي آهي، انهيءَ ڪري ڏينهن جو تعداد هڪ ڪرو نه هوندو آهي- ڪنهن مهيني ۾ ٽيهه (٣٠) ڏينهن ٿين ته ڪنهن ۾ اوڻٽيهه (٢٩). انهيءَ حساب سان سال ۾ اٽڪل ٣٥٤ ڏينهن ٿين ٿا، مگر انگريزي ڪئلينڊر موجب سال ۾ ڪل ٣٦٥ ڏينهن ٿيندا آهن، ۽ هر مهيني جي ڏينهن جو تعداد مقرر هوندو آهي، اهڙيءَ طرح جو هڪ مهيني ۾ ايڪٽيهه (٣١) ڏينهن ٿيندا آهن، ته ٻئي ۾ ٽيهه (٣٠) ڏينهن.

اسلامي مهينن کي قمري مهينا به چئبو آهي، ڇاڪاڻ ته مهينن جو حساب چنڊ ڏسڻ سان ٿيندو آهي. اسلامي سال **محرّم** کان شروع ٿيندو آهي.

اسلامي مهينا:

١- محرم	٣٠ ڏينهن
٢- صفر	٢٩ ڏينهن
٣- ربيع الاول	٣٠ ڏينهن
٤- ربيع الآخر يا ربيع الثاني	٢٩ ڏينهن
٥- جمادي الاول	٣٠ ڏينهن
٦- جمادي الآخر يا جمادي الثاني	٢٩ ڏينهن

نوٽ: اسلامي سال ۽ انگريزي سال ۾ يارهن (١١) ڏينهن جو فرق آهي، ۽ ڇاڪاڻ ته چنڊ جي ڏسڻ سان مهينا مقرر ٿيندا آهن، تنهنڪري مختلف مندن جا مهينا ڦرندا رهندا آهن، مثلاً: محرم جو مهينو ڪڏهن سانوڻ ۾ ايندو آهي، ته ڪڏهن سياري ۾، ڪڏهن سرءُ ۾ ايندو آهي، ته ڪڏهن بهار ۾. اهڙيءَ طرح ٻين مهينن جي وقوع ۾ پڻ ڦيرو ايندو آهي، پر انگريزي سال جي هرهڪ مند جو ميعاد مقرر هوندو آهي.

٧- رجب	٣٠ ڏينهن
٨- شعبان	٢٩ ڏينهن
٩- رمضان	٣٠ ڏينهن
١٠- شوال	٢٩ ڏينهن
١١- ذي القعدة	٣٠ ڏينهن
١٢- ذي الحجة	٢٩ ڏينهن
ڪل تعداد	٣٥٤ ڏينهن

بعضي مسلمانن جي ڏيتي ليتي هندو واپارين سان هوندي آهي، يا ڪيتي واڙي ڪندڙ ڪڙمي ڪاري هندڪن مهينن ۾ حساب ڪندا آهن. هندڪي سال جا مهينا وڪرماجيت جي زماني کان شمار ۾ ايندا آهن، جنهن کي سنبت چئبو آهي، جو عيسوي سن کان اٽڪل ستونجاهه (٥٧) سال پوءِ شروع ٿئي ٿو ۽ ان جو پهريون مهينو ڪتي ليکجڻ ۾ ايندو آهي، يا وري ٧٨ عيسويءَ کان، جنهن کي شاليوان چئبو آهي، جنهن جو پهريون مهينو چيٽ ليکيو ويندو آهي.

هندڪو سال به ٻارهن مهينن ۾ ورهايل هوندو آهي، ۽ هرهڪ مهيني ۾ پورا ٣٠ ڏينهن هوندا آهن. هرهڪ مهينو وري ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل هوندو آهي: ڏينڪٽ ۽ ڏيڍ، پهرئين اڌ کي چون سُدي ۽ پوئين کي چون بدي. تاريخ کي ڏڻ چوندا آهن.

هندن ۽ عيسائين جو سال شمسي مهينن ۾ ورهايل هوندو آهي.

نوٽ: مٿي ڄاڻايل اسلامي مهينن جي ڏينهن جو تعداد اندازاً ڏيکاريو ويو آهي، حالانڪ اهو ضروري ناهي، ته هڪڙو مهينو جو ٣٠ ڏينهن جو ڏيکاريو ويو آهي، سو اوترو ئي هر سال رهي، ڪڏهن ٢٩ ڏينهن جو به ٿيندو آهي، يا وري ٻه مهينا لاڳيتا ٢٩ يا ٣٠ ڏينهن جا به ٿي سگهن ٿا.

هندڪي سال جا مهينا:

١- چيٽ	اڌ مارچ	کان	اڌ اپريل
٢- ويساک	اڌ اپريل	کان	اڌ مئي
٣- جيٺ	اڌ مئي	کان	اڌ جون
٤- آکاڙ	اڌ جون	کان	اڌ جولاءِ
٥- ساوڻ يا سيراڻ	اڌ جولاءِ	کان	اڌ آگسٽ
٦- بڊو	اڌ آگسٽ	کان	اڌ سيپٽمبر
٧- آسو	اڌ سيپٽمبر	کان	اڌ آڪٽوبر
٨- ڪتي	اڌ آڪٽوبر	کان	اڌ نومبر
٩- نائري يا منگهر	اڌ نومبر	کان	اڌ ڊسمبر
١٠- پوهه	اڌ ڊسمبر	کان	اڌ جنوري
١١- مانگهه	اڌ جنوري	کان	اڌ فبروري
١٢- ڦاڳڻ يا ڦڳڻ	اڌ فبروري	کان	اڌ مارچ

مندن کي ھڪڙو رکڻ لاءِ هندو ڇهن ڇهين سال هڪ مهينو گڏيندا آهن، جنهن کي لُنڊ يا اڌڪ چئبو آهي.

پڙهيل ماڻهو گهڻو ڪري پنهنجو حساب ڪتاب انگريزي مهينن ۾ رکندا آهن. انگريزي سال ٻه ٻارهن مهينن ۾ ورهايل هوندو آهي، جن مان ڪنهن مهيني ۾ ٽيهه ڏينهن ته ڪنهن ۾ ايڪٽيهه ڏينهن هوندا آهن؛ پر فبروري مهيني ۾ اٺاويهه (٢٨) ڏينهن هوندا آهن؛ ۽ انگريز چوٿين چوٿين سال هڪ ڏينهن منجهس وڌائي ٢٩ ڪندا آهن.

انگريزي سال جنوري مهيني کان شروع ٿيندو آهي، ۽ ان جا مهينا هي آهن:

١- جنوري	٣١ ڏينهن
٢- فبروري	٢٨ يا ٢٩ ڏينهن
٣- مارچ	٣١ ڏينهن
٤- اپريل	٣٠ ڏينهن

٥- مئي	٣١ ڏينهن
٦- جون	٣٠ ڏينهن
٧- جولاءِ	٣١ ڏينهن
٨- آگسٽ	٣١ ڏينهن
٩- سيپٽمبر	٣٠ ڏينهن
١٠- آڪٽوبر	٣١ ڏينهن
١١- نومبر	٣٠ ڏينهن
١٢- ڊسمبر	٣١ ڏينهن

سال جو هرهڪ مهينو چئن هفتن جو هوندو آهي ۽ هر هفتو بنا اختلاف ستن ڏينهن تي مشتمل هوندو آهي؛ البت، ڏينهن جا نالا جداجدا هوندا آهن. مسلمانن ۽ عيسائين ۾ ڏينهن جي شروعات بابت بہ اختلاف آهي. مسلمانن جو هر ايندڙ ڏينهن سج لهڻ کانپوءِ شمار ٿيندو آهي ۽ عيسائين جو اڌ رات گذرڻ کانپوءِ، مثلاً: مسلمانن لاءِ جا جمعه جي رات هوندي آهي (يعني خميس جي ڏينهن کانپوءِ ايندڙ رات)، سا عيسائين ۽ هندن جي لاءِ خميس جي رات هوندي آهي.

مسلمانن ۽ هندن جي ڏينهن جا نالا بہ نرالا هوندا آهن:

مسلمانن جا ڏينهن	هندن جا ڏينهن
٠١ چنڇر	چنڇر
٠٢ آچر	آڏتوار، آرتر، آرتوار، آئتوار
٠٣ سومر	سومر
٠٤ اڱارو	منگل
٠٥ اربع	ٻُڌر
٠٦ خميس	وِسپت
٠٧ جُمعه، جمعو	ٿانور، ٿارون، شڪر.

سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپايل ڪي ٻيا ڪتاب

١. جامع سنڌي لغات (ڀاڱو ٢): ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
صفحا: ٥٣٠، قيمت: ٥٠-٠٠

٢. جامع سنڌي لغات (ڀاڱو ٣): ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
صفحا: ٥٣٠، قيمت: ٥٠-٠٠

٣. سنڌي معلم: ڊاڪٽر غلام علي الانا
صفحا: ١٥٨، قيمت: ٣٠-٠٠

٤. سنڌي زبان جي بنيادي لغت: غلام رباني ۽ ٻيا
صفحا: ٢٢، قيمت: ٤-٠٠

٥. ونٿپتي ڪوش: جهمٽ مل نارو مل وسٽاڻي
صفحا: ٢٧، قيمت: ٤-٠٠

٦. گل شڪر: ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي
صفحا: ٢٧٤، قيمت: ١٢-٠٠

٧. قديم سنڌ جا شهر ۽ ماڳهو: مرزا قليچ بيگ
صفحا: ٤٠٤، قيمت: ٢٥-٠٠

٨. تحقيق لغات سنڌي: ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
صفحا: ٣٠٠، قيمت: ٣٠-٠٠

ملڻ جو هنڌ

مئنيجر
سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال
اسٽيشن روڊ، ڄامشورو ۽
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(جي-بي-او باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ.)

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڀِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻئي جي مدد ڪرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي تي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلمَ حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نـه هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نـه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)